کوکڑ یا کلیاڑ

استاد بخاري



روشني

ڪوڪڙ يا ڪليان

(بيت ۽ وايون)

استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

A Roshni Book No. 123

ڪتاب جو نالو: ڪوڪڻ يا ڪلياڻ
شاعر: استاد بخاري
ڇاپو: ٻيو © روشني 1997ع
ڪمپوزنگ ۽ پرنٽنگ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
قيمت: 225.00 رپيا
150

KOOKAN YA KALYAN
By: USTAD BUKHARI

Edition: Second © Roshni, 1997
Composed & Printed By: Fine Communication Hyderabad, Sindh.
Published By: Roshni Publication, Kandiaro

انتساب

امن

انصاف

انسان جي نارا

او شل، آنڌ، آنڌير تي اهڙو موت اچي!
ڪٽنب ڪِيس، ڪَلور مان باقي ڪونہ بچي،
ڏيهان ڏاڍ، ڏڇي، وارا ويلَ جَلِي وڃن!

•

سٹاءِ

○ نئين ڇاپي لاءِ پ اکر	ڊاڪٽر الطاف بخاري	5
○ پنهنجي پاران	استاد بخاري	6
○ جهرمر تارا جهول پر	سراج الحق ميمڻ	10

اُونپ آهَ الکَ

اُرنپ آهَ الکَ	19
عَجَبَ جهڙيون آنهريون	26
اک ۾ گهاٽو جيءُ جاڳاٽو	39
اُٿي آڏي رات جو	70
عشق، عَقل جي اور	80
جيڏهن کيڏهن جوت	90
ڏوڏا ڏيان ڏڳاءِ	94
رُتِ ۾ رَنگَ رَتي	100

سَجاڻ

منهنجي لاءِ مَجاڻ	103
اندر ڏڳي آڳ	122
هيءُ جو حُسن حُضور	141
گلشن گذر گاهه	149
آرس پيجي اُوءِ	151
نوري، ناري نيٺ	161
گهوريو وڇوڙو	173
وڇوڙو وصال	180
ساروٽي سولي ڪٽي	188
او قاصد ڪانگا	205

اُوچو سوچي اچ	214
اڱڻ آيم اڄ	224
ڪا جا ڳالهه ڳڻي	232
کامن ڀلي کَر	240
دلبر جو دربان	242
هٿ ۾ ڏيئي هٿ	244

موکي متارا

سري ري نہ سري	255
موکي تنهنجي منڌ ۾	264
سري تي سايو	272
ڪاڪ ڪَلالي ڪُوءِ	279
محفل ٿي ميدان	285
وڏو وهه ۽ وات	291
پيئڻ، پيارڻ پُن	300
کاهوڙي کيڪار	306
وسڪي، جن، وڊڪا	317

دردن دوائون

بيمارين جا ڀيد	323
اندرئي انسان اندرئي حيوان	337
ڏاڍو ٿيو ڏکندو	342
ڍوليا ڊاڪٽر	346
ڊوها ڊاڪٽر	355
ويڄ وڏا وهوا	359
ڏڏن ڏنڀن وچ ۾	362
ناهي ڪو ناسور	365
آسارو اڪسير	371
ثاني سرجڻهار	379

نئين چاپي لاءِ پر اکر

بابا سائين استاد بخاريءَ جي ڪتاب "ڪوڪڻ يا ڪيلاڻ" جو پهريون چاپو، سنڌالاجيءَ طرفان پڌرو ٿيو، جيڪو ڪافي عرصي کان مارڪيٽ ۾ اڻ لڀ هيو. ان ضرورت تحت روشني پبليڪيشن طرفان هي ٻيو چاپو چپائي پڌرو ڪيو پيو وڃي. هي اذارو بابا سائينءَ جا ڪتاب جنهن پيار ۽ جذبي سان چپائي پيو ان لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.

بابا جي اڻ چپيل ڪتابن جي پڌرڻ ٽيڪ کان پوءِ سمورو مواد نئين ترتيب سان چپائڻ جي تمنا آهي. ان سلسلي ۾ محترم علي نواز گهانگهرو ۽ علي دوست عاجز جو ساٿ هميشه رهيو آهي ۽ رهندو.

علي دوست ۽ بابا جو رشتو ادبي ۽ روحاني هو، پر هن سان اسان جو رشتو پائرن وارو آهي. هو اسان جو ستون پاءُ آهي، تنهن ڪري هي سڄو ڪم سندس فرض ۾ شامل آهي.

اسان جي ڪوشش آهي ته بخاري سائينءَ جا باقي ڪتاب به پڙهندڙن تائين جلد پهچايون، جيڪا هن قوم جي امانت آهي.

ڊاڪٽر الطاف بخاري

استاد بخاريءَ جو گهر- غريب آباد- دادو.
10-9-1997

پنهنجي پاران

قهرن ۾ ڪوڪڻ وڌي، قرين ۾ ڪلياڻ،
سِڪڻ جي سنسار جو سَج اهو اهڃاڻ،
محفل ۾ مانڌاڻ، تنهنجي ماڻ مُٺي وِڌو.

مُٺي ماڻ منجهان اُڌو، محفل ۾ مانڌاڻ،
ڇِلجين، ڪَلجين، ڇيهجين، ڇو نه پڇين ڇاڪاڻ؟
ڪُڇڻ مان ڪلياڻ، ماڻي سگهندين مارڪا!

• ڪوڪڻ يا ڪلياڻ؟– نالي مان منهنجو مطلب آهي ته پنهنجي پاڙي، ديهه ۽ ديس کان دنيا جي گولي تائين، هن وقت ڪوڪڻ وڌيڪ آهي يا ڪلياڻ؟ ڪن خِطن، ملڪن کي ڇڏي، خاص ڪري ٽين دنيا جي ديسن سان ته اهو سوال وڏو واسطو رکي ٿو.

• هن ڪتاب ۾ سر ڪلياڻ جي ڪن موضوعن تي وڌيڪ وچور سان لکيو ويو آهي. ڪي مضمون رهجي به ويا آهن ته ڪيترا نوان عنوان لکجي به ويا آهن. هر موضوع کي ماضيءَ کان حال تائين پهچائڻ ۽ وچواري صدين جي وڇوٽيءَ کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

• شاهه عنايت، لطيف سائين ۽ سچل سرمست وارو دور گهڻو اڳي پنهنجو وارو وڃائي ويو. صوفين جي خانقاهن ۽ فقهي تعليم وارن مدرسن کان وڌيڪ هاڻي جديد علمن جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کلي چڪيون آهن ۽ کلن پيون، جتي نون سائنسي طريقن سان حياتيات، طبيعات ۽ علم ڪيميا جون وڏيون ليبارٽريون تجرباتي ۽ عملي ڪم ڪري رهيون آهن. نئين ٽيڪنالاجيءَ جو دور دورو آهي. سماجي مسئلن تي نون تجربن رستي نئين روشنيءَ ۾ نئين طرح ڇنڊڇاڻ ٿئي پئي: وقت جي ضرورت مطابق نئين نموني جون اقتصادي رٿابنديون ۽ تعليمون شروع ٿي چڪيون آهن.

• مابعدالطبعيات تي جيڪڏهن سوچجي ته ٿو ته فل استاف يا پورو دم بنجي ته، پر حرف ندا يا سوال جي نشاني ٿي- انساني عقل، فهم ۽ اصلاحي ادارا، مطالعا، مشاهدا ۽ تجربا ڪندا اڳتي وڌندا ٿا هلن. پلي ڪان پلي لاءِ جاکوڙ ۽ جاچ جاري آهي. انهي ڊوڙ ڊڪ ۾ ترقي سان گڏ تباهيءَ جي تياري به تيز ڪان تيز ٿيندي ٿي رهي. هڪ هنڌ ٽڪ ٻڌي ٻيهڻ يا پنٽي پرڪڻ واري ڪابه ڳالهه ڪانهي. هلندڙ دور کي سرگ نرگ هٽ جي ترين تي آهن.

توڙي جو ايٽم بمي، ليزر شعاعي، استار وار واري دور، جيوت ۽ جگت کي موت جي پيانڪ ياڏ تي آڻي ٻيهاريو آهي، تڏهن به زندگي جي بقا بهرحال فنا تي فاتح آهي. جيئڻ ڪارڻ، سو به جرڪي جيئڻ لاءِ انساني حيلن، وسيلن ۽ فڪرن همٽ نه هاري آهي. مجموعي طرح انسان ذات خودڪشيءَ جو نه، پر زندگي زنده دليءَ جو فيصلو ڪيو وڌندي هلي... اهي عڪس يا اولڙا به هن ڪتاب ۾ پڌرا هوندا.

• عشق ۽ عقل جو جهيڙو ادب جو پراڻو بحث آهي. جڏهن ڪان انسان ۾ سُرت، ساڃاهه جو سَلو ايريو آهي، ڏينهون ڏينهن اسرندو وڃي. منهنجي سوچ موجب جوش تي هوش هوري هوري حاوي ٿيڻ گهرجي، مون (هن وقت) پنهي (عشق ۽ عقل) جي ضرورت ۽ عظمت تسليم ڪئي آهي. عقل کي اجاگر ڪرڻ لاءِ کي نوان مثال به مهيا ڪيا اٿم.

• مجاز کي آڇڪي، آب جهڙي جسماني گهرج به سمجهيو اٿم ته روحاني خوراڪ به. مجازي محبت جي معاملن کي ڪافي تفصيل سان ڪنيو ويو آهي، ۽ هر پاسي کي هر لحاظ سان ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڇاڪاڻ جو مجاز وکوڙي به چوڌاري ڇڏيو آهي. هن ڪتاب ۾ ان جي ويهن عنوانن تي لکيو ويو آهي. ڪن مضمونن ۾ ته صفا نئون رنگ پريو ويو آهي. مثال: اوچو سوچي اڇ، هٽ ۾ ڏيئي هٽ ۾ انقلاب.

• موڪي متارا: موڪي عورت آهي. (عورت جا ٻيا به ڪردار آهن. مثال: سهڻي، سسئي، نوري وغيره) پر موڪي ميخاني سان لاڳاپيل آهي. غمخوار دلدار به آهي ته ڪڏهن ۽ ڪٽي دوڪيباز به. هن ڪتاب ۾ موڪيءَ جي ڪردار کي الڳ الڳ نموني بيان ڪيو ويو آهي. موڪي سنڌ، هنڌ مان نڪري سڄي سنسار تائين ڦهلجي وئي آهي. موڪي ڪٽي رنگ برنگي دنيا به ٿي پئي آهي. (اڳين اديبن به دنيا کي عورت ڪوئيو آهي.) دنيا جا رنگ به موڪي ۽ ميخاني جا رنگ آهن. جي قديم زماني

وارا ۽ آهن ته جديد دور جا ۽. مٿي ۽ ميخاني جو بيان الڳ الڳ زاويي کان ڪيو ويو آهي. متارا مرد آهن، مشتاق آهن، ٽٽل تاسا پياسا آهن، دانا ۽ آهن ته مستانا ۽، فنڪار، قلمڪار، پريتوند پورهيت ۽ آهن. جن جي آجيان ميخاني کي ڪرڻي آهي ۽ ڪرڻي پوندي.

• درد، دوائون: درد آهن ته دوائون ۽ آهن، مرض پراڻا نگرا ناسور ۽، ته نوان پکڙيل ۽. انساني ذهني، نفسياتي بيمارين ڏانهن ۽ ڪي اشارا ملندا. ڊاڪٽر ڊولپا ۽ ته ڊوها ۽. بهرحال اپاءَ ۽ علاج جاري رهندا. جيستائين بيماري رهندي، حيلا ۽ هلندا رهندا. ڪوبه آواز لاعلاج ناهي! جيڪڏهن اٽندي ئي اپاءَ، سجاڻ ۽ علاج ڪيو وڃي ته اميد، عزم ۽ صحيح عمل اڪسير سمجهڻ گهرجن. ڪتاب ۾ بيماريون اهڃاڻ طور ۽ استعمال ڪيل آهن. تان جو ڪن آزارن کي هن وقت سنڌ ۾ ڏاڙن، ڦرن لٽ، اغوا، قتل غارت جي تمثيل طور ڪٿ ڪتب آندو ويو آهي.

• معاشري ۽ ان جي مسئلن تي لکل ٽوڪ يا چٽر کان سواءِ ڪُليل ٽٽول کان ۽ ڪمر ورتو ويو آهي. جنهن لاءِ مجاز ۾- "کامن پلي کر"، "دلبر جو دربان." موکي متارا ۾ "محفل ٿي ميدان." ۽ درد دوائون ۾ "ڊوها ڊاڪٽر"، "ويد وڏا وهوا".

• هر باب يا داستان جي بيٺن جو منطقي نتيجي تي پهچڻ لاءِ گهٽو ڪري، اڳتي کان اڳتي اوسر ٽٽي ٿو. هر موضوع جا آخري اکٽر ڪري نتيجي خيز يا فيصلي ڪن نظر ايندا. هونئن ۽ هن ڪتاب جو پيٽو ڪٽي ڪيترن ۽ رنگن ۽ شيدن وارو ڏيک ڏٽي، پر تاجي هر صورت ۾ ارتقائي رجحان ۽ روشن خيالي جي ترجمان نظر ايندي.

• وايون: وائي هڪ ڪلاسيڪي صنف ۽ آهي ۽ وائي جي معنيٰ آواز يا ڪلام ۽ آهي. وائيءَ تي موضوعاتي نوان کان ويندي گهاڙيٽي جي جوڙجڪ ۽ ناهه ٺوهه تائين نوان تجربا ڪيا ويا آهن. اهو ۽ لحاظ رکيو ويو آهي ته جهڙي مقصد جا بيت اڳ ۾ ڏنل هجن، وايون ۽ ان جي پٽيرائي ڪندڙ هجن، انهيءَ مراد سان ته جيڪا وائي ڳائجي ته ان جا بيت ۽ پَر ۾ ميسر هجن، يا بيت آلاپجن ته انهن لاءِ وايون موجود ملن.

• ڪراچي ٽي. ويءَ تان ڪنهن سگهڙ کان ۽ ٽي اهڙا بيت ٻڌم جن کان متاثر ٿي "ڏرڙي جي ۽ ذريءَ... وارا بيت لکيم."

• بختاور آهن اهي شاعر، جو لکن سو ترت کتابي صورت ۾ چپجي پڌرو ٿئي. هن کتاب جو کاڻي مواد ڪئين سال چپجڻ لاءِ آتو رهيو. ڪجهه مواد تازو تواتو ۽ ٿئون نڪور به آهي. ڪيترن پين سُرن (موضوعن) تي به لکيو پيو آهي. اهي به، اول خير، ستواري اوهان اڳيان آڻڻا آهن.

• ٿورا مجان ٿو:

قدرت جا، چڱڻ جا، جيوت جا ۽ سنگت جا.
جنهن زبان مون کي ڏني آهي زبان،
ان زبان جـا ٿيڻ ٿورا لاهڻا ٿم.

هن کتاب لاءِ جن ساڻين صلاحون ڏنيون: محترم محمد ابراهيم جويو. (جويي صاحب جي ستيال هيڻ ئي هي کتاب چپيو). محترم ڊاڪٽر الهداد بوهيو، محترم سليم سولنگي، محترم عثمان ميمڻ، محترم حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محترم شمس سومرو. (قربداريون!)

محترم سراج الحق ميمڻ. سراج صاحب رواني گردش سان گڏ پنهنجي ادبي تخليقي ڪم ۾ سوگهي هوندي به نهايت ئي قيمتي وقت قربان ڪري، منهنجي کتاب تي مختصر مگر پر مغز ۽ عالمانو مهاڳ لکي، مجموعي جو مان وڌايو آهي. (مهربانيون!)

آخر ۾ احسانمند آهيان ستڌاجي اداري ۽ ان جي ڪارڪنن جو. خاص ڪري محترم مهتاب اڪبر راشدي، محترم قادر جوڻيجي ۽ محترم الهه بچائي پٽي جو.

مهتاب صاحبه جي سوچ، سعيي ۽ سهائتا سان هي شعري مجموعو ادبي ميدان ۾ اچي سگهيو آهي. (ٿورا نه ٿورا مون تي مارونڙن جا.)

پريس وارن اهلڪارن، تلمڪارن، فنڪارن جي ته آجيان ڪرڻي ئي آهي. (ڪاهوڙين ڪيڪار. ڪرڻي پوندي ڦرب سان.)

استاد بخاري

1986-6-11

غريب آباد، دادو، سنڌ.

جهرمر تارا جهول ۾

بولي انسان جي ايجاد آهي، پر محسوس ائين ٿو ٿئي جڻ ته پاڻ وهيئي آهي. ان کي ناهڻ ۾ جيڪو اجتماعي پورهيو ڪتب آيو، ان ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ٿو وڃي. بوليءَ جا لفظ ڪٿهن "حقيقت" جا اهجاڻ آهن، پر هر اهجاڻ ۽ اجتماعي سطح جو آهي. اها سچائپ اجتماعي آهي. لفظ "متي" هڪ طبعي شئي جو نالو ۽ اهجاڻ (Symbole of Reality) آهي، متيءَ کي متي سڏڻ ۾ ڪنهن هڪ فرد جي نہ، پر اجتماعي قبوليت کي دخل آهي. شاعر يا اديب انهن اهجاڻن کي توان حوالا ڏيندو آهي، ۽ نون حوالن منجهان ئي لفظن جون نيون معنائون جنم وٺنديون آهن. ان حيثيت ۾ ئي شاعر يا اديب کي "تخليق ڪندڙ" سڏيو ويندو آهي. پر ان تخليقي عمل کي به جيسين اجتماعي قبوليت نہ ملندي تيسين لفظ اهي نوان حوالا، نيون معنائون پاڻ ۾ سمائي نہ سگهندا آهن. نوان حوالا يا نيون معنائون شاعر يا اديب جي جذبن ۽ احساسن جي ظفيل جڙندا آهن. ان دائري ۾ به، جيسين کو جذبو يا احساس اجتماعي جذبن ۽ احساسن جو عڪس نہ هوندو، تيسين نہ ادب ۽ شاعريءَ ۾ جذب ٿي سگهندو، نہ عام قبوليت حاصل ڪندو ۽ نہ ئي لفظن ۾ نوان حوالا ۽ نيون معنائون رائج ٿي سگهنديون. شاعري پيغمبري ڏهن ٻڌندي آهي. جڏهن اها انسان جي اجتماعي جذبن، احساسن، ڪرب ۽ ادراڪ سان هم آهنگ ۽ هم قدم هجي. اهائي ڪسوٽي آهي، جنهن تي ڪنهن شاعر جي اهميت ۽ عظمت کي پرکيو آهي. ڄيتوڻيڪ پرکيندڙ يا نقاد ان معيار کي شعوري طرح سامهون نہ رکندو آهي، پر هن جي تجربي ۽ تجزئي جي پويان اها ڪسوٽي ئي ڪندي آهي.

اهائي ساڳي ڳالهہ شاعريءَ جي ترڪيب ۽ گهاڙيٽن سان آهي. جيڪڏهن ڪنهن شاعر جو جوڙجڪ اهڙو آهي، جنهن ۾ انفرادي نوان نہ آهي، پر اجتماعي يا تهذيبي هم آهنگي نہ آهي نہ اها به تخليق جي عظمتن کي حاصل نہ ڪري سگهندي آهي. اياز تي لکندي مون لکيو هو تہ:

"اياز هن مجموعي ۾ مختلف گهاڙيٽن جا تجربا ڪيا آهن، ۽ ڪامياب تجربا ڪيا آهن. چاڪاڻ ته اياز شعر جي هنرمنديءَ ۾ به وڏو ڪاريگر آهي، پر تڏهن به منهنجي خيال ۾، اهي ڌاريان گهاڙيٽا، جيڪي اسان جي پنهنجي ڪلچر جو حصو بنجڻ جي صلاحيت نه ٿا رکن، انهن تي تجربا ڪرڻ مان ڪارج يا سڪلتا نٿي ملي. اياز جهڙو وڏو شاعر انهن کي نياڻي ته وڃي ٿو، پر پڙهڻ کان پوءِ کا ڳالهه ڪٿل، غير مڪمل يا ائين چٽجي ته اڻ ٺهڪندڙ لڳي ٿي.

(چند چنبيليءَ ول- ص 11)

هڪ ٻئي حوالي سان به شاعريءَ کي جاچبو آهي، پرکبو آهي، ۽ سو حوالو آهي جذباتي يا احساساتي ماحول جو. هر بوليءَ کي پنهنجو هڪڙو مخصوص ماحول هوندو آهي. ان ۾ زمان ۽ مڪان جي احاطي ۾، احساس ۽ جذبن جو دائرو خاص اهميت رکي ٿو. ان ماحول جي پيش منظر ۽ پس منظر ۾، بوليءَ جي گهرائي، جذبن جي سچائي ۽ سُر ۽ وزن جي خوبصورتي جي ته- پاسي هم آهنگي (Tri-dimensional harmony) ڪنهن شاعر کي عظمت جي اها سَنَدِ ڏيندي آهي. جيڪا هن کي تاريخ ۾ مستقل جاءِ وٺي ڏيندي آهي. پر هتي آءٌ وري به اجتماعي حيثيت جي اهميت کي ورجائڻ گهرندس. ان ئي معنيٰ ۾ مون اياز لاءِ لکيو هو ته:

"اياز جو استعارو البت ڪٽي ڪٽي اهڙو ڳوڙهو ۽ غير عام ٿي ٿو وڃي، جو ان خاص ديو-مالا جي رکڻ کان سواءِ، هرڪو پڙهندڙ ممڪن آهي ته ان جي اهميت ۽ تهه تائين پهچي نه سگهي. پر اياز جو اهڙو شعر آهي به انهن پڙهندڙن لاءِ، جن کي ان جو ادراڪ آهي."

(چند چنبيليءَ ول- ص 11)

اهي آهن اُهي معيار جن تي آءٌ، شاعر نه هوندي به، شاعريءَ کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ممڪن آهي ته ڪي شاعر همراهه انهيءَ پرک يا سمجهائيءَ سان متفق نه ٿين، پر دنيا جي سموري ادب ۾ انهن ئي معيارن کي اهميت آهي.

سنڌ ۽ سنڌي بولي ان نقطئه نظر کان بختاور آهن ته اسان وٽ ڪوڙ سارا عظيم شاعر پيدا ٿيا آهن. اها بختاوري ان حقيقت جي باوجود آهي ته سنڌ جو وجود هر دور ۾ جوکن جي پل صراط تان لنگهندو رهيو آهي، ۽ سنڌي بولي، پنهنجي انتها شاهوڪاري ۽ جديد زماني جي سائ ڏيڻ جي امڪانن (Potentialities)

هوندي، ان جي ڳالهائيندڙن جي بي حسي، بيوسي ۽ غير دورانديشيءَ جي طفيل عدم وجود ڏانهن گهلبي وڃي. جنهن ٻوليءَ کي هزارين ورهين جو تهذيبي ۽ تمدني ورثو هجي، جنهن جي هڪڙي هڪڙي لفظ جي پويان هزارين سالن جي اهڃاڻن جي تاريخ هجي، جنهن ۾ لطيف، سچل، اياز ۽ استاد بخاريءَ جهڙا شاعر هجن، ان تي فخر ڪرڻ، گدگد ٿيڻ هڪ ڳالهه آهي، پر جنهن کي اسين سائنس خلائي سفر ۽ ڪامپيوٽر جي زبان نه بنائي سگهون، ۽ ان کي تاريخ جي "رديخاني" ۾ سنيارجڻ ۽ نيٺ مري وڃڻ لاءِ ڇڏي ڏيون، اها ٻي ڳالهه آهي. مون کي ياد آهي ته هلال پاڪستان ۾ اڄ کان 13-14 سال اڳ مون هڪ ايڊيٽوريل لکي، سڏ ڏنو هو ته اچو ته سنڌيءَ لاءِ رومن رسم الخط اختيار ڪريون. تڏهن يارن دل تي گاريون ڏنيون هيون. جيڪڏهن سنڌيءَ کي جديد سائنسي شعور جو همسفر بنائڻ جي صلاح ڏيڻ ڏوهه آهي ته ان ڏوهه جو ڏوهاري هجڻ لاءِ قبولي مجرم آهيان.

ان مرحلي کان اچو ته استاد بخاريءَ جون ڳالهيون ڪريون، جنهن سڏ ڏنو آهي ته:

اسان سان اتهاس، اوريا حالَ اَسُر جو،
اڱڻ انڌ اوهاڳ پر، نظر ناهه نراس،
پَريان پَسُ رَسي ويا، وڄا، ورن، واس،
اُهاءَ بنجي آس، چوپاسي چمڪڻ لڳا!

استاد بخاري اتان جو آهي، جتي سنڌ جي تاريخ ۽ اتهاس پنهنجو جوڀن گذاريو آهي. ايئن ٿو ڀانئجي ته سنڌ جي تاريخ ۽ اتهاس جو شعور هن جي لفظن ۾ اوتجي آيو آهي. هن سنڌ جي اصلي وارثن- ڳوٺن، وسين ۽ واهڻن جي رهواسين- سان گڏجي وجود جا گوندر گهاريا آهن. ان ڪري هن جي لفظن ۾ زندگيءَ جون متحرڪ ۽ جيئريون جاڳنديون حقيقتون عڪس بنجي ٿيون اڀرن. ۽ هو استاد به آهي، ان ڪري تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي هن جي ذهني افق کي ايترو روشن ۽ وسيع ڪري ڇڏيو آهي جو هن ڌرتيءَ ۽ هن ڌرتيءَ جي ماروئڙن جو اصل، سچو، نبار روپ هن جي سِٽ سِٽ ۾ جرڪڻ لڳو آهي. هيءَ ڌرتي ۽ ان جا ماڻهو هن جي شاعريءَ جي محرڪن جو محور آهن. هن سنڌ جي ماڻهوءَ کي سنڌ جي معاشري ۽ ان جي تاريخي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڏٺو آهي، سڃاتو آهي، هو ويهين صديءَ جو شعور هنن سان ونڊڻ ۽ ورڇڻ گهري ٿو. موت، حيات، ڪائنات جي ڏند ڪٿائن جي

تصوراتي تثليث ۽ صليب تي ٽنگجڻ بدران هن "حقيقت" جي موجود پل، هلندڙ لمحي کي منزل بڻايو آهي، ۽ ان ڪري هو ماضيءَ بدران حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. هو اميد ۽ رجائيت جو شاعر آهي، جنهن کي انسان جي آئيندي- سڀڻ جي انسان جي آئيندي- ۾ ايمان آهي، جيڪو وجود جي ويڑهه ۾ انتهاس، علم، عقل کي هٿيار بنائي وڙي رهيو آهي.

منهنجي سامهون استاد بخاريءَ جو "ڪوکڙ يا کليان؟" آهي. استاد جو جيترو به شعر مون پڙهيو آهي، ان جي حوالي سان آءٌ اهو چوندس ته استاد تجربي جي انهن سرحدن کي ڇهڻ جي پرپور ڪوشس ڪئي آهي، جتي شاعري پيغمبري بڻجندي آهي. هن جي لفظ لفظ ۾ هڪ ڪُوڪ آهي. جيئن مون شروع ۾ چيو، سچو شاعر بولي‌ءَ کي معنائن جا اهي خزانا ڏيندو آهي، جن ۾ اجتماعي شعور جي حوالي سان اجتماعي قبوليت نظر ايندي آهي. لفظن، ترڪيبن، تشبيهن ۽ استعارن ۾ مون استاد بخاريءَ وٽ هڪڙو به اهڙو لفظ، هڪڙي به اهڙي تشبيهه، هڪڙو به اهڙو استعارو نه ڏٺو آهي، جنهن ۾ اجتماعي شعور جو اولڙو نه هجي، جنهن ۾ اجتماعي جڏبن ۽ احساسن جا ڪرڻا نه هجن، ۽ جن ۾ اجتماعي قبوليت جا امڪان نه هجن. نواڻ ۽ ندرت جي طلب ۽ ڪوشش شعوري به هوندي آهي ته پاڻ وهيڻي پڻ. استاد ان پاڻ وهيڻي نواڻ کي فن جو درجو عطا ڪري چڏيو آهي.

اسان جو ڪلاسيڪي ادب- ۽ خاص طرح شاعري- نه رڳو اجتماعي شعور جي ڪري اُسان کي متاثر ڪري ٿي، پر ان ڪري به جو ان جو سڌو سنئون ناتو ۽ رشتو ڏرتيءَ ۽ عام ماڻهن سان آهي. ان روايت کي سائ ڪئي، جنهن به شاعر تجربا ڪيا آهن، ان کي سندي شاعريءَ ۾ وڏو مان ۽ مرتبو ملیو آهي. اياز، استاد بخاري، تنوير جا مثال اسان جي اڳيان آهن. اياز ڪلاسيڪي ادب جي روايت کي جديد ڏهن سان قبول ڪندي، پنهنجي شعر ۾ نئون شعور اوتيو آهي، پر اهو شعور، جيئن مون اڳي ۾ چيو آهي، ديومالائن جو محتاج نه آهي. اياز عوام جي شعور کان متيرو ٻيهي شاعري ڪئي آهي. استاد بخاري، شعور متاهون رکي ٿو، پر هو عوام جي شعور جي سطح تي لهي، هنن سان مخاطب ٿئي ٿو.

ڪلاسيڪي شعر جو بيت هجي يا وائي، ٻئي اجتماعي قبوليت رکن ٿا. ان ڪري منجهن تجربي ڪرڻ جي گنجائش به وڌيڪ آهي. منهنجي نظر ۾ استاد بخاريءَ وائيءَ ۾ حيرت انگيز تجربا ڪيا آهن. شاعر جي تجربن جي ٻيٽ ڪرڻ ته

جڳائي، پر آءُ سمجهان ٿو تہ استاد بخاري وائيءَ ۾ جيڪي خوبصورتي، لئي ۽ توازن جا تجربا ڪيا آهن، سي بي مثال آهن. ان سان گڏوگڏ هن ڪٽي ۾ پنهنجي شعوري پيغام ۾ جهول ٽيڻ نہ ڏنو آهي. اها وڏي ڳالهہ آهي. اياز جون ڪي ڪي وايون چرڪائيندڙ محسوس ٿيندڙيون اٿم، پر استاد جي هر وائيءَ ۾ نئون حسن محسوس ڪيو اٿم.

اڄ ڳالهہ جي اهميت ان ڪري ۽ وڌيڪ آهي جو انسان جي ڪلاسيڪي ادب جي سردارن- شاهہ عنايت، لطيف ۽ سچل جي دورن ۾ سُرن، داستانن ۽ مضمونن ڪي تصوف ۽ وحدت الوجود جو وسيع دائرو حاصل ٿيل هو. استاد بخاري ويهين صديءَ جي شعور ڪي ساڻ ڪنيو آهي، جنهن جو دائرو اڄان انسان وٽ تمام محدود آهي. ان ڪري تجربي ڪندي وقت استاد جو قلم ضرور ڪٽيو هوندو.

استاد جي پهرين ئي وائي چرڪائڻ جهڙي آهي. ان ۾ نئون شعور نہ آهي ئي، پر ان جي گهاڙيٽي ۾ جيڪا نواڻ آهي، سا پنهنجو مَٽ پاڻ آهي-

ازلَ، ابدَ جا، حَدَ بيحَدَ جا،
- پَلڪ پَلڪَ پاڇا،
اڪ آئينو، اچرج سيتوا

سَوَ سمجهاڻيون، پر هَٽَ هاڻيون،
ڇا ۽ چوين ڇاڇا،
اڪ آئينو، اچرج سيتوا.

ان وائيءَ ۾ بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ هڪ پاسي نئين شعور جا پاڇا ۽ پاڇولا آهي تہ ٻئي طرف سطح عوامي آهي ۽ ڳوڻائن جي سمجهہ سان مطابقت ٽي رکي. "ڇا ۽ چوين ڇاڇا." اهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا عوامي شعور جي سطح تي مخاطب ٽيڻ جو انداز آهي ۽ ان کان سواءِ ان ۾ اندرين موسيقيت ۽ عوامي انداز جي آهي. ان وائيءَ کي لئہ ۾ جهونگاري ڏسو تہ ڳالهہ سولي ٽي پوندي. منهنجي خيال ۾ ڪلاسيڪي ادب کان سواءِ سنڌين جي سڃاڻ سگهڙن جي روايت کي ۽ استاد نهايت ادب سان اختيار ڪندي، اها نواڻ پيدا ڪري سگهيو آهي. لفظن ۽ ترڪيبن جو حسن ۽ عوامي آهي، "هٽ هاڻيون سمجهاڻيون" اهڙي ترڪيب آهي جو واهہ واهہ نڪريو وڃي.

وائي سنڌي شعر جي راڻي آهي. ان ۾ ڪوڪَڙ جو انداز نمايان آهي. (شايد استاد جي ذهن ۾ ڪتاب جو عنوان به ان حوالي سان آيو هجي.) وائيءَ ۾ مخاطب ٿيڻ جي انداز جي بدران واردات جو عنصر وڌيڪ هوندو آهي، پوءِ اها قلبي واردات هجي يا روحاني واردات هجي. ان جي ردعمل طور جيڪا دانهن دل مان نڪري ان کي ڪنهن سُر ۾، ڪنهن لئ ۾، وزن کي ذهن ۾ رکي، جهونگاريڻ سان شاعر جيڪو تاثر پيدا ڪري ٿو، سو شايد ٻي ڪنهن به صنف ۾ ممڪن ڪونهي. بنيادي ڳالهه اها آهي ته ان ۾ راڳڻيءَ جو انتخاب لفظن سان هم آهنگ هجي. لفظ وري ان جي خيال سان هم آهنگ هجن. مون عام طرح محسوس ڪيو آهي ته جڏهن به ڪو ڳائڻو، وائيءَ کي غلط راڳڻيءَ ۾ ڳائيندو آهي تڏهن لفظن مان اها معنيٰ ئي ادا نه ٿيندي آهي. جنهن لاءِ شاعر اها وائي جوڙي آهي. وائيءَ جو سموروَ نظام- لفظ، اندرين ۽ باهرين موسيقي، معنيٰ ۽ وراڻي- ايترو هم آهنگ ۽ وزن وارو هوندو آهي جو ڪنهن به هڪ جزي سان هٿ چراند ڪرڻ سان وائي وائي نه رهندي. ان ڪري وائي مقبول ترين گهاڙيٽو هڻڻ جي باوجود سڀ کان ڏکي صنف آهي. استاد بخاريءَ جي واين منجهان سواءِ ٻن يا ٽن واين جي ڪنهن ۾ به اهڙو ڪو جهول نظر نه آيو آهي. ائين چوڻ ۾ ڪوبه اهم ڪونه ٿو پاڻيان ته وايون سنڌي ادب ۾ شاعر جو لاڀاڻي حصو آهي. هڪڙي وائيءَ جون هي سٽون ڏسو.

تَنَ مَنَ ۾ ڪا تاڻ، ڪنهن جي ڪاڻ،
تَنَ مَنَ ۾!

مان ته ڪئي مائار ميان پر، محل ۾ ماندائ،
ڪنهن جي ڪاڻ،
تَنَ مَنَ ۾!

سُورَ سياڻي هِينڊن نه هوندا، آکن تا اهجاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ،
تَنَ مَنَ ۾!

اوت اجا 'استاد بخاري' سِٽ سِٽ ۾ سرهاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ،
تَنَ مَنَ ۾!

لفظن جي سنگيت کي فقط محسوس ئي ڪري سگهبو آهي، پر هن وائيءَ ۾

استاد جي رجائيت به هڪ سنگيت بڻجي ٿي. متاثر ڪري، وراڻيءَ ۾ ايتري تُزُ ۽ متوازن رمز آهي، جو هر سٽ پڙهڻ کان پوءِ، خودبخود ڌيان ان ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي. هڪڙي ٻي وائيءَ ڏانهن به ڌيان ڇڪائڻ تي دل گهري ٿي.

اوتـــون آڇينـــدو،
جوتون ورڇيندو، ايندو، ويندو ڪو!
ويندو، ايندو ڪو!

ماڻهوءَ جي مرجات نه مرڻي، هاڻهو موکيندو،
ايندو، ويندو ڪو!

بستي بستي، موسم موسم، خوشبو کيڙيندو،
ايندو، ويندو ڪو!

ان جهڙيون ڪيتريون ئي خوبصورت وايون، هر عنوان هيٺ ملن ٿيون. استاد جيڪي موضوع مقرر ڪيا آهن، انهن جي حدبندين جي باوجود، هن جي وائين مان اهائي سڳنڌ ۽ هٻڪار ٿي اچي، جيڪا سچن جذبن جي ڀونءَ مان اٿندي آهي.

استاد هن ڪتاب ۾ جيڪي باب مقرر ڪيا آهن ۽ انهن کي جيڪي نيون معنائون ۽ نوان حوالا ڏنا آهن، سي اسان جي وقت ۽ صورتحال جي مناسبت سان بلڪل نوان ٿا لڳن. جيتوڻيڪ انهن جو بڻ بنياد سنڌ جي اهائي ڪلاسيڪي روايت آهي، جيڪا سدا حيات آهي، بيتن جو رنگ به مڪمل طرح ڪلاسيڪي آهي، پر انهن ۾ نون موضوعن، نين معنائن ۽ نئين شعور جون رنگينيون آهن.

جيسين استاد بخاريءَ جهڙا شاعر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پيدا ٿيندا رهندا، تيسين هيءَ ٻولي پنهنجو ڳاٽ اوچو رکندي ايندي.

سراج

ڪراچي- 20 مئي 1986ع

آرنپ آهه الک

آرنبُ آهہ اَلک *

o

الله ئي آول، الله ئي آخِر،
اچرج، روز آزل، عبرت، اِينگهہ آبد تي.

o

وقت، وَڻون، ڏاڻءَ ڏاڪَ، سارهَہ سرجڻهار جي،
اِحساس ۽ اِدراڪَ، هائِس ۾ حيران ڏيا.

o

آرنب آهہ اَلک، جنهن جي لِک نہ لَک،
لکين رکيل ڪَک، اِنهي اُونهي آرٿ تي.

o

اول آهہ آڏاهُہ، آخِر ڪهڙا ڏاهَہ؟
حيرٿ تي حيرت وِتي، سُرت، سَمڪ، ساجاهَہ،
علم، عقل جي ڪاهَہ، اجا اوراهين رهي.

o

آرنبَ جي اهجاڻ جي، سوڪي ناهہ سُجاڻ،
سگهجي سمجهي 'سو' نہ ڏو، سهسين سمجهڻ ساڻ،
اجا جاڻ اجاڻ، اِنهي اُونهِيءَ اوک ۾.

---

* آرنب: مَنڊ، شروعات، اول. اَلک: غير محسوس، غائب، بي نشان، اڻ لکو.
وقت: زمان. وَڻون: ساز سامان، مادو. ڏاڻءَ ڏاڪَ: مڪان. هائِس: حيرٿ، تعجب.
اَرٿ: مطلب، مقصد، معنيٰ. اوک: جاچ، کوجنا، تحقيق.

○

پاڻهي ئي پاڻهي، سرجڻ گهرجي ڪِي به ڇو؟
پاڻهي پاڻهي ئي پيو، 'هيج هُئڻ' ماڻي،
ٿِي، جيڪي ٿيندو رهي، جاڻ اهو جاڻي،
آهي ڪو آڻي! اڳي، پوءِ جي آنهري؟

○

جَر، ٿَر، اَنبَر ٽاڻءُ، جُڙي جرڪيو خير سان:
ڪڏهن آيو، ڪيئن هيءُ هيڏو ڏاهو ڏاڻءُ؟
هُئڻ ٿُنهنجو هاڻءُ! 'حيرت حيرت' پيو ڪري.

○

ڳائي: دَسڻ، داڪ؛ ڪِيرتَ: قطب، ڪهڪشان!
بَنسي ڪنهن جي باڪ؟ شفق ڪنهن جي شاعري؟

○

عَرشان، فرشان، ڪَشِشان، اچي ڪا ارڻاڪ،
سوچون ڪنهن جي ساڪ؟ شَيون ڪنهن جي شاهديَ؟

○

هستيءَ ڪي ڪنهن جي هٿي؟ ٽاڻي ڪنهن جي ٽيڪَ؟
ڪڏهن ۽ ڪاڻان مليا، سورج توڪي سيڪ؟

○

آرنپ رَندُ آننت، ۽ آخر اِينگهه آگهورُ،
باقي وِچُ بچيو سو بيشڪ پَنيو پُورُ،
نِسري اُسري نورُ، اونداهي انڌڪار مان.

اَنبر: آڀ، آسمان. ڪِيرت: ساراهَ، تعريف. ارڻاڪ: شاهدي، گواهي، ساک.
هٿيَ: مدد، سهارو. رَندُ: رستو، پيرن جو نشان، نقش قدم. پَنيو پُورُ: خوبصورت، سُهڻو.

○

ڪينهي جيڏي ڪوپري، حيرت ۾ حيران،
ڪيڏو اهل ڪمال ۾، عقل سان انسان!
شوق شعوري شان، چوڌاري چمڪي پيو.

○

ڇا جا ڀُوت پَريت، ۽ ڇا جا دي دِگران!
منهنجي معلومات ۾، ماٺهو مانَ مَهان.

○

تِيئن وڌي تَپرسُ، جيئن اُجاريون جاچ ڪي،
ڪيڏهن تنهنجو ڪهڪشان! گهمندو وڃي گس؟
ڏسن پويان ڏسُ، پُرجهڻ ڪان پوندو هلي.

○

تِيئن گهٽو تَپرسُ، جيئن اُڌاريون جُوهَ ڪي،
آزل، ابد اورتي، پرتي ڇاهي پَسُ؟
اوسرَ توڪي جَسُ! ووڙئون ووڙ وڌي پئي.

○

ڪائناتي ڪُلُ، سمجهي جُزُ جڏهن!
ماٺهو مُهِم مَهان تي، هَٿيو ناهِي هڏهن،
تون بي تَنبُ تڏهن، صاحبَ، سوبَ پري سُجهي!

○

ڪائناتي ڪُل، سُرت پلي سُونجهي،
سمجهئي مان سمجهي گهٽو، سَرس سدا سَمجهي،
پَنو جو پُرجهي، ديباچو ديوانَ جو.

پَريت: جِنّ، خبيث روح. دي: ديوَ. دِگران: زورآور، طاقت وارا. تپرَسُ: اچرج، حيرت.
مُهِم: مشڪل ڪَرُ، وڏو ڪارنامي جهڙو ڪر. تَنبُ: ٽپا ڏي (خوشيءَ ۾).

○

ڪائناتي ڪُل، ڪيئن ڪو جُزُ ماڻي!
ڪاڻي ٻُڪَ صديءَ جي، ڪاڻي ٽڪ ٽاڻي؟
پاتاران تاڻي، آڪاسان اُڪري تہ ڪِو!

○

ڪائناتي ڪُل، ڪرڻو ڪِرڻو ڪهڪشان،
سو تو باغ گهميو سَڏيون، جو تو سُنگهيو گُلُ!
ماڻڻُ وَقت وڻاڻ کي، جاڻڻُ ڪٽي جُلُ،
هيڏان هوڏان هُل، ماڻهوءَ معلومات جو.

○

اڳيان هوڙيءَ ڪهڪشان، انڌا ها ايوانَ،
بي سوچا پونچالَ ۽ بي سُرتيا طوفان،
انهن مان انسانَ، مُندون ماڻيندا هلن.

○

حَرڪَت مان بَرڪَت بَني، بيچيني پَرپورُ،
جهُرندي، جُڙندي ٽي هلي، دنيا جو دستورُ،
پُورن مان پوڻا ڦٽا، پوڻن وچان پورُ،
پاڻيءَ منجهان پُور، مادي منجهان مامرا.

ٽَڪَ: حَد نشان. ليکو. وڻاڻ: مڪان.

○

متي، پاڻي مُنڊ ۾، ان کان پوءِ انسان،
ٽُبڪي جي تيهين پَتيءَ جيڏا جيوَ جَوانَ،
اِرتقا، اعلان، ماڻهوءَ مانَ ڪندي هلي.

○

سارَهَ کان سُرهو گهٽو، نُوري تُنهنجو نانءُ!
ادب وِچان آنءُ، "نالي مِنو" ڪونيان.

○

بَشر کوڙ، بَشيرُ کو ڪو ڪامِل ڪارڻي،
اُنَ جو ڪونہ نَظيرُ، جنهن کي اونَ جهانَ جي.

○

جُڙيو سو جڪرو، جيڪو جَرڪَ جَهانَ جي،
اُميُ، لک اڪرو، صاحب عِلم، عَمَل جو.

○

يُونءِ اُنهن جي يانَ، يَلو ڪَن جي يُونءِ جو،
هيرُون، سُرهاٽيون ٽنا، بَحر، بَر بَيانَ،
قَمرُ ڪري ڪِيرتُون، شمسُ ورهائي شانَ،
مِنِم مِني جا مانَ، ڪيچان ڪيچَ ڪلام ۾.

نالي مِنو: حضرت محمد ﷺ کي ادب وچان چوندا آهن.
بشيرُ: خوشخبري ڏيندڙ، پلي خبر ٻڌائيندڙ. نظيرُ: مَٽ، مثال.
يانَ: ڪِيرتون ڪندڙ فقير، ثنا خوان. ڪلام: قرآن شريف.

○

ڀَلن کان بہ ڀَلا گهڻا، اُنهن کان بہ ڀَلو،
جيڏا، اهڙي جُوانَ جو ڳوليو ڳڻ ڳلو!
سَرتا سٽ هَلو! پَسو ديرو دوسَ جو!

○

اَحمد اُهڳ هزارَ، گوتَم ڌيان، گيان ۾،
عِيسيٰ کي عِرفان ٿيو، مُوسيٰ آجا آرَ،
ڪِرشن رامَ ڪئي ڏنا، اَرجن کي آچارَ،
ڪَنفيوشس جون ڪوشِشون، زرتِشتي ويچارَ،
مزدڪ جا نُڪتا نوان ابوذر اظهار،
مارڪسي مَنشوز تي، لينن جي لَلڪار،
مائُو جي مردانگي، سوچ ڏٺي سنسارَ،
سَمي پاتا سوڀَ جا هوچي مِن کي هارَ،
پنهنجي پنهنجي وَقت جا وِيرَ وڏا وينجهارَ،
پيدا ٿيندا پاڻ مان مَرد اجا مهندارَ،
حِيلا لک هزارَ، ماڻهو ماڻهن لَئہ ڪندا.

○

ٻاهر اَنبَرَ آرُ مان، اندر ڌرتي آنءُ،
جهڙو روپُ جهانَ جو اَهڙو منهنجو ٿانءُ،
نُوري، خاڪِي نانءُ، فانِي، باقي دائرو.

اُهڳ: سَڳنڌَ، سرهاڻيون. انبَر: اڀ.

○

'جيڪو آهيان سو'، مُون بہ چيو مجبور ٿي،
پاڻ نہ جاڻان پاڻ کي، ڪوهُ سڃاڻي ڪو؟
پَر، مان پانڌي پيار جو، ڪنهن بَر ۾ پٽڪان چو؟
سِڪَ ڪَيم سُرندو، ڳايم ڳيچ ڪلياڻڪا.

○

منهنجو مُرشد مَنُ، مَطلبَ مُرتد ناهيان،
ڏانءُ ڏِهاڙي ڏنُ، ڏيندو رَهندو ذاتِ کي.

○

مُنهنجو مُرشد مَنُ، مَجي مَت مُريدَ،
سُهٽي سوچَ سَعيدَ، سُونهون سچ ڏئي چڏيو.

○

جيڪي بڌجي بُتَ، پُوجائِن پنهنجو پنڌو،
اهڙا ٻيلا ٻُتَ، ٻچين ٻورَ ڪرين نہ چو؟

○

ٻَچي ٻورَ ڪرين نہ چو، ٻُتا ٻيلا، بُتَ؟
هٽجي هاجي - هانءَ ۾، گهاتُنِ واري گهت،
کوڙيون تن کي کتَ، کوٽيءَ کوکيءَ آکِ ۾.

○

ڪوهُ: چا. مُرتد: مُلحد، ڪافر. سعيد: پاڪوند، بختاور، خوش نصيب.

عَجب جھڑيون آنھريون

o

آندر ۾ آھين، عَجب جھڑيون آنھريون،
پل پل پسائين، اولن دُواران اولڙا.

o

اِدراڪن ۾ عَڪس ڪو، پُرجھڻ ۾ پڙلاءِ،
اوسرَ ڀارا سوجھرا، اُپريو اڳنان آءِ!
اسان آھِ اُھاءِ، اُجليو ڏنڊ، ڏڪاءِ تي.

o

آءٌ سو آئينو، تَڪيو جو تڙپيو پوي،
سبوڙھو ڪِٽ سِينو؟ ٽاڙو، ٽاڙو ٽُٻڪڙو؟

o

ماڻھوءَ جي مَستي مَتِي، بَحر مٿان بوڙيو،
پاڻِي، سينورَ، واءَ جي جوڙ اِھو جوڙيو،
ٽانءِ پَريو ٽوڙيو، ھڪڙي لوھَ لھرَ جي.

o

ماڻھوءَ جي مَستي بني، ماڻھن جي مَستي،
قطرا قُلزم ٿيو پَون، پاڻِيءَ ڪا پَستي؟
سُونھين سعيي سوچَ سان هيءَ ساري ھَستي،
پينگ لڳي بَستي، ھي جِي هوشُ ھجي وڃي.

اولن دُواران اولڙا: عڪس مان عڪس. ٽاڙو، ٽاڙو: زمان، مڪان.
ٽانءِ پريو: ھٺ پريو، تڪبر وارو، مغرور. قُلزم: سمنڊ.

○

ماڻهو مورُ مَلوڪُ، مِڙئي مَخلوقات ۾،
هِن کان سَرس سُلوڪُ، سالِڪَ، سَلجي ئي نٿو!

○

لَهرن مٿان لِيڪَ، بيهارين ٿو بانورا!
آڏو آنڌي اُڀَ جي، آکِ رُئي اوريڪَ،
چَڪوراڻي چيڪ، ڪير چُڀائي چندَ کي!

○

سو هيءُ سانت، سُڪون، توڻي جوشُ، جُنونُ،
منهنجو فِڪر، فُنونُ، شاهد عشق عميق جو.

○

ڪوجها رُم رقيب، يا قاصِد، عِشق، عجيب،
هو ۽ هِي حبيب، ساکي تنهنجي سونهن جا.

○

ڪوئِل ڪَڻڇي، ڪانءُ، گونجي ٿين گواهَ،
هِيءُ جو منهنجو هانءُ، دَهڪي، سو به دليل ڪو!

○

ويٺي، بيٺي، ماٺ، ڪوٺنِ پٺيان ڪوٺَ،
ڳجهيون ڳالهيون ڳوٺَ، ٻَڌي ويٺيون ٻُوجهَ ۾.

سُلوڪَ: رستو، نيڪ عمل، ورتاءُ، رَويو. اوريڪ: سخت برسات.
چڪوراڻي چيڪ: چڪور پکيءَ واريِ دانهن. ڪوجها رُمُ: بدشڪل ڪارا.

o

بَکي باک، بَهار ٽئي، جِهرڪين جي جهُون جهُون،
وِسڪي واسَ، وَرن تي، يَونرا ڪن يُون يُون،
گونجي يُونءِ، گگن ۾، هَستيءَ جي هُون هُون،
تَنهن پر دل ۾ تُون، جَنهن پر جوتِ جهان ۾.

o

گاجُون، گل ڦل، گاهَه، هُڪاءَ هُل هُئڻ جا،
تَڙپَڻ، تَند، تنوارَ جا، گرجڻ، گِيت گواهَه،
هي جي سَهڪا ساهَه، نَعرا جِيوَن نيٺهن جا.

o

سَمجهُون سَمون سَچُ؟ رَهندو جُڳُ جَهانَ جو؟
يانيُون مُندِي ماندوو؟ سوچيُون سورج رَچُ؟
ڪوٽيون ڪُرو ڪَچُ؟ ڪَهُون ڪُڏندو ڪيترو؟

o

يَانئڻُ يَنواتيُون، ڪائڻ لڳو خيال ۾،
ڦُلزم ڪائنات ۾، مُعلم جَڻ ماتيون،
پَهرن جون پاتيُون، ماپن آدَڙِگاد چا؟

o

يَانئڻَ بولاتيون، ڪاديُون، خلاءَ کيڙ ۾،
ڪيڏهن ڪير ٻُڌيو وڃي، لاٿُون پُوساتيون؟
دُوريءَ، دُونهانٽيُون، جاڻيون پنهنجي جاڻ جون.

جُڳُ: ڪاڄ، شاديءَ جي مجلس.
ماندوو: ماندو، سائيان، آسمان.
يانئڻ: آپو، هستي، خود پسندي.
کيڙ: ڳولا، تلاش.
خلاءَ کيڙ: خلائي ڳولا، آسمان جي تلاش.

o

يَانئڙُ پَنواڻيون، ڪايو پو بہ ڪِڙيو پوي،
چُريو چَرخو پيو چلي، ڪَتيون ڪي آڻيون،
جوتُون، اوتُون، جيوتُون، گھڻيون ئي گھاڻيون،
چچريون، چيياڻيون، جوڙُون جُنگ لڳيون هلن.

o

گولا، تنهنجي گھومَ، گرمي، سَردي شاهدي،
جگ جھَجھيري جھُومَ، عاشوري يا عيد تي!

o

الائي چا اڳ؟ پَتو ڪھڙو پوءِ جو؟
جاني، ماڻِج جگ! جيڪو تُنهنجي جُوھَ ۾.

o

مُندان مُند مُسافري، آدجگادي دَگ،
وَڳن پويان وَگُ، سالن، صدين جو وهي.

o

جڏهن آدَجگاد جا، جَڪڙن زور زَنجيرَ،
تَڪِن تارا موت جا، تَن تي سِدا تِيرَ،
ٿوڪِن فِڪر فَنا جا، ڪيپراڻِيءَ ۾ ڪِيرَ،
تَڏهن گھرجي جيڏيون، سَڙهئي ساهَ، سريرَ،
ڏرتيءَ جيڏي ڏيرَ، آنبر جيڏو آسرو.

آڻيون: ڏيريون. گولا: ڏرتيءَ جا گولا. ڏِير: دلداري، دلبري، دلاسو، سهارو.

○

عَقل، اوري آچُ، اُٿي آدجڳادِ مان!
جِيوَت - جوت هِتي، اتي ڀنڀَ ڀنواٽي، بَچُ!
نَظارن جي نِرڙ تي، نَظر بنجي نَچ!
محبت ماڻج مَچُ، کائج پيئج، کيجَ ڪج!!

○

ڀَيانَڪ بلئڪ هولُ، ڳاڙها ڳڙڪايو ڇڏي،
جوتُون جنڀيندو وڃي، ڀانڀ نہ ڀرجي بول،
بولائيون ڀُون - گول، کائي پيو تنهن خوف ۾.

○

ڀَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، بُڇا، بَڇُون ٿو ڪرين!
ڏِٺا ڏيهَنِ "جول" ۾، ڊوها تنهنجا ڊول،
ٽاٽا، ٽاٽا، ٽول، ڏچا، ڏهڪايو ڇڏين!

○

ڀَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، مَتو ٿو مَستيون ڪرين!
چڙهيل تنهنجي چال تي، کوٽا ڪيڏا خولَ!
ڀليل تنهنجي ڀولَ، جَلدي لهندِي جوت کان.

○

ڀَيانَڪ 'بلئڪ هولَ'، متان تون مستيون ڪرين!
ماڻهو مَت مَهان ٿِي، عشق، عقل اَڻ مول،
جيوت جوتِ اُجارجي، ڳوٺئين ڳلئين ڳولَ،
تُنهنجا ڏجها، ڏولَ، سَمڪ، سَگهہ سڙهي سگهي.

کيج: خوشيون، مزا. بلئڪ هول: ڪنهن ڪُهني ٽٽل ستاري جي گرد اهو علائقو جنهن مان روشني بہ نڪري (گذري) نہ ٿي سگهي، (جيڪو روشني ڳڙڪايو وڃي.)
"حول" : ج = جپان، و = ويٽنام، ل = لبنان. خول: کوکلائي، خلا، تَهہ.

○

ڪَهڪشان ڪِشڪول، جهرمِر تارا جهولَ ۾،
اوتر، اوجهڙ، زلزلو، ڪڏهن ڪو ٻڙڪول!
لُڏن لاڻُون لاڏليون، چاهَت جي چوڏول،
چوڏاري چوڀول، ڪَشش، قُرب، ڪمال جو.

○

ككڙيءَ مان خوشبُوءِ، سُنگهي سُرت سگهي،
پَسج ۾پَ پيلاڻ ۾، ڪهنبي، روپي روءِ!
هُئڻ تنهنجي هُوءِ، هميشه هوندي هُئي!

○

ڪشڪول: ڪشتو، جهولي ۔ ۷

وايون

ازَل، اَبَد جا، حَد بيحد جا، پَلڪَ پَلڪَ پاڇا،
آک آئـينـو،
اچرج سينو.

فَرش تماشا، عَرش الائي ڇا! ڇا مان ٿيا ڇا ڇا!
آک آئـينـو،
اچرج سينو.

پوءِ تي پوءِ اچون ٿا 'پاپا'! اڳ ڪنهن اوڳاڇا؟
آک آئـينـو،
اچرج سينو.

ڪاٿانِ 'ٿِيءُ' ۽ 'ٿِيڻيون' ڪيتر؟ ڪير ڪري ڪاڇا!
آک آئـينـو،
اچرج سينو.

سَوَ سمجهاڻيون، پر هَٺ هاڻيون، ڇا بہ چوين چاچا!
آک آئـينـو،
اچرج سينو.

جيڪا جانِ جهانن جي آ، سا شَڪتي آ ڇا؟

●

پاپا: پوپ، عيسائين جو وڏو پادري. هَٺ هاڻيون: هوڏ يا ضد واريون. شڪتي: طاقت.

●

جيئڙو جهُومي،
مَنڙو ڏُومي، هِينئڙو ٿيو حيرانُ، هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

سوچَڻ - ساگر کي چاڇولي، تانگهڻ جو طوفانُ، هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

حُسنَ - هوا ۾، عشقَ - اُهاڻ ۾، جاني کو جيئندانُ! هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

ويڑهيو ويروتار وَسنئن ۾، ويچارو ويرانُ، هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

جَرکِي ڏيئو جوت ڏني پيو، اِيئن جئين انسانُ، هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

عِشق ڪري آسانُ بلائون، عشق ڪٽي آسان؟ هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

آدجڳاد "استاد" اسان جي، آسُن جو ايوانُ، هَئہ هَئہ-
هينئڙو ٿيو حيران!

●

ڏُومي: ڏومائون کائي. آسُن: آشائن، اميدن.

ميڙوئي مَنصورُ، يارو!
هَت هَت هَوڪو حَق حَق!
حَق حَق!

تارو تارو، پارو پارو، نعرو ماري نُورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

جو مون جهوليِ: هورُ يا هوليِ، حاضر آهه حُضورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

جهَنگل ڪان ٿو مَنگل تائين، اُڏري پنهنجو پُورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

ڳايو پيارُ، ڳٽايو پورهيو، چايو چَنگ، چَنجورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

سَهج ڏنوسون سِيمَ، سَمِي ڪي، پاڻ سَنوسون سُورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

جُوءِ جڏهن هيءَ گهُمجو، مِلجو، سَرمَد سان ضرورُ، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

ووڙَ، ولاڙون جنهن جي وَسَ ۾، ڏس نه تنهن ڪان ڏور، يارو!
هت هت هوڪو ... ...

آڇي ٿو "اُستاد بخاري"، شُعلو شوق، شعُور، يارو!
هت هت هوڪو ... ...
حَق حَق!

هور يا هولي: غر يا خوشي. جهَنگل ڪان منگل: زمين ڪان آسمان.
سَرمد: مشهور صوفي، جو قتل ڪيو ويو.

●

مون ۾ 'تُون تُون'، تو ۾ 'مان مان'،
آ تہ چڏي ڏيون 'تُون تون' 'مان مان'!

مان ئي بيابان،
جنهن جي هَنج ۾ خُوشبو خُوشبو، تون ئي خيابان!
آ تہ چڏي ڏيون ...

كامُ نہ جانان!
سونهن ۽ سِكَ جي راند رَتيءَ ۾، مان ٿو كامان!
آ تہ چڏي ڏيون ...

دِلبرڏاران،
منڙو ماندو، دلڙي واندي، ياندبو 'يان يان' -
آ تہ چڏي ڏيون ...

تو بن نغمان،
گِيت گلابي، سازَ مِنا سي، كانوَنِ كان كان -
آ تہ چڏي ڏيون ...

محبت مان، مان،
تون ئِي ساكِي سُهٹا ساقي! مُورُ نہ ڏاپان -

"استاد" آهيان،
آئون آدورو ۽ آڻ پورو، سارو توسان -
آ تہ چڏي ڏيون 'تون تون' 'مان مان'!

●

خيابان: بيابان ۽ آباد، سرسبز زمين، "بيابان" جو ضد. كامُ: جَلَ، پَچَ، سَڙ.
پان پان: سكڻو، خالي (يان يان كندڙ)

●

نيـهِـي ناتا ها، مُنهنجا توسان ماڻهپا!
نيـهِـي ناتا ها.

لوءِ لوءِ لولِيءَ ۾ ڏنا، مون کي ماتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

مون هي ياتي پُونءِ تان، چُوندي چاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

ميڙا سادا ماروييءَ، پَنهنجا پاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

ڏرتِي تُنهنجي ڏوڙ ۾، دُولهه ڏاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

آدڙن سانڍ "استاد" تو ڳنڍڻ ڳاتا ها-
نيـهِـي ناتا ها.

●

نيهي ناتا: نيهه لاڳاپا، الوٽ رشتا. لوءِ لوءِ: ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر.
ڏاتا: وهنتا. (ڏائڻ = وهنجڻ)

●

اِيءُ آٿئون آرمانُ، پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ وِيندا!

هَئہ هَئہ هولُ اُنهي آڻ جهَل جو، ڀيمُ ڏِٺُمِ ڀَئيمانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ماڻهو پنهنجي ماڳَ، مَنهنَ ۾، مَهلن جو مهمانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ساڀيان ساري عُمر سَهيڙي، سَپنن جو سامانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

جِيوَن کي جَنجال لڳوسُون، جاڳيوسُون جولانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

واسَ وَرن جي وچ ۾ ويهي، ڪوئل مارِ نہ ڪانُ!
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

ساجهُر هو سنسار "بخاري"، سانجهي ٿيو سُنسانُ–
پاڻ نہ اِيندا، پاڻ نہ ويندا.

●

هولُ: ڊَپُ، خوف، ڀَئہ. ڀئيمان: ڀَئہ ڀريل، ڊنل، ڊڄ ورتل.

•

پيارُ، سَچو پرچارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

مَچ مچائي، وِچ نچائي –
نينهن نَئون نچڪارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

پنڌو ڳوهي، پوءِ به موهي –
سُونهَن پريو سنسارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

ڪوجهَت جهوري، ڪوجهَت جوڙي –
وقت وڏو وِينجهارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

رَندُ رندائي، پَنڌ وڌائي،
ساڻي سو سالارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

قيدَ ڪٽي پيو، جُهد پٽي پيو،
جِيوَنُ جو جونجهارُ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

عشقُ آدو "اُستادَ" اسان جو،
آڃُ سُوڏو آڌارَ،
پاڻ پَڌاري، پاڻ پَساري.

•

پَڌاري: آڇي، ويچي. پَساري: پکيڙي، وڌائي، ڦهلائي.
رَند: رستو، راهَ. سَالار: اڳواڻ، سرواڻ.

"اڪ ۾ گھاٽو، جيءُ جاڳاٽو" *

o

اڪڙين منجھہ آجل ڇڻ ڪجلين منجھہ ڪجل،
پنھنجو عشق آجھل، پايو، مست متو وتي.

o

ھڪ ھٽ موت حياتي، ٻيو ھٽ، تانگھہ ھنئي تاڙي،
آس اُڏي آڙي، جرَ تي ڇايا چولڙي.

o

اُن جو انتظار؟ ووڙيندو جيڪو وتي!
آجلُ آجھل يارُ، جيون ساڻ جڙيو گھمي.

o

مرڻ مھانگو، ڪنھن لئہ ڪڏھن ٿي چڪو،
آلا، آجل ايترو، آڇڻ اٽانگو!
سدا سھانگو، ڪڏھن ڪالُ وجھيو ڇڏي.

o

آجل ڪيئن آجھل، جيڪو ڪنھن ڪر روڪيو،
آيو اُٽاٽيو وڃي، آوس آھہ آٽل،
آبل کان بہ آبلُ، ڏسيو ڏيل وريو وڃي.

o

شينھن، بگھڙ، شھزور، للھنگ لوھيندو وتين!
ڪمزورن کان ڪيترو ڪڏھن تون ڪمزور،
آجل جبل – پور، بعضي ٻيندُ پُرئي نہ ٿو!

---

* مشھور چوٽي – مطلب تہ اڪ ۾ گھاٽو گھمي تہ بہ زندگي ھَجي. اُٽاٽيو: دل ڪنيو وڃي، وڇڙيو وڃي، ڪڪرن وانگر وکريو وڃي. جبل – پور: جبل پوريندڙ، ٻاڙ ٻيھندڙ.

o

مِٺو ڪاٿي موت؟ قاتل ڪوڙي زندگي!
جاني ٿئي جَمدوت، ڪڍي ڪاني ڪُک مان.

o

سڀني سُورن – ٽوڙ، سو تون سورُ نہ سَڃُ،
موت مُروت مڃ، جيتي جيوت جا ڪري.

o

موت نڏهن مُروت، جيوت جڏهن چِيئن،
هئہ هئہ لڙڪڻ هيئن! سوريءَ کان سامي سُٺي.

o

تُرم جتي تربت، جيوت جنڊ – پُڙن ۾،
گهوگهو غنيمت، سوريءَ ساهہ کڄن جي.

o

موت مڙئي مروت، جيوت جڏِ جڏِي ٿئي!
ڦٽڪي کان فرحت، سهڪي کان سامت ملي.

o

سِرجي جو ۾ سرڳ، اؤج اُجامر اُو گهري،
جيڪو نت ۾ نرڳ، سو جي موت منگي، تہ پو؟

o

مرڻ ڏئي معنيٰ، جيئڻ بي معنيٰ جڏهن،
هن هُن جا طعنا، تکا نوڪ نڪير کان.

جَمدوت: موت جو فرشتو، اجل. سورن ٽوڙ: آزارن جو اوتار.
چيئن: چکيا، باهہ، ڏاگهہ. اُجامر: امرت ڌارا، آب حيات.
نوڪَ نڪيرَ: قبر ۾ پڇا ڪندڙ ملائڪن جي ڀالن جي نوڪَ.

○

سولو ناهہ سبب، ماڻهو تاڻي موت ڏي،
پاپ وڪوڙي پنڊ جي گهيري روح غضب،
ڪهڙو آهہ عجب، جاڳي ويڙهہ وجود جي.

○

غيرت جتي غار ٿئي، راهون جڏهن رد،
موت کڻي مقصد، جوٽي جنگ وجود جي.

○

ويهين رڳين وَسَ، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون،
ڌڪي دردَ - ڌٻڻ ڏي، گهنگهر گهيري گس،
ڏاها، ووڙيو ڏسَ، ويندو ورندو ڪو بہ نہ!

○

ويندو ورندو ڪو بہ نہ، ڏيهہ رهو ڏاها!
وقت ڏيئي واها، اوتيو ڏاتِ، اُتارُ ٿئي.

○

"اک ۾ گهاڻو، جيءُ جاڳاڻو"، ملهن مرد مٿيرَ،
ڪري نرهہ نِڪونجهَہ، گهورِن مانجهي گهير،
پايو قبر پير، سوڍن سعيو سَير جو.

○

ايڏهن ڪيمَ نهار، ايڏو اڳتي ديد!
محبن ساڻ ملهاءِ، هيءَ جا هتي عيد.

واها: (واهو) اگري ٻوٽي. محاورو - 'واهو پيارڻ' معنيٰ سخت تڪليف ڏيڻ.
اُتارُ: اُتارو، ترياق، ٽوڙو. نڪونج، نڪونجهہ: ڪَن، ڀنور، اونهو پاڻي.

○

او اونداهَ تلاءَ، تو ۾ جيءُ نہ جل ڪو!
خلائي خلاءَ، اجل اڳنان ڪي نہ ٻيو.

○

ايڏهن 'ڪاري ڪين'، ايڏهن ڪانہ ڪنڊي،
هيءُ جو ڏينهن حسين ۽ هيءَ جا رات رنگين،
دلبر، دنيا، دين، هڙئي هيچَ هِتي اٿئي!

○

ايڏهن 'ڪاري ڪين'، ايڏهن ڪنڊي ڪانہ،
هِتي، هينئر هيتريون چوليون، چيرون چا نہ؟
آجُ ۾ ٽڙڪون آ نہ! سنسا لاهہ سُياڻ جا.

○

اجل جيئن آڌي، اُمنگ اَنگ عُشاق جا،
اوباري اِحساس کي، رڳون، روح رڌي،
ويٺر شوق وڌي، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون!

○

اديون، عشق آندي، مون کي نورُ نئون ڏنو،
هئڻ حال وڌي، ڳوڙهي ڳالهہ ڳنڊي وڌي.

○

سُرهي آسر هير، جهولا، لڪون جهول ۾،
ڏينهن ڏتي جا تيرَ، ڪومل ڪرڻي نيڻ ۾.

ڪاري ڪِين: اونداهہ، نانهن، نابودي، ڪجهہ ب نہ. آڌي: آڏ ڪري.

o

هيءَ جا ڏرتي ڏير، وجهندي ڏوڙ متي ۾،
جهُرئي ڪاڻ پوءِ جهيرَ، وڃون، جيت بچيو ڇڏي.

o

ڇهه ئي طرف ڇُهاءُ، ڪيم هوش هٽن سان،
ڪنهن پر ناهه بچاءُ، جيوَن جهاڳ، اجهاڳ ۾.

o

ڪهڙو توهه تتي، جتي، آڻ ڇاتو اوڙاهه،
اونداهه ئي اونداهه، سنوا سونهين سوجهري.

o

ڪهڙو تتي توهه، جتي توهه تباهه ٿيا،
پرندي پوندءِ - بدن جي، ڪرندي ڪلا - ڪوهه،
ڏيل نه ڪنهن جو ڏوهه، ڪنبي جي پُون ڪَنپ ۾.

o

تڪيو تتي توهه، جتي توهَ تباهَ،
حيلا حالُ ڏسي ڏڪن، واهون پاڻ آواهَ،
گونجڻ ناهه گناهه، اچا عاشق آسرو!

o

تيان توهه طلب، جيان توهه سپيئي تَم،
نراسا ۾ آس جا، ڪرميين بنجن ڪم،
جيون توٽي جمَ، حوالي ڪنهن هيج جي.

توهه: آسرو، پروسو، مهرباني. ڪلا - ڪوهه: ڪلا جو جبل؛ فن، ڪَڻ، ڏات جو جبل.
پُون ڪنپ: پونچال، زلزلو. ڪَرميين: عَمل سان، جَتن سان.

o

تتي نڪتو توهه، جتي توهَه تباهه،
أتي واهه پَتي جتي واهون پاڻ اواهه،
پهتي أت پناهه، جتي پاهُه پناهه ٽِي.

o

اڏري عزرائيل، ڪڙڪيو چو نه 'ڪلاڊ' تي،
أو ٽِي اسرافيل، ڦوڪي لوڪ لکين ويو.

o

ٽوڙيئه چو نه آجل، قهري ڪنڌ 'ڪلاڊ' جو!
گهوگهين ها شيطان جون، پُوجهون، پانهون 'بُل'.
ڪاري قيام مهل، پهچي ها نه جپان تي.

o

وجهئي وَڊ وويڪ ها، آڏئي ها احساس،
"ڪرمت" ڦهر ڪٽي اٽئين، ڪوبه نه آيئه قياس!
ناگاساڪي ناس، اچلي آگ ڪيئه انڏا!

o

ڏنگيئه سالو سالَ، ناگاساڪي نانگ تي،
هَنيان، هَچا "پال" پاٿهي ماريئه پاڻ ڪي!

o

پاهُه ٽيڻ: ڳري ناس ٽيڻ، ختر ٽيڻ. ڪلاڊ (ايزيلي): جنهن جاپان جي هيروشيما تي ايٽمر بر اڇليا. پُوجهون: سوچون، سمجهون. بُل: طاقتون.
ڪرمت: ڪرمت بيهن (Kermit Beahan) ناگاساڪيءَ تي ايٽمر - بر اڇليندڙ.
پال: پال برمگين. ناگاساڪيءَ تي بر اڇليندڙن مان، جنهن 1985ع ۾ آخرڪار آپ گهاتَ ڪيو.

○

ڪَلورن تي ڪالُ، ڪڙڪي شال قيام ٿي!
پوي انڌي پاپ جي ٻُنيي ٻائيتال،
سارِو آهـل عيال، سڙي انڌ، انڌير جو!

○

او شل، آنڌ، آنڌير تي اهڙو موت اچي!
ڪتنب ڪِيس، ڪلور مان، باقي ڪونہ بچي،
ڏيهـان ڏايَ، ڏچي، وارا ويل جلي وڃـن!

○

گهر گهر چري گور ٿيو، جُوءِ سڃي جمدوت،
آئيندو "استاد" چئي،موت متان ڪو موت؟

○

هُتي هجيِ هوت، هِتي هينئن هجان تہ چو!
جيڏيون جاڙ جيئڻ کان، ماڳهن منگان موت،
هئہ، جو ووڙيم هوت، هِتي ناه، هُتي ڪٿي؟

ڪلور: قهر، ڪوپ. ڪال: موت، موت جو وقت. اهل عيال: ٻار ٻچا، گهر ٻار.
ويل: مصيبتون، آفتون.
گور: ڇڙواڳ (ڍڳو يا جانور). جمدوت: موت جو فرشتو، ملک الموت.

○

هِتڙي، هِتي، هُت، هوت هجي پوءِ چا ڪپي؟
پينر پَوُ بَهُت، اڪيلي اوڪاريان!

○

صديون سال پري سجهن، سانجهيءَ ناهي سُڌ،
جوڻي جيون جُڌ، ڪو دم ڪنڌ ڪٽي وجهي!

○

صديون، سال گهڻو پري، پل جو ناهه پتو،
هي جو ميل متو، رهسي رنگ رتو ڪجي!

○

هئه هئه هيءَ مهل! ڪرڻو جيڪي سو ڪيو!
ويلو ويلي کي وڃي، ساعت سٽ بَهل،
اڳيان آجل هِڪ ڪَرا اهل نااهل،
ڪونهي قياس، ڪهل، جيڪو جيءُ جُڙيو، جهُريو.

○

ساڳي سَرچي سِيمَ، ساڳيا سات نہ سامهان،
لنگهي لک لطيف ويا، ڪيئي شاه ڪريم،
تون پڻ ڪر تسليم، وو جا وات وجود جي!

رهسي: راضي ٿي، خوش ٿي، سرهو ٿي. بَهل: پيرا، ٽڪرا، گهاوَ.
سرچي: سکي ستابي، آباد، سرسبز. تسليم: قبول.

○

مرڻ، جيئڻ مامرو، سياڻا، سمجهي سَڄُ،
اچڻ لاءِ اچي مچئين، وڃڻ ڪارڻ وڃُ،
طوعاً ڪرهاً مڃُ! وو جا واٽ وجود جي.

○

ڀڄندا سڀي ڀئُہ، رونشو ڪوبہ نہ رهندو،
محشر کان بہ گهڻو مٿي، ماڻج محبت مئُہ،
چوڙيئہ، ماڻيئہ، چئہ: جيڪي ٿيو سو خوب ٿيو!

○

صبحَ سج چُميو، بخمل بدن باغ جو،
منجهند ڌاري ماڳ جي گهر گهر ڏانهن گهميو،
سانجهي ٿي تہ سمهيو، صبح ٿئي تہ سَرِي وري.

○

ڪهڙو لوڪُ لقا؟ سوا خواب خيال جي،
مرڻ واري ماڳ ڏي، جيئڻ جاڳ نہ ڪا،
باقي ڪوٺ بقا، فاني، ملڪ فنا کي.

طوعاً ڪرهاً: خوشي ناخوشي، زوريءَ مسي.

o

موت، حقيقت سچ، جيئڙا، جيوتَ جيتري!
فرحت ماڻ فنا جي، پَڙڪَ بَقا جي پَچُ،
ماڻ، متي ٿي وچ، سرچي سانت، سُکون سان.

o

مَچين موتُ مَتان! نيهي سَتَ، نسبت ٿي!
چڏڻا ناهن چا بہ ٿئي، هِمت، هوش هٿان!
ويندِي ويرِ وٽان، ٻيهر هٿ نہ ٿي اچي.

o

'ناس' نهوڙي وو، نيندي آهي 'نانهن' ڏي،
آس اُتاري او، اينبدي آهي 'آنهن' ڏي.

o

ملڪ الموت وٽي، ويندو نانهن نراس ڏي،
آدمَ ذات اُتي، اينبدو واسَ ولهار ڏي.

o

مرڻ مجون چو؟ جيئڻ سان جندڙو جڙيو،
ڪڏهن، ڪاتي، ڪيئن، پر موتيو ناهِي ڪو!
تنهن هوندي پڻ تو، جوڙيو جيوڻ آپڻو.

o

موت، اُجهائي تو، اُچلي اُونگهہ آوهاڳ ۾،
تنهن هوندي پڻ تو، سَنپيو آپڻو سوجهرو.

ناس: (نہ آس) نراسائي. نانهن: نهڪر، نابودي، نہ هٿ جي حالت. آس: اميد، آسرو.
آنهن: هاڪار، هستي، هٿ جي حالت. ملڪ الموت: موت جو فرشتو.
نانهن نراس: نااميد، نابودي. واسَ: سرهاڻيون، سڱنڌ. ولهار: آباد شاداب، سرسبز ميدان.

○

موت، پڇاڙي مون، اُڇلائي اَڻ هوند ۾،
تنهن هوندي پڻ تون، هوندو آهين هوندَ ۾.

○

موت، لڻي، لاهي، ڳاهي توڻي ڳاهه ۾،
ڪي ڪارون ڪاهي، ڦٽو ڦولاريو وتين!

○

موت، ڪپي ڪوري، ڳاري ڪاريءَ ڪِر ۾،
ٿاريچن ٿوري، مارو ماڻيندو ڀُڻين.

○

فنا، فڪر ڪَڙو، ڳيت ڏني، ڳهجي نه ٿو،
بقا بَهُت مٺو، پيئڻ ري پيتو وڃي.

○

فاني حال فنا يڪو، باقي خيال بقا،
جيونَ، جيئڻ لئه ڪيا، ڪيڏا پور پڪا!
لقاپُور لقا، سي سڀ سپنا ساهه جا.

○

جانيءَ کان جيون مٺو يا جيون کان جاني؟
مانيءَ کان محبت مٺي يا محبت کان ماني؟
عشق، عقل آ نِي، سِرسِلو سلجهاءِ هي!

○

جيڪي سو جيوَن، جاني پڻ جيوَن،
اکئين چُمان آفتون، مُهم سمجهان مَنُ،
تَنبي تڙپي تَنُ، جنت دوزخ جهول ۾.

ڪِر: ڪوسِي ڪيري، ڊسڙ، ڊاڳ. آنِي: آءُ ني، آءُ نه (اتر سنڌ).
مُهَم: مشڪل ڪم، وڏا ڪارناما.

○

او جاني جيوَن، او دلبر دنيا!
هُتاڻ سال هزار ڏَئي، خريديان هِت ڪنَ،
پياري حور قصور کان چوري چني چَنَ،
پليون پٽون، يَنَ، گهوريا باغ بهشت جا.

○

جيڏيون جيوت جگ ۾، پَوَن، پَڻي، پاڻي،
سِڪ، چڪ ساماڻي، سونهارو سنسار ٿيو.

○

جيڏيون جيوت جگ ۾، ڏوڙ، ڏڏڙ داڻي،
داڻو داڻو ويجهجي، ڏرتي ساماڻي،
پريت ڏنن پاڻي، برپت باغ بهار ٿيا.

○

قطرو قطرو اوتجي ساگر سنجري ٿو،
جوهر جزڪي ٿو، سو سڀ آبَ، تراب ۾.

○

قلزم ۾ ڪُرڙي، جگ ۾ منهنجي جندڙي،
ساگرَ خود گرڙي، اُڇلي آدجگاد جا.

○

رهندي ذات ذڪر ۾، فڪر فرمايو،
بيتن پرمايو: هوندي پُٽڪ پنيور ۾.

يَنَ: ڏينهن جايَون، ڪندرات، آثار قدير. پون: هوا. پَڻي: متي، دز.
آب: پاڻي. تراب: متي.

○

جيئڻ پنهنجو جڳ ۾ ليکو ساري لِک،
آءٌ اڏورو هِڪُ، عالم اربين اڻ ڳڻيا.

○

عمر آڻ ڪٽ وقت ۾، ويرم جيڏو وِتُ،
نانءُ تني جو نت، سات جني جو بست سان.

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾، ميڙي ماپ ملوڪَ!
هڪڙي ڪَڪڙي ڪوڪ، منهن ڪاري مانڊاڻ ۾.

○

جيئڻ منهنجو جُوءِ ۾، مڙئي ڪريو ماپ،
لڪن مٽان ليڪ يا چولين مٽان چاپ،
الا، ڪي آلاپ، پاتالان، پولار ۾!

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾، سوچي سُونجهه ملوڪَ!
ڪڏهن 'ڪُن فَيڪُون' جي ڪنائي مون ڪوڪَ؟
هلي آئي هيتري، هيسيتائين هُوڪَ،
فنا واري ڦوڪَ، سهان پوءِ به رهان اڃا.

○

جيئڻ منهنجو جڳ ۾ ٻئي ليکي ٻِڏُ،
ازل ڪان اڄ شام تَئين اڌ جو ماڻيڙ آڏُ،
اڃا اڳتي وڏُ، جيوت جوت جِتي ٽڪي!

ڪَڪڙي: ڳاڙهيري.

○

'آٿر' کان بہ اڳي، ڳاتم گيت وڳر جا،
ڀاڳو ڀان، لطيف جيءَ، تازي تان تڳي،
او شل، لولي، لات کي جهولو ڪين لڳي!
ويروتار وڳي، منهنجو ماڳ جهان ۾.

○

جيون منهنجو جڳ ۾، جڏهن کان هيءُ جڳ،
جڳ جوانو ڪالهہ ٿيو، آءٌ اڃائي اڳ،
ڌرتي، آنبر دڳ، جاري سُواري اِرتقا.

○

او آپ گهاتي! اِيءُ، تو ڪم ڪيو ڪو؟
ملي هُيَئہ مس مس هڪڙي حياتي،
جهُنجهڪِي جذباتي، جهوريئہ پنهنجي جندڙي!

○

ماٺيڻا اوٺا! لهرن منجهہ لڙهي وئين!
محبت جا پتلا، مايوسين ماري وڌين؟

○

ڪُوپو جو ڪونڌر، سامهون موت ڏسي ڪڏي،
ڇو پوءِ اوڇو ٿي مري، بهادر ڀُونگر؟
منڊي، رونڊي مورڙي، مڙس مُڇيو مانگر،
تون پڻ تنهن وانگر، ماري مَڇ مرين ها!

آٿر: اٿر ويد، چئن ويدن مان هڪ ويد. ڀاڳو ڀان: سگهڙ، شاعر (سورمن جي دؤر جو).
ماٺيڻو اوٺو: سنڌالاجيءَ ۾ ملازم، شاعر، سنڌو درياءَ ۾ آپ گهات ڪيائين.

○

آڻ مڃي آنور! پاڻهي پاڻ مري پئين!
جوتين جنگيون جَهَل سان، گهوتين ها گهنگهرا!
تاتيو توکي تَر، ٻُڌڻ لئہ ٻيلي نہ هو.

○

عشق ڪنو آنورُ، ادا، آءٌ نہ ڪوڻيان!
فرزانو فرهاد ٿي، ڏاري ها ڏونگرا!
سوريءَ ساهي سَرُ، ملي ها منصور سان.

○

عشق ڪنو آنور، ڪوئي ساري قوم ها!
سيرين سُٽي سوهڻي، اٽين ها اوٽرا!
ڪُڏين ها ڪڙڪات ۾، چوليون سمجهي چَرَ،
مَلهين ها ميهر، مرين ها محبوب لئہ.

○

بهادر – زادَ، ادا، بانڪا، مرد بلوچ!
ڪونڌ راڻي ڪڙم مان، پَرڏاڻي پوچ،
سو ڪيئن سورهيہ سوچ ٻڌڻ هينئن قبوليو؟

○

ماڻهوءَ منُ ماڻڪُ، برڪي جوت جهجهي ٽئي،
دکي ڪائي ڏڪُ، ٽُٽي ٽڪرا ٽيو پوي.

آنور: انور علي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد، سنڌو نديءَ ۾ آپ گهات ڪيائين. انور کي ڪن اخبارن/بلوچ به لکيو، پر انور پڻاڻ هو.

○

ماٹک مُرکَ مُنیر، گھایئہ گھاتک گھُنڈ سان!
دلبر، دوکن کان لکن، ناھي سوچ سڌیر،
الا، کنھن بہ اُکیر، تنھنجو روح نہ روکیو!

○

کوٹ نہ قط 'کامو'، مانجھي ماٹک میت،
جوڑي مومل جند سان پکِي سوڍي پریت،
رسڻ راڻن ریت، کالھہ کنان ھن کاک ہہ۔

○

"جیئڻ کارڻ جیڏیون، کیڏا وَس وڏا"،
اندر آرتَ، علاج ۽ اندر درد آڏا،
جیڏا جيءَ جڏا، ایڏا ویج وڏاندرا۔

○

جیئڻ کارڻ جھونجھڑو، ھزارین حیلا!
جیتر جِند وجود ہہ، وَسھن، ونسیلا،
چوڏاري چیلا، سڳیي ساريءَ ہہ اکیون۔

○

جیئڻ لئہ جاري، حیلا ھزارین،
بَھون بُکیون، ڦکیون، بَرین، بزارین،
آسَرَ آپارین، ھا، پر، کارین، کوششین۔

منیر، ماٹک: منیر احمد ماٹک۔ کامو: البرٹ کامو۔
جھونجھڑو: باریک بین، ذرو پرزو جاچڻ وارو، سمجھہ وارو، ہڈ وارو۔ چیلا: چارا، پیچرا، رستا (چوپڑ جا خانا)۔ ساري: سرسي، سوپ (ڪوٹ)۔

○

جيڏا جيوت واسطي، نوان جُهد، جتن،
حيلا، حڪمت هوش کان، همت سان هٿن،
ڪنا ڪُل ڪجن، سڀيا جِيوَن سوپ لئہ.

○

پاڙي، ديهہ، وطن، عالم سُوڌو آسرو،
امن اوج زمين کان تائين عرش، آين،
جيڪي سهج سُجهن، سيپي جِيوَن سُونهن لئہ.

○

وايون

واسينگ آهي وات،
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

ڦوڪُون واءَ وِهاتَ جون، چيٽُون چائِيءَ چاتَ -
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

ڳوڙهيون ڳالهيون هانءَ مان، ڦڙڪي ڪائِن ڦاتَ-
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

'رمبا رَمبا' رقص ۾، ريهون ۽ راتيات -
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

جيڏا تاهم جهان ۾، ايڏا چاهم اُچات-
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

آلا، آنداري اڳيان، ليلائي چو لات!
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

لات ملايو لات سان، ڳات ملايو ڳات!
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

آنت هنئي "استاد" کي، لوٽي منجهم لپاٽ-
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو!

●

واسينگ: نانگ. واءَ وهاتَ: زهر مليل واءَ، زهريلو واءَ. چيٽون: ڦهنگون، بوندون.
چائِي: رک، ڏوڻ، دز. چات: ڦوهار، ڪڍ ڪڍ. رمبا رمبا: ناچ جو نمونو، (آفريڪا جو ناچ).
تاهم: چرڪ، خوف. اُچات: اداس، بيقرار.

●

ڀاڏَ وڏي آڏو، ڪيڏنِ جيڏا، جيڏيون.

ٿلهو ٿيءُ هنيان هڻج،
پُورَ پٺيءَ پاڏو – ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

صديون گذريون سج کي،
گيڙيندي گاڏو – ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

آرڏو جوڀن جَنڊ ۾،
لونءَ لونءَ ۾ لاڏو – ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڪيڏو ڪير سڌو، ڪٿي
تنهن هوندي تاڏو – ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڍونڍيندا، ڊڪندا ڪندا،
کوڙيندا کاڏو – ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

ڪيڏي ويا "استاد ڙي!
ڏاڏي ۽ ڏاڏو؟ ڪيڏن جيڏا، جيڏيون.

●

ڀاڏ: کڏ. ٿلهو ٿيءُ: سخت جان ٿيءُ (ڪجهه گهٽ حساس ٿيءُ).
پٺيءَ پاڏو هڻڻ يا اڇلائڻ: نظر انداز ڪرڻ، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ، بي پرواهه رهڻ. لاڏو: سهرو، ڳيچ: گهوٽ، بنرو. تاڏو: ٽيڏو، اهنجو، اڻانگو. کاڏو کوڙڻ: منهن ڀر ڪِرڻ، ڪِرڻ، ويهڻ، کپ کوڙي ويهڻ.

●

اونو اُونڌهه جو،
اُلڪو اولهه جو، پوياڙيءَ کان پو.

چمڪي جيڪو چوٽ تي، سهڪي لهندو سو،
پوياڙيءَ کان پو.

سهڻو سورج سوجهرو، چيهون چيهون چو؟
پوياڙيءَ کان پو.

سومهڻيءَ جو سُڄ ۾، ڪنهن جو سيڻ نه ڪو!
پوياڙيءَ کان پو.

ڪاري ڪارونيار ۾، ينيُون رَنيُون يئو!
پوياڙيءَ کان پو.

ڳوهون لُنڊيون ڳورپٽ، سوئر، ناهرَ، سئو،
پوياڙيءَ کان پو.

هئه هئه بورائي هنيون، رڙ ۾ راتاهو!
پوياڙيءَ کان پو.

ٻاري ڏي "استاد" تون، ڏِيئي مان ڏِيئو!

●

اونو: اڪو، انديشو، انتظار. پو: پوء. ناهر: بگهڙ. بورائو: سَونهون، رستو ڏيکاريندڙ. راتاهو: رات جو حملو، شبخون.

●

چو ٿو قولهين چار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

شعلا شعلا شوق نہ ڏسجي،
پکڙي دونهين ڌار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

سياري لانگها سِنڌ ندي‌ءَ ۾،
اونهاري جو آرَ وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

تون ٿو طلبين امرت ڌارا،
موڪيءَ مٽ ۾ مار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

جي تون عيسيٰ، آس مُئيءَ جو،
موٽي مَٽ اٽار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

چا ته "بخاري" ناتو لاتو،
قولهارَ ۽ قلهيار وو يار، ڪوسي ڪيريءَ ۾ ڪي چٽنگون!

●

چار: رک. امرت ڌارا: آب حيات، اجامر. مار: نانگ. قلهيار: رک، ڪيري.

●

وو وو، من ماندو، وو وو! سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

هيڏيءَ پَنيِيءَ پُونءِ تي،
ڪيئن نہ ڪنهن جو ڪو؟ سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

مايوسيون جنهن موهہ ۾
ڪهُہ اهڙو ڪوڪو! سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

سينو هوءِ حُسين جو،
دلَ دريا دودو، سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

واندا وڃينداَ وتن،
سودا جو سودو، سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

چوڏاري "استاد" هي،
مارن جو ميڙو! سو تون سوچين ٿو هِينئن ڇو؟

●

پَنيِي: سهڻي، خوبصورت. سودا: سوداءِ، وسوسو.

•

اوتُون آچيندو،
جوتُون ورچيندو، اِيندو، ويندو ڪو!
وِيندو، ايندو ڪو!

ماڻهوءَ جي مرجات نہ مرڻي، ماڻهو موکيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

پيرَ گرڻ ۾، ديدَ ڏيڻ ۾، واهون ووڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

بستي بستي، موسمِ موسم، خوشبو کيڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

دم دم جي تنبورَ تَڻئي تي، صديون چيڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

محبتَ، تنهنجي مُرڪ مِنيءَ مان، موتي ميڙيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

جهانجهَن، جهِرڻن، بوسن جهڙي، موسيقي ڏيندو،
اِيندو ويندو ڪو...

سونهن ڪري سِينگار "بخاري"، سڻو سوچيندو،
اِيندو ويندو ڪو
ويندو، ايندو ڪو!

•

مرجات: عزت، لحاظ، عزت جو ورتاءَ.
گِرن: گپ، گندي گپ، ڏيڻ.
کيڙيندو: تلاش ڪندو، ڳوليندو.

جهڙي تهڙي آڙي! هئ هئ هيءَ گهڙي!

مٺڙي آنب، انگور کان، توڙي زَهر ڪَڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

واکا، واڃا، وانڍيون، ڏو ڏو ڏم ڏڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

ٽاٽا، راٽا ترسندا؟ سو تون سوچ، سڙي!
هئ هئ هيءَ گهڙي!

پياريو پيارُ اُسات کي، ماريو ٻاڙ ٻڙي!
هئ هئ هيءَ گهڙي!

لونءَ لونءَ لار تنوار جي، چُٽڪي چاهَ چڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

جنهن کان جوت جهجهي ٽئي، تنهن کي تاڙ لڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

جيونُ جڳ نہ جهان ۾، ڏرتي سمجهُ ڏڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

پويون سڄ پهاڙ ڏي، لالڻ عمر لڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

"استاد" آس، اميد کي، تپي ڏي نہ تڙي،
هئ هئ هيءَ گهڙي!

وانڍيون: جهنڊيون. اُسات: سخت آڃ، چاهه، چاهت، شوق.

•

ڏک سک ڏيئي دل وندرايئہ، جيون توکي جس!

چاهہ تہ ڪو چٽڪو ئي هو پر، ڪو دمُ ڪوريم ڪس،
جيون توکي جس!

ڳوڙهي ڳالهہ، ڳچي هٿ نائي، هوشَ هِنئون هو هس،
جيون توکي جس!

نِرهہ وٽان نرواڻ پرايم، گِرڻ منجهان گس،
جيون توکي جس!

ڇوري ڇنڙي جڳ ۾ ڇاهي؟ آهي آس اُهَس،
جيون توکي جس!

ڪيڏي سڪ جي تاس وڌايئہ، تِڪ تِڪ ڪوٺي تَسُ،
جيون توکي جس!

تارا ٽٻڪا ڪرڻا ڪِلڪون، سائرُ نيري مس،
جيون توکي جس!

اِڇا عرشان، فرشان اڳتي، وو جو منهنجو وس!
جيون توکي جس!

عشق، عقل، انسان "بخاري"، روز رچائن رس،
جيون توکي جس!

•

نرهہ: ناامید، مايوس.
نرواڻ: نجات، ڇوٽڪارو.
اُهس: سڪ، پيار.
اِڇا: آرزو، خواهش، تمنا.

•

سَهجن جا سامان، جاني، جيون سان!
قرب هجن يا ڪانَ، جاني، جيون سان!

ڇم ڇم، ڇيرا، رم جهم، ڄيرا،
ڇَن ڇَن ڇيڏڪ ڇا نہ! جاني، جيون سان.

واهوندا، هُڳساڻون، هيرون،
تيز تکا طوفان، جاني، جيون سان.

ٽاريءَ ٽاريءَ ڀنئرا ڀُڻڪن،
ڀِٽ ڀِٽ ڳائڻ ڀان، جاني، جيون سان.

سونهن، سِڪڻ ۽ ترم، تماشا،
شوق، شعاع، شُڪران، جاني، جيون سان.

اڻ ڪٿيون "اُستاد" اُميدون،
اڻ ڪُٽڻا ارمان، جاني، جيون سان.

•

ڇيرا: اوزار کي تکي ڪرڻ جا گهِڪا.
ڄيرا: شعلا.
ڇيڏڪ: شرارتون، معاملا.
واهوندا: موسم بهار جي هوا.
ڀانَ: ڳائڻا، ڪيرتون ڪندڙ فقير.
تُرم: قيد خانا، جيل.

•

هڪڙو هڪڙو جهَتُ، ماڻڪَ موتين مَتُ،
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

لالون لِڪَل لوڪَ ۾، لاهيو تَن تان لتُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

جيڪو ويرَمَ ويسرو، چاڙو، پوءِ به تہ جَت.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

جهلي ويهو جُوهَہ سان، گهَڙيءَ گهَڙيءَ جو گهَتُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

مَهلون موڙَن ڪِين ڪي، ويرم ناهي وَتَ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

پَہ ڪي روڪَ نہ پَئيندَ جي، ڪَهَ ڪي ڪهڙي ڪتَ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

ڳالهيون موڪِن مامرا، ڳالهيون ڳچيءَ ڳتُ.
جوتُون جُوانَ جهَتي وڃو!

اهڙو اُرُ "استاد" جو، جهڙو پاڻُرَ پَتُ،
جوتُونُ جُوانَ جهَتي وڃو!

•

پَہ: پڪو ارادو، عزم، ٻُور. پئيندَ: پيڪڙ، پيرن ۾ وڃڻ. ڪَهَ: محبت، ڪهڻي، ڳالهہ.

•

هرڪو دَمُ نہ دَمُ،
هرڪو ڪَم نہ ڪَمُ،
ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

تُنهنجو رهندو تذڪرو،
تون تان ٿيندين تَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

ڳوٺين رهنديون ڳالهڙيون،
هوندو هَڏ نہ چَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

وي تون ويهہ نہ ويسرو!
پاسي ڀاسي بَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

جيئندو جيڪو جندَڙو،
جَمَ کي ڏيندو جَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

آڌيءَ آوانڌا لڙهيا،
ڳاڌيءَ ڳائي ڳَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

سانجهيءَ ڌاري سِج جون،
لامُون ڏينديون لمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

ڌوڌاڙيندي ڌيان کي،
گينداڙي ڪم غَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

اونداهو "استاد" هو،
شعلو شعلو شَمُ، ڪو دَمُ، ڪو ڪَمُ قيمتي!

•

تَمُ: ختم، پورو.
جَمَ کي جَمُ: موت کي موت، اجل.
آوانڌو: آڌ، سونهين ٻاري جو پاڻي، پاڻيءَ جو ڇوڙ.
ڳَمُ: سَست، مَڳ، بالمَ.
لَمُ ڏيڻ: دوکو ڏيڻ، نٽائي يا ڪوڙ هڻي ڀڄي وڃڻ.

●

عِشق، عَمل جا،
عيش، عَدل جا، توڙي ڏينهن ۽ چارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

چِتَ چِنتائُون، اَڪِ آشائُون، ڪِيليون، ڪَنول قَطار،
هينئڙي هيج هزارَ.

چا تہ مماتيءَ جهاتِي پاتِي، ڪاتي مَنجهہ ڪپار،
هينئڙي هيج هزارَ.

ساگر تَرَ ڪان چَندِ چَڪَرَ تي، سُهٽا سَير، سَوار،
هينئڙي هيج هزارَ.

ڳاڙيم ڳوڙها، ڳيتيم ڳوڙها، پَلٽيم، پِيتَم پيارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

جِهرجِهِر جهرٽا، ڪِت ڪِت ڪِرٽا، ڪِلٽا ڪيج خُمارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

مُرڪُن ماڻا، موتِيءَ داڻا، ناڻا: نازَ نِهارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

عِشق نئين "اُستاد" بنايا، جوڳيئڙا جهُونجهارَ،
هينئڙي هيج هزارَ.

●

عَدل (يا آدَل؟): محاورو - فلاڻي کي عَدل (آدل) آهن، يا فلاڻو عدل ڪندو وتي، يعني موجون مزا ماڻيندو وتي.

●

جيڪي اُڄَهي اَڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

ڪاڄِي ٿيندڀن ڪِرڪِنا، وِڄا واڄا وَڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

هِينئر هيجَ هزار هِي، آخر ڇائِي ڇڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

مَشغولي محبوبَ مان، روحُ نہ ٿيندو رَڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

وِينجهارن سان ويجهڙو، ڀُوتاڙيُن کان ڀَڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

ادا ڙي "اُستادَ" جو، ڪَلاڪاري ڪَڄُ، او جيڏا!
سُڀان ساڀيان ٿئي نہ ٿئي.

●

اُڄهي: اڪلي، ٿئي، وڻي. ڪِرڪِنا: زبون، اڪڙيل، ٽٽل، ڦٽل. ڀُوتاڙي: جِنُ ورتل، وهمي، چريو.

●

ويروتار وَهان، اهڙو آرُ اچي ڪو!

هڪڙي ساڻ هُجيم هُو، سَهسين سُور سَهان،
اهڙو آرُ اچي ڪو!

اَنبَر ڏانهن اُڏي سگهان، لامُنِ تي بہ لهان،
اهڙو آرُ اچي ڪو!

ڪهڙو عاشِق ڪوٺجان، ٽاڻي کان بہ ٽهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

ڀُٽڪو سُٽجو ڀُونءِ جو: ٺاهيو تيئن ٺهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

جاني، جوتِ، جهانَ جا، ڪهڙا ڪبتَ ڪهان!
اهڙو آرُ اچي ڪو!

"استاد" اَنت، اَننت سان، ڪهڙي ريتِ رهان؟

●

ويتار: ساندهہ، سدائين. آر: وهڪرو، پيار، هيج. ڪَبَت ڪهان: بيت چوان، بيان ڪريان.

اٿي آڏيءَ رات جو

○

ناڪاران هاڪار، سڀي مون سنسار جي؛
آتم آتو ايترو، ڪيو ڪنهن ڪوڪار؟
سوريان سوچَ سِتار، اُٿي آڏي رات جو.

○

اُٿي آڏي رات جو، ديد ڪيا ديدار،
آڻ ڳڻ اُهاءَ آپ ۾، سارهه سرجڻهار،
جوڙي جوڙ جهان جي، جوهر جيءَ جيار،
تانگهون تارون تار، جاڇڪ پنهنجي جيءَ ۾.

○

اُٿي آڏي رات جو، اندر ڪيم اورا؛
ڪاريون ڪڇون، ڪوئلون، رنگ برنگي مور،
هيڏا هيڏا هنج ڇو، زُرا زبرا زور،
ڪانئر هرڻ ڪيترا؟ ناهر نُگرا سورا!
ڏاڍي ڏسجي ڏور، مجبوري ماحول جِي!

○

اُٿي آڏي رات جو، اڏري ڏور نهار،
آڪاسان اُڪرِي وري پيئي ۾ پاتار،
تارن تان تِرڪي تڪي، گذري ڪان گلزار،
برپت مان پٽڪي اچي بيٺي وچ بزار،
ڪا شيءَ منجهه قرار، نيٽين نظري ئي نه ٽي.

جاڇڪ: جاڇيندڙ، چڪاس ڪندڙ، ڪوجي.

o

سِنجري، سنبري سڪ، آس رکيو اُسري اڳي،
ڪيڏي ڪائنات جي ڇاتيءَ پاتي ڇڪ!
پر جا پرينءَ ڀڪ، پتو ناهہ پروڙ کي.

o

اچي آڌيءَ رات جو، سوچڻ ڪيو سڏ،
کُٽڪي کوليو خيال کي، هوڪر چوريو هڏ!
”ايڏي ننڊ نياڳ جي! ڏاڍو ڏسجين ڏڏُ!“
”سُتين گيسرَ گڏ، ڏسين سپنا سوڀ جا؟“

o

اچي آڌيءَ رات جو، سوچُن ڪئي سُرپُر،
هِينئين ۾ اڳ ۾ هئي هيڪاندي هُرکُر،
چوڌاري چُرپُر، پاڙي ۾ پکڙي وِئي.

o

اچي آڌيءَ رات جو، ڏني سُرت صلاح:
سمهڻ مُردن جان ميان، مَردن ناهہ مُباح!
سَئونڪو سَنجهہ، صُباح، اندر ۾ آفات جو.

o

اچي آڌيءَ رات جو ڪيا سَمجهہَ سلامَ:
جِيئڻ ڪارڻ جَڳ ۾، جَتن ڪَجن جامَ،
مرڻ، جيئڻ مامَ، سُونجهين، سُونهون ٿي پوين!

پروڙ: پرجهہ، سمجهہ، ادراڪ.

o

آنڪاءَ تي اتڪاءُ، ڊيبل ڪان هيروشما،
ارتقا اُڪلاءُ، قَهَرن منجهه ڪندي هلي.

o

دنيا ناهي داءُ، جنهن کي رکجي جنگ تي،
ايٽمَ خالقَ آءُ، انساني آساس ڏي!

o

اُٿي آڏيءَ رات جو ديد پري دُرڙي،
نِڪت ڪِڙيا نيٺ تي يا اُيَ نِگي اُرڙي،
چنڊ هٽي ڪُرڙي، سوچي تير صبوح جا.

o

آساري اڌ رات جو اوسر جا احساس،
اونداهي آڪاس ۾ سوياري آياس،
ايسين آس، نِراس، جيسين جان جهان ۾.

o

گهُسيا گهڳهه انڌير ۾، گهوڙا ڙي گوگاءَ!
ناگا ڪان لبنان ڪان، پاراتا پڙلاءَ،
ڦاڙيندڙ ڦهلاءَ ۽ ڏاريندڙ ڏهڪاءَ،
وانگي مينهن وسي پيا آزار ۽ ايذاءَ،
ڪُري مان ڪهڪاءَ، ڪالهوڪار لڏي ويا.

ايٽم خالق: ايٽمي طاقت تخليق ڪندڙ.
دُرڙي پوڻ: ڇرڪي وڃڻ. لڏي لڇڪي لرزي وڃڻ.
اُرڙي: مشهور بيماري.
آساري: ويسري. اوڳي اچوجهه.
آياس: روشني.
ناگا ڪان لبنان: ناگاساڪيءَ ڪان لبنان.
ڪُرَ (ڪُرَهَ): جهان. سنسار.

○

ڀُومين تي ڀُومين وٽان ڀانڀاڙي بمباٽَ،
ڪُري ۾ ڪِيهاٽ، ٽيليويزن ٽهڪڙا.

○

ڏَڌڪن دنيا ڌيان ۾ ڌوڌارا ڌُوڌاٽ،
زُوزَٽ ظالم زلزلا، ڦٽڪا، ڦڙڪا، ڦاٽ.

○

سهڪِي ڪي سُرٻاٽ، چوريءَ چانڊوڪيءَ ڪيا،
سيني ۾ سُرهاڻ جي، خارن هنيان کاٽ،
مٿان روئي ماٽ، جاچِيا جهِير گلن جا.

○

سهڪي ڪي سرٻاٽ، تڙپي تاريخن ڪيا،
ذليلن زوريءَ گهڙيا، گليلن لئہ گهاٽ،
ڳورا ڳٽَ، سِتم جا ڳوٺن ڦٽيا ڳاٽ،
دَور سنواري واٽ، اڳتي اوسر آسري.

○

ٻڙڪِي بَڪيو ٻاٽ، گهُوري گهُنڊ، گهُمنڊ سان،
گهيري ۾ گهوگهي ڇڏيم، گهڻيئي گهرگهاٽ،
للڪاريندي لاٽ، ڪشيس ڪِرڻا ڪُک ۾.

○

بَکي آکيو باک، پَريان پره پَلئُہ کڻي:
اونداهي اڌ رات جي، لهندي جلدي لاک،
سورج کنئي ساک، تارا تهبارون ڪبا.

سرٻاٽ: سرگوشيون، سَرپُرون. گليلن: گليلي جهڙن داناون، (گليلو – مشهور سائنسدان).
تهبارون: ڇيهون ڇيهون، ليڙون.

○

اسان سان اِتهاسَ، اوريا حالَ آسُرَ جو،
اڱڻ آنڌ اوهاڳ پر، نظر ناهہ نراس،
پَريان پَسُ رَسي ويا، وِڄا، ورن، واسَ،
اُهاءَ بنجي آس، چوپاسي چمڪڻ لڳا.

○

اتهاس: تاريخ.

وايون

آيا ڪي اوتار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ياد اندر جو در کڙڪايو،
پهتي تنهنجي تار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ننڊ ڪئي ناڪار الاڙي!
آڏو ڪي اقرار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

تانگهه، تئي تي ڪُرڙي ترجي،
!منگ آنگ آگارَ، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

چا نه پَسن پيا نيڻ نظارا!
آئينا اسرار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

چرڪي چرڪي چنڊ ٻڏي ويو،
تارن ۾ ڇُرڪارَ، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

جهنگل منگل سَير اسان جو،
هوش هوا هسوار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

انبر تارا، ڌَر ۾ ڏارا،
پَر ۾ تنهنجا پيار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

ايءَ جا نئين اُبڪار اُتي تي،
هاواٽا هر پار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

عشق اِجهو ٿو جوت جياري!
پِرهه ڪئي پُوڪار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

آدم کان "اُستاد" اسان جي،
ديد ڪيا ديدار، آڏيءَ آڏيءَ ڏاري.

●

•

آڌيءَ آڌي ڌاري،
(او) تارو تارو ٻاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

بعضي چنڊ اُڀاري، بعضي چنڊ سمهاري،
بعضي رات گذاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

هو جي هُرڪُر هاڻا، سوچي سمجهي سياڻا،
ٽاڻا ٽاري، ٽاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

نَنهن کان چوٽيءَ تائين، منهنجا سهڻا سائين،
پنهنجو پاڻ سَنواري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

جهرڻا، ڪِرڻا پائي، سَت ئِي رنگ سجائي،
سُونهن لِڳن تي هاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

هِير، ڪٿوريءَ وانگي، ڀنئر، چڪوري وانگي،
رُوپَ نيارا ڌاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

سُندرتا سان ياري، جرڪي روز "بخاري"،
جنهن جو جيءُ اُجاري، ايندو آهين تون! آڌيءَ آڌيءَ ڌاري.

•

•

نیٹیئن نارَ وھایان، واندو ویئو ناھیان،
واندو ویئو ناھیان۔

نارَ وھائن مان چا ورندو؟ پیو ٹو پور پچایان!
واندو ویئو ناھیان۔

پُور پچائن مان چا ورندو؟ سو ٹو سوچ سجایان!
واندو ویئو ناھیان۔

سوچ سجائن مان چا ورندو؟ حیلا ھیچ ھلایان!
واندو ویئو ناھیان۔

محبت، محنت سان "بخاري" مان ٹو مچ مچایان!
واندو ویئو ناھیان۔

•

نارَ وھائن: زاروزار روئن تمام گھٹو روئن۔

هو هو، كوهُ ڪجي؟ ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

هينان هُونگ حياتَ جِي، مٽان موت گجي،
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

وهمن واريءَ واجهه سان، ڪيئن ٿي پُوجهه پَجهي؟
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

ساجَهه، سَتُ ڪٽِي اُٿون، هاجو هاڻ هجي!
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

اوپر، اولهه اُٽ جو، دَر دَر نادُ وڃي،
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

"پيو ٿو نُور نٿون اچي، پيو ٿو ڏُنڌ يجي،"
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

ساري سانت ٽُٽي پوي، بوليو بولَ بَہ جي!
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

"استاد" آءٌ رَجي وڃان، پر جي پيار رجي،
ڪجي، ڪجهه ته ڪجي!

هُونگ: گونج، آواز. واجهه: واڌ، رسو. پُوجهه: سمجهه، سُرت.

●

جايون وِجُهہ جوڙي! وينجهارن جي ويچارن ۾.
ٻيلي، ٻيلاري کي چو ڪو، پانڊوڪو ٻوڙي؟
"ساراهون هسوار ڪٽي ويو، گهاوَ جهليا گهوڙي."
چانءِ چَمَر ۾ چو تو ساڻي! چوهہ چڏيا چوڙي؟
نابُودي‌ءَ ۾ ٻهبودي‌ءَ جا، خيما چڏ ڪوڙي!
ڪيڏو چوهو ڪوهہ وڏي ڏي، ٻوهو تو ٻوڙي!
آهي ڪو جو آهُنِ عيوض، واهُون کي ووڙي!؟
آهي ڪو جو اونداهيُنِ کي، راتين تان روڙي!
آهي ڪو جو آساسن ڏي، ايٽم کي موڙي!
أٽ، وجهون "استاد بخاري"، ٽولاکا ٽوڙي!

●

ٻيلارو: ٻيلاتي، بن واهن وچ ۾ ٻني.
پانڊڪو: ڳنڍو، پانڊو، پاڻيءَ کي ڏنل ڳنڍو.
چانءِ چَمَر ۾: ڪکر جي چانءِ ۾.
آساسن: سَکن، آرامن، سهنجن.

عشق، عقل جي اور

○

عشق عقل جي اور، سُرپر ساري گول ۾،
اچو، سوچي واچيون، ٽاڻي، ٽاڻي طور:
سُڪونن ۾ سهڪڻي، سُرٻاٽن ۾ شور،
دورن مٿان دور، منزل پويان منزلون.

○

عقل سان ڇو عشق جو جوٽايئون جهيڙو؟
ٻڌي طاقت، ٻوجهه جو ٻوڙايئون ٻيڙو،
هنر، حرف ڪري به ڇا، ڀَرُ نه جي ڀيڙو،
"سانئين ۾ سيڙهو" وجهي فيض وٺي نه ڪو.

○

چَون عشق انڌو، لَڪڻُ عقل سندوس،
اهڙيءَ بُڇيءَ ڀيٽ کان بَچي هيءَ بندو،
"ساٿين منجهه سنڌو"، وِڌي نيٺ وَڌي به ڇا؟

○

عشق اهم شعلو، عقل اُتم شعلو،
اُنهن جي اُهاء سين، سونهين ڀُون - گولو،
ڳڻن جو ڳولو، ٻئي ٻَل ٻکي رکي.

گول: ڌرتي، جهان، ٽاڻو. ٽاڻو: زمان، مڪان.
سانئين ۾ سيڙهو: عشق ۽ عقل ۾ وٽي، ويري، اختلاف.

o

عشق ڪري اولو، عقل جوت اجهي وڃي،
شعلي ۽ شعور ري، پاڻ لڳي پولو،
تڙپ جو تولو، اوتي، سوچ تِڪي ڪجي!

o

جاني دل جو جوش ۽ ساڻي سر جو هوش،
منهنجي پيار، پروڙ جو ٻَئي پڙدو پوش.

o

ڏرتي ڏيان سَمان ۽ آنبر گرم اُهاڻ،
ٻَني ريجَ نہ بج ري، سِج ري ناهہ سَماڻ،
سيني جو سَرچاڻ، جهومي جانِ جهانَ جي.

o

جوشُ جِئي جيتر، سورج تُنهنجي سِيسَ ۾،
هِتي هوش نہ هٽندو ڏرتيءَ تي تيتر،
وڏو وڏ ويتر، هوندو هيجُ جهان جو.

o

عقلُ، سوا عشق جي، دل ڏاران دودو،
سُهڻو، سُرتيو، سيبتو ڪاڏل دل ڪوڪو،
سوچي، سَهسُ ڪري، ڪَنبي، سو بہ نہ ٽيو سويو،
غوطي تي غوطو، بوتو ٻَئہ بحر ۾!

پاڻ: سياڻ، طبع.
آنبر: آبَ.
اُهاڻ: سوجهرو.
سيس: سِر.

o

عقل، ڇڇي عشق کان، هوشو ڇڏي هانءُ،
ڪرڻا تيرَ ڪمان ٽيا، ڪيئن ڪو اُڏري کانءُ،
ڪڙڪي گاج ڪڪر ۾ تڙڪي ڪانئرَ ٽانءُ،
اهڙو نازڪ نانءُ، ٽوڪڻ سان تڙڪيو پوي.

o

عقل، عشق الگ، سازان سُر ڇڇي ته ڇا!
ديدن کان ڪونهي جدا، دوست دلين جو دگ!
گهاگهائيندو پيو گهُمي، ويچارن جو وگ،
جرڪي سارو جگ، انهن ڏات - ڏيئن سان!

o

عقل ڏاران عشق ڪي پَسيم ڪَلهه پاڳلُ،
بُڌ سڌ بنان بَل، "انڌي گهوڙي ڪَل ۾."

o

عقل بنان عشق کي، مون سمجهيو مجنونُ،
ليليٰ محمل، محمل ۾، متيءَ ۾ مفتون،
دعويٰ، دانهن ڪبي ته ڇا خودي ڪري خون،
محبت جو مضمون، سوا سوچ نه سرججي.

o

ڪڏهن فڪرُ فقط، ڪڏهن زور زبان تي،
بعضي برف ڇمي، رڇي، بعضي تيز تپت،
ضرب ۽ وندِ اُپت، سمجهيم سوچ سراسري.

گهاگهائيندو: للڪاريندو، نچندو، ڪڏندو.

○

ڪڏهن جوش يڪو لڳو، ڪڏهن هوش رڳو،
اُتت، ٿڌ اُتي ئي، جتي جند - جهُڳو،
پر جو پهر پُڳو، برسيُس بوءِ بهار ٿِي.

○

اُڪو عقل مُهاڇڙو، اُڪو عشق آنانُ،
ديدون، دليون ميلجن، ماڻهو پوءِ مهان.

○

سِڪڻَ، سمجهڻ، سونجهه سان جهومي هيءُ جهان،
جرڪي جو به جوان، جَڙجي شوق، شعور سان.

○

اُڪو عشق اُلاءُ، اُڪو عقل آب،
ماڻهو: آڳ ۽ آب جو مٽيءَ سان ميلاپ،
پوندو پورهيو ساب، هوندِي ساڻ هوا به جي.

○

اڳيان عشق ادبُ، اڳيان عقل ادبُ،
ٻيئي ڏِيئا جي ٻرن، اوتِن جوت عجب،
سارو، سونهن سببُ، ٻنهي جي ٻهڪار سين.

○

چئبي ديد ۽ دل، هوندو هيج دماغ جو،
ماڻهوءَ جي محفل، روشن عشق، عقل سان.

مُهاڇڙو: (مطلب ته) ڊڄڻو، ڪمزور دل. آنان: مست، چريو. اُلاءُ: شعلو، ڀڀڙ، باه.
آب: پاڻي. ٻهڪار: چمڪار، روشني.

○

'آڙهه اِبراهيمُ'، مُوتو، عشق مجو ڪٽي،
'تاري، چنڊ ۽ سج تي ڪيڏو فِڪر فهيمُ؟'
عشق ۽ عقل عظيم، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي.

○

اُڪري آڳ خليلَ، اِيءَ جي اهميت عشق جي،
تاري، سورج ڪان اڳي دوڙي ديدَ دليل،
ڪاٽي جوش جليلَ، ڪاٽي جوت جميل تِي.

○

'عشق' اصل عربي، ڪونهي پو به 'ڪتاب' ۾،
تاهم عشقُ، عقل جي ماڙ مدد مجبي،
يُونءِ نه پر پَربي، سڪٽي جوش جُنون سان.

○

آهي عشق عظيمُ، چا، ناهي عقل عظيمُ؟
ڪيئن هو پاڻ ڪريم، سوچڻ جهڙو سوال آ.

○

او جو عشق آلا، جهڙس ڪونه جهان ۾،
ڪشش ڌاران ڪهڪشان، بيهي ڪيئن پلا؟
سيئي ناهه تلها، بنا محبت مامر جي.

○

عقل آهر آمين، پر عشق نه هڏ چڏجي،
اِيءُ ڪو عيب بشر ۾ علم، غمل گڏجي؟
پيڙيءَ کي سڏجي، بڏجي تُرهو پانهنجو.

'عشق': عشق عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي.
'ڪتاب': قرآن شريف.
پاڻ ڪريم: حضرت محمد ﷺ.
امين: آمانت وارو، حقي فيصلو ڪندڙ، عادل.

o

عشق بہ زندہ باد، عقل بہ زندہ باد!
دائمر سرمد، رابعہ، شيرين ۽ فرهاد،
ميهر ۽ مجنون جي بات نہ ٿي برباد،
نوبل، ڊيزل، جينسن، جنهن بہ ڪئي ايجاد،
رَسل، رازي، پاسچَر، پاول رهندا ياد،
دنيا ڏينندي داد، رهندي دل، دماغ کي.

o

عشق، عقل اتحاد، آئيندي استاد ٿئي!
عشق، عقل آباد، جيتر جوت جهان ۾.

o

سڪڙ هوءِ سلامُ، منهنجي سرت سچيت جو،
ڪلا ڪُل ڪلامُ، نالي تينهَن ڪري ڇڏيو.

o

نوبل (نوبيل)، ڊيزل، جينسن، پاسچر (لوئي) – سائنسدانن جا نالا.
رسل: برٽرانڊ رسل (فيلسوف). رازي: فخرالدين رازي (مسلر فيلسوف).
پاول: لارڊ بيڊن پاول (اسڪائوٽ بانيڪار).

وايون

ٽيئي ٽول اَمول، عشق، عقل ۽ مان.

ناهيان 'نانهن' نِسي وڃان، آهيان 'آنهن' اَڏول.
عشق، عقل ۽ مان.

جهڙو ذوق جوانڙو، اهڙي سونهن سَڊول.
عشق، عقل ۽ مان.

مَنَ جي منشا سُرخرو، تَن جي تانگهَہ رتول.
عشق، عقل ۽ مان.

زَبرا زَبرا زلزلا، ڌرتيءَ لئہ ڌانڌول.
عشق، عقل ۽ مان.

عاشقَ، عشق - عذاب ۾، ماڻِن عيش، اَلول.
عشق، عقل ۽ مان.

ڪيڏي تانگهہ طويل ڙٻي! ڪيڏي عمر اَبول!
عشق، عقل ۽ مان.

عشق، عقل "اُستاد" جا، يار، ٻُرايا ٻولَ.
عشق، عقل ۽ مان.

●

اَمول: اَملهہ، بي بها. منشا: خواهش، آرزو، چاهہ. اَلولَ: مزو، عيش، موج.

●

سِيسُ، ڏئي سَستو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

جنهن ڏي جهاتيون جيوَت پاتيون،
سو تہ سندم سَرتو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

دل ۾ پيار دمايو ديرو،
رڳ رڳ ٽي رستو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

ساگرَ - سِڪ کي سهڪو، سوچڻ -
صحرا کي سَڪتو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

عشق آموتُ هٿي چَت پَت تي،
تخت ڪري تختو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

ساري عمر هينئون سرچايم،
پوءِ بہ ڪٽي پرتو! مون تہ عشق آمُل ورتو.

لالائي "اُستاد" لڳائي،
اوتِيندي آرتو، مون تہ عشق آمُل ورتو.

●

سيس: سر، ڪنڌ. سڪتو: بي هوشي، غشي، خاموشي.

تنهنجو منهنجو، اوجهو ويجهو! ديد ۽ دل جي در تي دنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪرشن ڪونهي بين وڃي پئي، چارڻ ناهي چالو چنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڳاڙها ماٿهو کوڙ ڳري ويا، روز شفق جو جرڪي رنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

سُهٽي، سُهندي، هير، زليخا، جاڻي ڪاڻي نينهن نسنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪنين، ڇُهنبُن، اکين ڪي آ، وو ڪو واهيري جو ونگ!
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪنهن جو جيوَن ٽانگرَ ٽاري، ڪنهن جو جهڙو گهاٽو جهنگ،
دائم قائم عشق اُمنگ!

ڪن پَل جو مان ڪيل "بخاري"، آڻ ڇا جاڻان ازلي انگ؟
دائم قائم عشق اُمنگ!

اوجهو: اوهيو (اشارو). سُهندي: راڻي سهندي جنهن ڇڄ ڪي ڇاهيو.

•

هر هر هُنج هشیارا!
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

آ ٹکٹا انسان، زمانا! آ کٹٹا آزار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

پل پل کي وجهہ پیارا پوئي، هیج، هئ جا هار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

ماٹ وارا ماٹي وِنْدا، پهري هوندي پیار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

گولہ وارا گولي سگهندا، گونگن مان گفتار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

نظرن وارا نوچي ونندا، چُوچُین مان چَمکار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

سمجهہ وارا سمجهن تا پیا، کُکرن مان کُهسار.
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

جیوَن کي "اُستاد" جِلا ڈي! ایرادي کي آر!
دَم دَم دوس لنگهن تا در تان.

•

چُوچون: چوچڑیون، باهر جون آلائبیون، دشمنیون. جِلا: چمک، رونق.

جيڏهن ڪيڏهن جوت

○

اُڀ وٽي ڍيرو، لاڳيتو دِن رين جو،
ڌاڳو آڌيرو، اونداهو ۽ سوجهرو.

○

اڄ، ڪلهه ۾ ڦيرو، اسين آڻيون ٿا ته پيا،
ميرانجهو ميرو، اسان سان اُجرڀي پيو.

○

جيڏهن ڪيڏهن جوت، اوندهه تي اُڀرڀي پئي،
ڳاڙهانجِي، ڳڻ ڳوت، ميرانجهي ميٽڀي پئي.

○

اوندهه هٿِ اُهاءَ جُون، بيکون ڏيندي باک،
ساکون رکندي ساک، سوڀارڀي سوراج جون.

○

انڌيءَ اوندهه کي سڏي، نوتو ڏئي نورُ،
”ڏائڻ، تنهنجو ڏيکرو، نابودي، ناسور،
”ڏاڍو توکان ڏور، نئون نور نِڱي چُڪو.“

○

نياپو ڏئي نور، ڌونڌاڙي انڌار کي:
”پالو نُور نِڪور سان، رُونجهي تنهنجو جهور،
”تازو ڏاهو تُور، گهر گهر تنهنجي گهات ۾.“

بيکون: خيراتون. ساک: مَند، موسم. نوتو: نياپو، پيغام. رُونجهي: جهانوري، گهٽ ڏسندڙ

o

گهر گهر تنهنجي گهات ۾ اونداهي آهي،
اُجيارو "استاد" پيو، ڪارنهن تي ڪاهي،
نُور اُهو ناهي، جوتِ جياري جو نہ ٿو.

o

گهر گهر تنهنجي گهات ۾، انڌارا، آڙاهَہ!
پنيُون تنهنجي پيپَ ۾، بَغل ۾ بيگاهہ،
آڪانجها آڳاهہ، سورج تنهنجي سُجَ ڪان.

o

ننڍي نرمل نورُ، آندارِي آڌارجي!
پوڙهي پَر پريائجي، تڙجي تازو تُورُ!
ڪيسين ڪِيسُ ڪلور، ڇڙو، ڇڙي دؤر ۾؟

o

اُونڌو ۽ آندو، سورج سهندو ڪين ڪي،
ڌنڌ اندر ڌنڌو، چَنڊو چمڪائي پيو.

o

"ڪيڏي ڪوڙهي رُکهَہ"، چٽن چيو چيت وٽِ،
"آڏو اونده گهگهہ"، آڏيءَ آکيو باک ڪي.

o

چبري، چَمڙي ڪي چيو: "اوير اُيري جي"؟
"اُڏري هلبو اوڏاڙو ياڏ وڏيءَ بيءَ ڏي!"
"نہ تہ نُوٽي دوڏن ڪي، اونداهو اولو ڪبو!"

بيگاهہ: بيگاهي وقت، رات جو وچون سانت وارو وقت. ننڍي: گلا ڪري، ڏڪاري.
آڌارجي: سهارو ڏجي، آڌار ڏجي.

o

پڙهيو رات پَڙهو: ”سِج ٻَڌو سوگهو!“
”جيڪونڪري گهگهه مان گهِلي ڏيو گهوگهو!“
لاٽ ڪيو لوگهو، تِرڪيو اچي تيج سان.

o

گهاتِڪ ڪاري گهگهه، آهُنِ سان آهوڙيم،
چهرو چچريل چُگهه، تارا، ناهن نِڀ تي.

o

ڏاتُنِ ڏنڀڻو ڏينهن ۽ قاتل ڪاري رات،
جِيوت، تنهنجي جهول ۾ ههڙي پڻ هيهات!

o

ڌپون ڌُنون ٻاٽَ ۾، سُرهيون لاتيون لاٽَ،
ڪَلئين وِهَه جي ڪاٽ، اوتيون بات اُتارَ جِي.

o

ڌپون ڌنون ٻاٽ ۾، لاٽون سرهي لات،
وجهيو وِهُه ۾ واتِ، اوتيون بات اُتارَ جِي.

o

جهنگل ڳولين جوت، اندر اُهڳ، اُهاءُ!
ٻُڌين ٻاهر ٻول ڇا، پنڊي ۾ پڙلاءُ،
ٻهران، اندر آءُ، اندران، ٻاهر اوت ڪر!

o

راتيون رتو رت، ڏنڀيا ڏينهن ڏجهي وڏي،
’هُوندو‘ ڏجي حال کي ’آئيندو‘ آٿتُ،
سوچُون صديءَ سَتُ، ويرم ۾ ورڇيو وڃن.

گهاتڪ: قاتل، خوني. نِڀ: اڀ. اتار: اتارو، ترياق، ٽوڙ. اُهڳ: سڳنڌ.
اُهاءُ: سوجهرو. هُوندو: موجود خزانو، ملڪيت، ڌن.

○

ڏاهپ، تنهنجا ڏنگ، تازي ماکيءَ کان مِٺا!
سوچون سُوئا سامهان، سمجهان مصريءَ سنگ،
ناداني‌ءَ جا نَنگ، نُگرا نيشن کان گهڻا.

○

باهہ ڀَري کاهِي، ناهي سَچَ ڪَچ وچَ ۾،
اکيان اونداهِي، لهندي لال لـڀيو پوي.

○

سازش هَٿ سُئا، سِٽيو ٽنبي سَچَ کي،
ليئا پائي لوچَ ڇا، لائن لنگهہ لئا،
هاڃا، هنڌَ هُئا، ڌڪجي دَؤر اڳي ٿيا.

○

اوچي، نيچي سوچ جيئن پکيءَ پَنک اُڏار،
نِيري نڀ نِهار، اکيون آکيري لڳيون.

○

تيتر ڪر تاڏر، جيتر جوت سجاڳ ٿئي،
عقيدي جي تون، اسين عَقل جي آڌر،
ڌوڌن جي ڌاڌر، سمجهي سوچ وڃي جي!

○

نيش: ڏنگ، زخم. کاهِي: کڏ، خندق.
لُئا لائڻ: باهہ ڏيڻ، بساد برپا ڪرڻ (لُئا: اماڙيون). هنڌ: چؤڪ.
تاڏر: ٽيڏائي، آڪڙ، سِيٽ. ڌاڌر: دلاسا دڙا، بهلائڻ، ڏٽا.

ڏوڏا ڏيان ڏڳاءِ

○

پهريان رُڪ رجاءِ، آڳ ڏڳائي آڳڙيا!
مُترڪن جي مار سان، ڪارو لوهه ڪناءِ!
جوهرُ جارُ پساءِ، لوهر پوءِ چواءِ تون!

○

لوهارن جي لوءِ، ڏاتا، ڪير نه ڪاتَ،
هاري لاب ڪري ڪيئن، ناري جندُ نه جهوءِ!
قوم ڪٽي سا گوءِ، رُڪ رجائي جا سگهي.

○

ڏَنوين چو ڏَنوٽي اُها، جيڪا ڪالهه ڏَمي،
وچان صديون ڪيتريون ويون وير رمي!
چارو، ڏوڙ جَمي، ويئه ديد دُڪاڻ تي.

○

اکين اڳيان آڳڙيا، "رُڪ جي مل لڳي"،
سترهين، ارڙهين وئي وَهي، ويهين آهه وڳي.
ڏُوڏا وَتُ ڏڳي، لوهيون واڳون وقت جون.

○

اکيون ڪول لهارَ، سياڻا، سوچ، نئين سئين!
مِلون لڳيون مُلڪ ۾، تون ٿيءُ ترت تيار،
حيلا، هوش، هٿيارَ، تڏهن ڳٽبين آڳڙيو.

آڳڙيا: لوهار (آڳ تي ڪم ڪندڙ) جارُ: شوق، عشق، چاهه. گوءِ ڪٽڻ: شرط ڪٽڻ، مقابلي ۾ جيتڻ.
رُڪ مل: اسٽيل مل. سترهين، ارڙهين، ويهين: (صدي). ڏوڏا: ڏَنوٽ وارا، نوان سيکڙات جوان.

○

ڪٽي ڏيم ڏنوڻ، ڪٽي تيز تکا پٽا!
ڏوڏا، تاڙيو دَوَر جو ڦيٽي ريت ڦِرڻ!
اُڏري آڳ وڻڻ، آهي ڪار ڪمال جي.

○

ڏوڏا ڏيان ڏڳاءِ، متان مَتِ اگر ٽٽي!
پنهنجي پُرجهه، پروڙ جا سمجهي مَچ مچاءِ!
پهرين پاڻ مچاءِ، مَرڪ پلي پوءِ ميڙ ڀر!

○

چٽاپيٽي چونڪ تي لاتي لوهارنِ،
هڪڙا بجلي برق تي، ٻيا ٻارنِ اگارن،
تازن اوزارن، ڪِلي ڪيپ ڪٽي وتي.

○

ڏيم: ڏيمي، ڏري. پٽا: مشين جا پٽا. آڳ وڻڻ: پنهنجو وارو وڻڻ، پلاند وڻڻ، آگ وڻڻ.
چٽاپيٽي، مقابلو. (ڪامپيٽيشن). ڪيپ ڪٽڻ: وڏو ڪارنامو ڏيکارڻ، سوپ ڪرڻ.

وايون

راتين رکوالا، تارا بيتالا.
سانجهيءَ جايا، ٻاڻَ نپايا، سنجهي جا سالا.
تارا بيتالا.

کوهه، وڇون، ڪٺ، ٽيڙو، مُنيون، نڪتن جا نالا.
تارا بيتالا.

ويندڙ، ايندڙ وقت ڪڙيو ٿا! طاق هٽي تالا.
تارا بيتالا.

ساجهُر هٽندوَ سورج ڪِرڻا، ياندي ۾ پالا.
تارا بيتالا.

مڪڙين جون اُگهو اڪڙيون ڪرڻا! نيڻ اٽن آلا،
تارا بيتالا.

آلاپي "استاد" اُميدون، لوءِ لوءِ لئه لالا!
تارا بيتالا.

•

بيتالا: بي سرا، بي ڏنگا، آواره. آسمان جي نڪتن: تارن جي ميڙن جا نالا. لالا: الا الا.

•

هاريو، مان به هران!
پينر پُونءِ پَران. اِي در، اُودر اوجهرو!
سوچيو! سعيو، سوجهرو!

چيچي چاچَر پاران چا جي، بُڇي بانسَ بَران؟
اي در، اودر اوجهرو —

پڙڪِي پَميي پُونءِ پڪاري: "ٿاريون هانءُ، ٿران!"
اي در، اودر اوجهرو —

پُوڙو ٿيان ته وڪوڙي پوڙين! ٿُنبو ٿيان ته تران.
اي در، اودر اوجهرو —

ڏانُون، ڏڦا ڏي ته ڪڏان مان! ڏاڏُون سان، ڏران.
اي در، اودر اوجهرو —

ويندِي وِيرَ ورائِي سگهبي، وو، پر مان نه وران!
اي در، اودر اوجهرو —

جيوَن ڪافيءَ جو هو قافيو، مان پو چو نه مران!
اي در، اودر اوجهرو —

نورَ نئين مِ پوڙ "بخاري"، تان پيو آءٌ تران.
اي در، اودر اوجهرو —
سوچيو! سعيو، سوجهرو!

•

چيچي: مڇيءَ جي ڪِک جهڙي بانس، بدبو، ڏپ.
پوڙو ٿيان ته ....: (ٻڌندي پوڙن کي کي هاتڪ هٿ وجهن. ـلطيف)

●

جيڏِي سَوَکِي، ايڏِي آوکي. رات اڄوڪي.

وک وک تي هِن وَهم وڇايا،
اک اک تي. اونداهي پوکي. رات اڄوڪي.

مِينهن بہ ناهي، ماڪَ بہ ڪانهي،
پو ڇو چولڀي ٻانهن آڊوکِي؟ رات اڄوڪي.

سِجَ کان ورتل سا بہ اُڌاري،
جنهن کي چئجي ٿو چانڊوڪي. رات اڄوڪي.

ڪاٺيُون بدلي هاٺيون ٻاري،
مارُنِ پنهنجي مَنهين موکِي. رات اڄوڪي.

چُپ جا چاپڙُ لاهہ چَپن تان،
سَڏ ۾ سَڏ ڏي، او هَڏ ڏوکي! رات اڄوڪي.

تِڪَ تِڪ تي پئي تاسَ پُڪاريو،
"ٿوري چوکِي، چوکِي، چوکي!" رات اڄوڪي.

آڇي تو "استادَ بخاري"،
جوتِ انوکِي، اوتَ انوکِي. رات اڄوڪي.

●

•

جَڳ مڳ اُڀَ ۾، خوشبُو ڀُون، ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

هُن ڇَن ڇيرون، هِن ڇَن ريهُون، جهُومُون يا جهڙڪُون؟
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

هينئن جي دڳ دڳ ڌڪبا رهبا، پڳ پڳ پوندي پُون.
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

سَرڳ سلامِي پنهنجا ٿيندا، سَپنا سوچياسون.
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

گهر گهر گهورون گهورينداسين، باسُون باسيونسُون.
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

روهَہ رسايُون، چنڊَ چڙهايُون، هِن جُڳ جوڳين جُون.
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

آڻيندا "استادَ" اڃائِي، مَوجُن ۾ مَوجُون.
ڇَن ۾ ڇيرون مَن ۾ تُون!

•

جهڙڪُون: ڀڙڪون، ٻرون. پُون: پَونء، گنڊ، روڳ. سرڳ: بهشت. روهہ: پهاڙ، جبل.

رت ۾ رنگ رتي

○

رُت ۾ رنگ رتي، اسان اٽڪائي چڏي،
ٽڏي ساڻ ٽڏي ۽ تتي ساڻ تتي،
محفل جا ۾ متي، پنهنجي پريت پَتي اُتي.

○

تارو ئي تشبيه جي، وو مان وهائو!
ڪارُون ئي درڪار جي، "موسيٰ ڪان مائُو"،
هائُو ۽ هائُو، ڏرن منهنجيَ ڏيل ڪان.

○

ساهتَ ساگر ۾ سدا چيڪي مون چولِي،
جيڪا يانگ، جُهار ۾ للڪارون لولِي،
غيرن لئہ گولِي، وِيسرَ ڪارڙ وِيلڙو.

○

سنڌي ساهت ۾ سنڌم قائم سناروٽي،
يارُونِي تَرَ نارَ جي، ڪينجهر ۾ ڪوٽِي،
جي ڪيهَہ پوٽِي، تہ جا جِيتَ جهَنڊي ڪنئِي.

○

ڪينجهر ڪنورَ قطارَ، هوندا هوش نوان سنوان،
ساهتڪار هزارَ، جهِرمز تارا جهول ۾.

○

ويدن ڪان هن بيت تي، اِيءُ نِوايو آڌ،
ساهَت تنهنجو قدُ، اجا آڪِيَرو گهٽو.

وهائو: صبح جو تارو. ڏينهن وارو تارو. هائُو: ڏاڙيلو، ظالم. هائُو: بيچارندڙ، هراس پيدا ڪندڙ.
يَانگ: نديءِ وير. جُهار: وڏي وير. ويسر: تمام وڏي ميڙ. مانگر ميڙ، تمام وڏو مانگر ميڙ.
ويلڙو: ڪاري ڏي عام خيال (روايت) آهي تہ ويلڙو نديءِ ميڙ آهي، پر ويسر جي ناسَ ۾ گهڙي ڪيس ماريندي آهي.
يارونِي: هُرلي يا نار جي آها ڪائي، جنهن ۾ مَهري جي هيٺين چوٽي ڦري.

مجاز

منهنجي لاءِ مجاز

○

منهنجي لاءِ مجازُ، جيئڻ لئہ جيئن کاڄُ،
سِڪڻ ريءَ سُجهي نہ دل، سُرڻ ڌاران سازُ،
جيئڻ لاءِ جَوازُ، جانِي ڄيهو ڪو ٻيو؟

○

دردن جو دونهون، پَرتِي، دَرَ تي، ديدَ تي،
سُونهن ڪري سُونهون، هليو آهيان هيترو!

○

سڏي سڀ ڪو سِج، ڀانيان ڀَڙڪو عشق جو،
پوِي ٻَنِيءَ ٻج، سمجهان سعيو سُونهن جو.

○

منهنجو ظرف زمان ۽ منهنجو ظرف مڪانُ،
ازل کان آهن اهي ٻَئي تو وٽ ٻانُ،
ڊاڻن وانگر دانُ، ڏين ٿو ڏينهن ۽ راتڙيون.

○

ٻَئي تو وٽ ٻانُ، جاني! جيوَن، جندڙو،
ڳڻي ڳوڙها ڏنڊُ، ڏيان، دِلاسو ڏين دانُ،
اهو ئي احسانُ، آجو آرُ ڪرينم جي!

○

جَتَن جيڏا، سَتُ آدو، سَرتا ساٿي، سُورَ،
پيتَم پيڙون، پُورَ، جانيءَ ڪارڻ جندڙا!

منهنجو ظرف زمان ..." مراد آهي زمان توڙي مڪان.
ٻان: ضمانت طور بند ٿيل (ماڻهو)، نظربند، باندو.

o

طرحين طرحين چاهتون، پاتين پاتين چاڳ،
رمزن ۾ ئي راڙ ڏين، رمزن ۾ ئي راڳ.

o

اُجهڻ ڏاران لوڇ چا، سِکڻ سوا سيکُ!
نينهن بنان ڪو نيکُ؟ محبت ري ڪو ماڻهپو؟

o

عاشقي ۽ آنءُ، هُوڪَ حقيقي هيڪڙي،
جاني، منهنجي جانِ تون، حُسن منهنجو هانءُ،
نِينهُن "بخاري" نانءُ، هوندو منهنجي هيجَ جو.

o

ڪنهن ٿي پڇيو ڪيئن، اُپريئر عشق انگن ۾؟
"جَرڪيو جوين جيئن، سُرڪي سِکَ رڳن ۾."

o

ڪنهن جو پڇيو ڪيئن، پڙڪيئر عشق بدن ۾؟
تِيلي هڻي، هِيئن، اُڇليم آگ ڪَکن ۾!

o

ڪنهن جو پُڇيو ڪيئن، پانيان عشق اُلانبيون؟
چيم: چڙهيل چيئن، ڏنو ٿئي ڪو ڏيهه ۾!

o

ڪنهن ٿي پُڇيو ڪيئن، ڪنهن کي عشق سڃاڻجي؟
"تون جيئن ڦاسين تيئن، تڙپي لوڪَ بتاڻجان!"

o

هُتان هليو هِت، هتان هليو هُت،
جيڏيون، جاني جِت، هوندو اُتي هينئڙو.

o

سؤ سؤ سِڪون ساه ۾، سِڪ سِڪ ڇڪون سؤ،
پل پل پيئان پيار، پر ڍولڻ ناهي ڍؤ،
ڀاڪُر ڀَر ۾ ڀؤ، ساگر ساڻ اُڃو اڃا.

o

ننڍي لاڪُون نينهن، اکين، ڳوڙهن سان ڳنڍيو.
ڪڏهن ماڪَ ڪَليءَ تي، ڪڏهن ماٿر مِينهن،
ڏٺم ڪوبہ نہ ڏينهن، وسڻ کان واندو پرين.

o

آزل لاڪُون آنگ، لڳو عشق عجيب سان،
ديکڻ جو دلدارُ هي ديدون ناهن دنگ!
نِينهن نِرنگو رنگ، پرکڻ سان پکڙيو وڃي.

o

سرتيون مون سَرتو، ننڍي لاءِ کان نينڍيو،
وهيءَ تائين وَس ڪيم، مَس پرين پَرتو،
وقت کسي ورتو، مَرتيو بنجي جيتيو.

o

اُٿيس ٿي اوٿر، سُتُس ٿي ساگر،
تَنبيس، تڙپيس تو وڌو توڙي ڀاڪُر ڀَرُ،
جيوَن: جهولو، جَرُ، چَئہ تون چين ڪٿان اچي؟

o

اُڀ اُڀون، اوڀَرَ، ڀُونءِ ڀٽون اوڀَر،
ٻاهر، اندر ٻَرَ، چئہ تون، چين ڪٿان اچي؟

ماٿر مينهن: ماٿريءَ ۾ مينهن. نِرنگو: بي رنگو، بنا رنگ.

○

بِره بي حد بَرُ، اوڙڪَ ڪهڙي عشق جي،
جيئڻ جَڳ کان اڳيرو ٿانگهڻ، تنهنجو تَرُ!
دؤر دؤر جو دَرُ، جيوَت جهاتيندي وتي.

○

جُوالا جبلين لڳان، ميدانين مهراڻ،
تپتِ ۾ طوفان ۽ سَهپ ۾ سُرهاڻ،
محبت هَٿِ مياڻ، تيزي ٿِي ته ترار مان.

○

اسين ايندا سين، جيسين سنتُ سريرَ ۾،
جيڪي جوتُون جيءَ ۾ اوتي ڏيندا سين،
واسيو ويندا سين، پنهنجو پاڻ پريت سان.

○

ايستائين اچ، جيستائين جندڙي،
پنهنجي تيتر پَچ، جيتر مچ مڪان ۾.

○

اندر اُڌمي سِڪَ، اکئين ڪوسو اوتجي،
لَڪيءَ ڪهڙي لِڪَ، ڌارو ڌوڪاريو وهي.

○

تڙپي طلبَ تِڪَ، هُڙڪي سِنڌو هاڙهَه ۾،
روڪي ريت ڪَنڌي گهڻو، سِيرَ: سگهاري سِڪ،
ڀَرم: ڀُرڻي ڀِڪَ، لهرن ساڻ لڙهيو وڃي.

ڌارو: وهڪرو، چشمو.

○

هو جي ڏِينم هَوَ، منجهان مهر ڪٽيءَ ڪٽي،
جِيئان صديون سَوَ، ڍويان ڍُڪجي ڪين ڪي.

○

هو جي ڏينم هَوَ، پرين پنهنجي پريت مان،
ڍاپان ڀانيان ڍَوَ، توڙي تانگهه نہ ڍاپجي.

○

چيٽي جو چوٿون حصو، ڌر ڏئي مُون ڏي ڌيانُ،
منهنجي بِرهَ بُٺيءَ جي لِٽي لهي مانُ،
مَنَ ٿئي مانُ مَهانُ "منهنجي مَنَ - مراد جو!"

○

تيرهين پتي تِرَ جي، ايڏي ٿئي امداد!
بَرَ جي منهنجي بِره جا، اُڀري ٿين آباد!
آڏجي پئي "اُستادَ"، آئيندي جي آرزُو!

○

ٽيپي جي ٽيهين پتي، چئہ، جي تنهنجو چاهُ،
سو ٿو سانوڻ جو سَڃان، دلبر مان درياه،
اڃا سمنڊ اٿاهُ، اِتان ئي اُٿلي تہ پو؟

○

سَئون حصو سرنهن جو، تون جي آڇين توهُ،
مون تان ريت ڪٽو منگيو، قُربن ڏنو ڪوهُ،
ڏونگر جيڏو ڏوهُ، ڌڌڙ داڻو ٿِي پوي!

هَوَ: تمام ٿورڙي ذرڙي، رَتيءَ جي بہ رَتي. چيٽو: اناج جو قسم، سنهڙو ڏٽ آهي.

○

ذريءَ مان بہ ذري، سري سوچَ سُجاڳَ جي،
جيڏي اُڀَ ۽ ڀُونءِ جي ڀانيان آءٌ ڀري،
ڪُلي نورَ نِڪور جي دَؤرن ڏانهن دري،
ميان، آءٌ مري، جِيان جوتِ جهان ٿِي.

○

ذريءَ جي بہ ذري، ملي مِهڪ مندائتي،
ڪلي پئي فردوس جي، دوزخ ڏانهن دري،
جهومي آجِي جُوءِ ۾، هُوءَ جا حُورَ پَري،
وڃي پو بہ وَري، مَلهان واسَ وَلهار ۾.

○

ذرڙيءَ جي بہ ذري، چولي چڻنگ وجهي ويا،
آءٌ انهن جي آنچ ڙي، ”ٻاري جن ٻَري،
”جوڳي جُوانَ جَري، مچي مچ بڇي ويا.“

○

جيڏو جنسي جَؤ، ايڏو عشق سچو هُجي!
ڪٽڪو ڪهڙو ڪيٽ کي، ڀُئِن کي ڇا جو ڀَؤ،
مغز تي مهراڻ جي موجن جهڙو مَؤ،
ڪانئِرَ کائين ڪَؤ، ڇو جو عشق ڇُهيو نہ تو!

○

ڇو جو عشق ڇُهيو نہ تو، ڊڄُ ڀلي ڊڄڻا،
اُتائين اِتهاس پيو، لفظن ۾ لڪڻا،
ايرادي ۾ اُڻتڻون، سوچُن ۾ سِڪڻا،
مطالعو مِهڻا، ڏيندو رهندءِ ڏيهہ جو.

انچ: ڄي. جَري: وير، سورهيہ. ڪَؤ کائڻ: ڊڄڻ. اُتائين: ٻڌائين.

○

تنهن تي ناهہ ميار، جنهن تي عشق جهُليو نہ هو،
جوڀن تنهنجا جرجلا، جُوالا، جَنجارَ،
ٻُڌا سڌڙيا، ٻار، پري کان پُرجهيو ڊِڄن.

○

ساري عُمر سِڪي، ڪانئِر قَهر ڪري ويا،
محبت منجهہ مُنافقِي، لپڪن پوءِ بہ لِڪي،
ٿَهڪن وَٽِ ٽِڪي، سُڏڪِي نيٺ سُمهي پيا.

○

قرب ڪندا ڪُرڪِي، ڏيندا پيار ذري ذري،
ساڻن سائِر سونهن پر سَرندي ڪا سُرڪِي،
محبتِي مُرڪي، ڇُلڪِي پاڻ ڇَرون ڪندا.

○

چَون چاهہ چَٽِي، سوسا ليکا - سارڻا،
دنيا ۾ درياهہ ها، وَٽن وِرهہ وَٽِي،
هُجن ڪَڇِ ڪتاب پر پڙهن مَس پَٽي،
گهمن گهرجَ - گهَٽي، ڏسن ڏيک نہ ڏيهہ جو.

○

دنيا جي دستور ۾ سهسين سنگ سُجهن،
ڏوران ڏنگن نانگ ٿي، ويجهو وَنگ وجهن،
سهسين ٻول ٻُجهن، ڪو ڪو قول هلي ملهي.

○

جيڪي جوان جرير، سهڻا، سُرتيا، سيبتا،
ڏٺي روح رچي مچي، سرچي سانجهہ، سوير،
کِلڻ، خوشيون خيرَ، ملڻ، مؤج مبارڪون.

جهُليو: لڏيو، جهوليو، جهُولي پهتو، لٿو. سوسا: ڪنجوس. جرير: خوبصورت اصحابي.

o

چوڏِس چنڊَ ئي چنڊَ، سوچو حال چڪور جو!
مون تي مَنڊ ئي مَنڊَ، پاڻون ڄاڻِي پيار جا.

o

اڳهرون هئي اَچَ، محبت جي ميدان ۾،
شروع آهي شوق جي پرين هاڻي پَچَ،
مٿان مچ ئي مچ، پسون پوءِ پَريان ڪٿان؟

o

وايون

تو جا پريت ڏني،
ٿي وئي ڀيڄ ڀني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

مان ڇا، تون ڇا، ڇا چوان!
مَجنون ۽ مَجنِي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

جيڏيءَ آڏو جل پَري:
موڳي، مَم، مِني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

ڇرڪي پيار ڇُهاوَ جي،
تو ڇو تارَ ڇني؟ جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

آرتيون پنهنجون آڱريون،
چونڊيا ٻيرَ ٻنهي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

ورتي پيارَ پَتِي پرين!
پيتي مون نہ پني، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

ڀيڄ ڀني: پريات، پرهہ ڦٽي (روشني). جل پري: پاڻيءَ جي پري (مطلب سهڻي).
مَم: (بد شڪل) جانور. مِني: نڪ ڪٽي، بري نڪ واري.

سُهڻي سَجلي زندگي،
ڪرڻي ناهه ڪِنبي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

سوچ، سُجاڻ "أستاد" ڏئي،
ورتو وأس ڳنهي، جاني جيءُ چوانءِ،
جيءُ چوانءِ جاني!

●

•

رڳ رڳ ۾ رُون رُون، تن من ۾ آن تون.

جيوَن ۾ جڙجي ويون، مَحبت جون ميخون،
تن من ۾ آن تون!

سيڀي سانيپي سُونهن کي، لونءَ لونءَ لاتوسون،
تن من ۾ آن تون!

ڇُڙندیون ڇڇندیون کين کِين، ڳوپَ ڳنديون ڳوڙهيون،
تن من ۾ آن تون!

اُلفت رنگ رتِي ذِتي، تيکون تي ميکون،
تن من ۾ آن تون!

آدوڙي "اُستاد" کي، محب کرين مددون،
تن من ۾ آن تون!

•

●

وينٺي ويٺي ٻارين! چيٺي چيٺي ٺارين!
نيڻ کڻي ناڪاري،
هام هڻي هاڪاري.

گهنڊ گهنڊيءَ سان، مُرڪ مٺيءَ سان، آڏارين، آڌارين!

سانت وڇائي ساز وڄائين، جُوهه وجهي جهونگارين!

دل ڌرتي آ، دل سَرتي آ، ڌارين يا ڌتڪارين؟

عشقَ اُتيئي عيش ڪرائين، اَور جتي آزارين!

دنيا فاني، دنيا باقي، ميڇُن ۾ سيکارين.

ڏات رتيءَ کي ڏور نئين ڏِئي، ڏانوَ نوان ڏيکارين.

اَهنجَ، عذاب، "بخاري" ڀوڳي، آجا اَؤج اُجارين!
نيڻ کڻي ناڪاري،
هام هڻي هاڪاري.

●

آڏارين: ڏري، ڏڏرين، ٽڪرا ٽڪرا ڪرين. آڌارين: سهارو ڏين، ٽيڪ ڏين.
اَور: وڏيڪ زياده.

•

ماڪيءَ مانارو،
پاڙو تو وارو، پاڙو تو وارو!
ويڙهو تو وارو!

ڏاڍا ڏنگ گهٽا ٿا مارن، پو به پرين پيارو،
پاڙو تو وارو.

جيون جهنگ منجهانرا گذريي، چاهارو چارو،
پاڙو تو وارو.

ڪارَ پڪيڙيو ڪاچَ، ڪيئن لئه، دونهون ڏوڪارو،
پاڙو تو وارو.

ماڪي ميڙ بَتِي جي بنجي، ڏکجي آنڌارو!
پاڙو تو وارو.

اوت ڏٺي جو، زهر پئي سو، وو، هي ورتارو!
پاڙو تو وارو.

ٽڏڙا ساهه ۽ ڪوسيون آهون، سيارو اونهارو،
پاڙو تو وارو.

بوسا ماڪيءَ لارَ "بُخاري"، وسڪي ويچارو!
پاڙو تو وارو.

گهٽا: ماڪيءَ مڪايا مڪيون. چاهارو: چاهه وارو. ورتارو: ورتاءُ، هلت.

توبَه زاري توبَه زاري! بي قَدرِي جِي ياري.

جهَل تہ نہ جهَلجِي، مَل تہ نہ مَلجِي، جهڙي ٻُکَ ۾ واري،
بي قدرِي جي ياري.

کِيڪَر خيزو، مُرکڻ موتيو، اندر آکَ جي ٽاري،
بي قدرِي جي ياري.

سِرَ تي خُواري واري کاري، آک ۾ ڪُک ۾ کاري،
بي قدرِي جي ياري.

پيار پگهاري، هينئڙو ڳاري، قهرن جي ڪوٽاري،
بي قدرِي جي ياري.

ماري جاڻي، ڏاري نہ جاڻي، جنهن جو شوق شڪاري،
بي قدرِي جي ياري.

رَنگ رنگيلي، نِيلي، پيلي، ڪاغذ جي گلڪاري،
بي قدرِي جي ياري.

ڪجهہ بہ هُجِي پر عِشق اسان جي، سونهن تہ پئي سينگاري،
بي قدرِي جي ياري.

قدرِي سان رُوح نہ رَلجاءِ، پُلجي يارَ "بخاري"!

خيرو ۽ موتيو: گل جا قسم. ڪوٽاري: سون ۽ رانديِ ڳاڙهڙ جي پيالي.

•

اُڻ تُڻ مَنجهہ اَلول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

ڪِلندي ڪلندي ڪاءِ ڀَنواٽيون!
چاهُہ چڙهيو چوڏول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

هِيرَ، ڪٿوري، پيرَ پرينءَ جا،
ڳليءَ ڳليءَ ٿم ڳول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

ڏينهان تُنهنجي ڏورَ اسان کي،
راتيون تو لئہ رول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

جُوءِ سموري ڪُوءِ پرينءَ جي،
ڀُلجان پو بہ نہ ڀول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

ٽاٽا، ٽاٽا، جيوَن جايُون،
ٽيڙو، ٽانگرَ ٽول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

تُنهنجا جَلوا ڳاڙهيون ڳاڱون،
منهنجا جذبا جهول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

ٻاڪارِن ٿا ٻول، "بخاري"،
دانهُنِ ۾ ڌانڌول، الو ميان، تاڻي ڄاڻان، ماڻي ڄاڻان!

•

الول: عيش، مزو، لطف، موج. ڪاءِ: ڪائي. ٽيڙو: اَڀَ تي هڪ نکٽ.
ٽانگر: هڪ گل يا ٻوٽي جو قسم.

•

ٿهكن ٽڇكن ٽاٽا:
مون سمجهيا او موسم، معشوقاٽا ماٽا!
محبوباٽا ماٽا!

جَمندي سان جمارَ سُٽي پئي، اولاڪا، اولاٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

موسم رعب رکي محبوبي، ٽڙکن دل جا ٽاٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

محبت ماکي، يُون يُون ڏينيُو: ڳٽيون ۽ ڳاراٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

ڪاتيون ڪرٽا، جهوپوون جهولا، ڪنولِ ڪُنا، ڪوماٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

لڙڪ ڦٽي پيا، ٿهڪ ٽڙي پيا، دؤر چَنيا کي داٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

آجڪلهه جي گنيير گهٽيُن ۾، هيجَن جا هاواٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

هانءَ نه لاهه حياتِي هاٿي، سَهج نوان ساماٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

ياتين ياتين بَحث "بخاري"، هاها، نانا ناٽا،
معشوقاٽا ماٽا.

•

اولاڪا: اڪا، ڏوجهرا، رولڙا. اولاٽا: اوراٽا، لولين.

●

محبت ۾، مشغول الو ميان! جُهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

قوهڙ جُواڻي سِڪ ساماڻي،
ڦاڳ ڦلاريو ڦول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

ميندي ۽ رتڙي موسم منڙي،
ڳائي ڳيچ ڳڻول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

مَحبت محنت وارو پيارو،
ماڻهو ناهه ملول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

عاشق، معشوق آهيون، ناهيون،
عامل ۽ مَعمُول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

ڪَس رَس ۾ "استادُ بخاري"،
مس مس ٿيو مقبول، الو ميان! جهولي جهومي منهنجو جيئڙو.

●

ڦاڳ: ڦڳڻ، بسنتي موسم. ڳڻول: ڳاڙهو، لال.

•

تنهنجو سُور، سُرُور او پيارا!
جهڙو نيارو!
تهڙو پيارو!

بن بن جو بَل بارهن اُوٽو، سنگت سات ضرور او پيارا!
پيارو پنارو،
سات سهارو.

سال سڪايئ، پريت نہ پياريئ! ڪيڏو ڪِيسُ ڪلورُ او پيارا!
سنڌو ڏارو،
آءٌ اُجيارو!

ويجهو ويهہ تہ جهَرڪان، جهُومان، ڏاڍو تڙپان ڏور او پيارا!
ريجهَہ اُجارو،
پيڙ پچارو.

تنهنجو نانءُ تہ چنڊو چلپو، توڙي هانءُ تَنُور او پيارا!
پارڻ وارو،
نارڻ وارو.

پورهيتُ پنهنجو پيار "بخاري"، مون چو: آءٌ مزور او پيارا!
سانوڻ سيارو،
نينهن نظارو.

•

•

تکليفون تفريحون، سيٹن، سڃٽن سانگي،

شوق نپايون تا يا شعلا! چاهه چئون يا چيهون؟
سيٹن، سڃٽن سانگي.

ڪونه ستائي ڪنهن کي ڪاڻي، ڪونه ڪيون پوءِ رهون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

تَنبڙ کان ڪجهه تڙپڙ وِترو، راڳن سان گڏ رهون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

سورج، تارا، شبنم، شعلا، تنهنجون ئي تشبيهون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

ساگر، اوٿر، ڪينجهر، هيرون، منهنجون ئي تشريحون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

پويان لوهون، اڳيان ڊُوهون، بيهون سو ڪيئن بيهون؟
سيٹن، سڃٽن سانگي.

منزل هڪڙي هيڏي هوڏي، واٽون ويهُون ويهُون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

وڏندو ويو "استاد" اسان جو، ڏورڻُ ڏينهون ڏينهون،
سيٹن، سڃٽن سانگي.

•

چيهون: باهيون، آڳيون، وڃون.

اندر ڌڳي آڳ

o

اندر ڌڳي آڳ، ٻاهر چاڳ چلي تہ ڇا!
رڳين جلي جاڳ، سرتيون، سانت سمهي ڪٿي؟

o

چڻنگون چڻنگون مِينهُن، ٽانڊا ٽانڊا گل،
چڱو ڪيم نِينهن، ڏٺم تارا ڏينهن جا!

o

چڻنگون لڳن ماڪَ، شعلا ڀاسَن گل،
ڄَرُن منجهان ڄُل، ڪير ڪرائي عشق ري.

o

دُکڻي آوي آنهِہ تون، آءٌ اُٿڻو آڙاه،
دونهون تنهنجو دُک پرين، شعلو منهنجو ساه،
عشق عاليجاه، ٻنهي کي ٻاري پيو.

o

محبت کي مجبور، ڪيو ريتُن ڪيترو!
سرتيون سِڪڻ، سونهن کي سمو ڏئي سُور،
چاهتِ چڪنا چور، چاوتِ چوٽ چڙهيو وتي.

o

نَنگي سونهن نگاه، جَميي جوڀن وَنگيو،
جيوَن جي جنگاه، سنگينن ۾ گهيريو.

وي: کوري. جنگاهہ: جنگ جو ميدان.

○

تو کا دانهن ڏني، ڏکي، راتيان - ڏينهن رڙيس،
تو جو ساه ٽڏو ڪنيون، ساري عمر سڙيس،
لائي سونهن لڙيس، او، مون عشق اهو ڪيو!

○

ڳوڙها تو ڳاڙيا، ڪوڙا آنگ نَنگي لڳا،
گهوڙا ڙي گهوڙا! تنهنجو سُورُ سَنو نه ٽئي!

○

ڏکي سونهن ڏسي ڪيم، عشق يڪو غمناڪُ،
چولو چاڪُ ڏسي ڪيم، عقيدو ئي چاڪُ،
باغِي ٽيس بيباڪُ، قسم، سونهن سُهاڳ جو!

○

اکيون، دل اڙيو، ماڻن سهڻيون صورتون،
جيوَن جنگ لڙيو، موڪي غيرتَ مامرا.

○

ڪاڻي زُلف زنجير! ڪاڻي ڪلف، زنجير؟
ڪاڻي تِيرَ نَظر جا، ڪاڻي ڪوڙا، ڪِيرَ؟
دلبرَ، ڏرتي ڏِيرَ، بَهڳڻ بنهي سامهون.

○

ساڙي ساندَه سُورُ، هائِيءَ منجهه هَجان، هَسان!
اکين منجهه آنبور، پو پڻ سونهن پَسيو ٿران.

○

جِيوَن ناهي جيلُ، جِيوَن بَنجي جيل،
بَهڪڻ، بَڙڪڻ بَهڳڻ بَڏا بيئي بيلُ،
وَهسن توڻي ويل، جهومن توڙي جهوريون.

وهسن: ٽڙن، خوش ٿين.

○

جِيئن نانُ تَنورُ، اِئين جانِ جُنونَ ۾،
توڻي ڀَنوَ، بَهُورَ، اڳتي تاڻ اُمنگ جي.

○

جُوئر ۾ جانڊاهِ، جيئن جانڀا ۾ آڙاهَ،
ڪرڻي ناهي آه، اسان پڻ اِئن عشق ۾.

○

وَهِي ناهي مَڙهُ، ڏِيل نہ ڏولِي ڳيرُو!
جوڀَنُ جَذبَن، ڳڙهُ، ڪُنگرو ڪُنگرو قيامتون.

○

جوڀَنُ جنازو، ڏولِي، ڏِيل ڏٺو بہ مون،
ڪَرنگهو ڪوازو، هو ڪو ڪوٽ ڪَلورَ ۾.

○

اَندر ڀڙڪي باه، ٻاهر ٻهڪن ٻول ڇا!
لوڪن ليکي لوليون، عشق اُٿاري آه،
سي ٿي سهڪيا ساه، جي ٿي سازَ سڏيا اوهان!

○

سوئِي سَهجُ، سُرورُ، سوئِي سُورُ سُهاڳڻيون!
هَڄي، موج مزو وٺي، ماڻهو ڄَڻ تہ مزور،
اِهو عيش ضرور، آهي هائِيءَ هَنج ۾.

ڀَنوَ: ڀَنءَ، پُورَ، ڦيراٽيون، ڀَنواٽيون. بَهُورَ: ويچار، ڳڻتيون، سُور. جانڀا: ڇانڀا، ڍنگريون. مَڙهُ: لاش، مَٽ. ڏولِي: ڪائِي (جنهن ۾ مُردو کڻجي.) ڪَوازو: تختا، ڪاٺيون جن تي چڙهي بيهي رازا ڪم ڪن. مَنهن يا ڇپر جو پهريون بوتو.

o

چَهڪن پٽيان چيٽ، سِکيا منهنجا سُپرين،
غُصا گٽن گاڏڙان، موشا ماکيءَ ميٽ،
ڏِيل تتين سين ڏيٽ، ڏنپي ڏِيئن ڏات جي.

o

رهڙيون روح، رڳون وجن، اوکا ڏکن آنگهه،
جيڏيون، منهنجي جند مان لُڇڻ ڪيا لنگهه!

o

وهيءَ ڪديا ڏار، ڪڙڪيون وڃون ڪيتريون،
جوين تنهنجا جَرجلا، جُوالا، جَنجار،
عاشقي آزار، جهاڳيندِي، جهُلندِي وتي.

o

سو تو ڪهڙي سُڌ، جو تو عشق آڏي نه ٿو!
سَتڏين وَڏَ سٽا نه تو، پَکين پَهرين پُڌ،
سمجهين چتي جُڌ، سورين شطرنج ساريون.

o

پاڻي بنان پيار، پچين پاڙو سونهن جو!
"ڪاڏي منهن مريمَ جو ڪاڏي تندو اُلهيار"
توتي ناهه ميار، سوداگر بازار جا!

o

چٽگون چوين باهَه، چئبو باهه ڏني نه تو!
اُلاڻيون آڙاهَ، پَسين پوءِ پتو پوي!

موشا (موشو): ڪنارو، ڪوشو، حجاب. آنگهه: ڪتون، چهڪ، چير.
جهُلندي: لڏندي، جهولندي. چتي جُڌ: وڏي جنگ.

o

توتي مات ميار، جو تو عشق جتائيو،
”شينهن نہ چرندو ڊڀ آ، نينهن نہ مڃندو هار“
هئہ هئہ تو هٿيار، ڦٽڪڻ ريءَ ڦٽا ڪيا!

o

پيٽان پٽن پُور، واڇان ڇَلڙو ڇو چئون؟
ڪير ڪري مذڪورَ، محرم ۾ ميلاد جا.

o

پيران ڇمڪي ڇير ڇو، پيٽان پِٽن پُورَ،
وائي ڪهڙو واس ڏئي، سيني سهڪن سورَ.

o

سرتيون صديون دُورُ، منهنجا ڏک سکن کان،
وڃان ويجهو وَڃهہ کي وڃي تيئن وَهلُور،
نئون نِمرو نُور، وَهلو سُورَ وڍي سگهي.

o

هڪڙو جهُوٽو جهُوم جو، ٻيو جهؤنڪو جهوراڻو،
ڪا ڪا گهڙي گهڻگهري، ڪا گهوڙا ڙي گهاڻو!
ٽهڪي پيو ٽاڻو، لولينِ، گولين جهول ۾.

o

ڇهري تي چَهہ ٻَهہ مچي، اندر ۾ اُڊڪو،
الاڙي، انسان کي عيشن ۾ اُلڪو!
ٽهڪن ۾ سڏڪو، کيجن ۾ ڪِٽڪو سجهي.

جلڙو: عشقيہ لوڪ گيت.

○

تو ڏي ڇاه ڇُڙي، هيڏي هينئون ڊوڙ ۾،
ٻُرڪين ڪُرڪ چپن تي، منهنجو قرب ڪُري،
اِتي هَوَ هُري، هِتي هڙ هَڇيو وڃي.

○

قهرن ۾ ڪُوڪڙ وڏي، قُربن ۾ ڪلياڻ،
سِڪڙ جي سنسار جو سَڄ اهو اهجاڻ،
محفل ۾ مانڌاڻ، تُنهنجي ماڻ مُني وڏو.

○

مُني ماڻ منجهان اُڏو محفل ۾ مانڌاڻ،
چلجيين ڪَلجين، ڇيهجين ڇو نہ پچين ڇاڪاڻ؟
ڪُڇڙ مان ڪلياڻ، ماڻي سگهندين مارڪا!

○

مرڙ ناهي ماڻ، محبت جنهن سان ماپجي،
ڪاتيءَ ساڻ ڪُسي، سُکيو، سمهيو سامِيءَ سان،
پَڇي پَڇري پاڻ، نيهي، نينهن نياڻجي.

○

ڪُسڻ ۾ ڪلياڻ، سمجهو، مان ٻہ مجان ڪٽي،
سُکيو سامِيءَ ۾ سُتي، ٽانيڪو ٽٽي ٽاڻ،
اسان سڄڻ ساڻ، گڏجي گهنگهَز گهارٽا.

ڪُرڪ (ڪرڪڙ مان): ناراضگيءَ جو ٻنهڙو آواز. ڪُري: ڏکي عذاب ڪري.
هَو: ڏرڙي، رتڙي. هڙ: سپ. مارڪا: او محفل، او ڪچهريا

o

چَپن چُپ ٿپي تہ ڇا، ڀتيون ڪن ڀُڻ ڀُڻ،
پَسج پَڌرَ پَٽ تي اندر جي اُڻ تُڻ!
سِيمَ سڄيءَ کان سُڻ، هو جي هانوَ ڍڪيون بہ مون!

o

چَپ نہ کنئي چغلي، مڃيم محبت مامَ جي،
نہ ڪنهن آڱر سَڄ ڪئي، نہ ٿي دل دُغلي،
آدِي اک اُکلِي، کولِي هوڪَ هيانوَ جي!

o

رڳين سُرڪيا راڳ، چَپين چڻنگون ٿي نِڱيا،
وايُن ۾ ويڙهيل هئي، اڳيان پويان آڳ،
چاهت، چَهہ ٻَهہ چاڳ، ڀميٽ ڀڙڪا ٿِي اُٿيا.

o

اندر ڳڱيا راڳ، ٻاهر ٻڙڪائي ڇڏيا،
دل جا روشن دائرا، درد بنايا داڳ،
جلي جِٿ ڪِٿ جاڳ، اکيون آڳ، اُجهامَ ڇا!

o

تِريُن هيٺان تَئو، مٿي مٿان مَئو،
نہ ڪو خوف فلڪ جو نہ ڪو ڀُونءِ جو ڀَئو،
چاهہ چريو ئي چئو، ٽاندن ۾ ٽڙندو وتي.

o

تريون پيرَ تِريون، ڪاڻيون پَٻَ، ڪُڙيون،
مُيون ڪين مُڙيون، پُريون پو بہ پرينءَ ڏي.

چُپ ٿپڻ: چَپ کي سيل مهر ڪرڻ، وات بند ڪرڻ. آڱر سَڄ: آڱر جو اشارو، هٿ ڏس.
چاڳ: ناز، نخرا، لاڏ، خوشيون.

○

سَمي سَهڪن ساهَ، ماڻهن ليکي موسمون،
ساڙنِ پارا پوهَ جا، آکاڙي آڙاهَ،
واسَ وسنتِي واهَ، هُجن هيج هميشه جي!

○

ويري وڏِي وِيرَ، ويري ننڍي ويرَ،
اُتي ساه سُڌير ۽ اُتي دِل دلگير،
سُڀاءُ ساگر سِيرَ، هِردو هنڌ نہ هڪڙي.

○

بعضي جذبا ڀانگَ، بعضي جوش جُهارَ ۾،
مِلون موجُون مُرليون، ڇڄون ڇوليون نانگ،
سوڀاءَ ساگر سانگَ، اُٿل پُٿل آڻ ڪٿي.

○

هڪ جا سُهَم سَڙهي گهِڙي، ٻِي جا ٻاجهَہ ٻَکي،
ساگر عُمر سکِي، گذري ڀانگ، جُهار ۾!

○

آندر ۾ آڙاهَ، ديدُن ۾ درياهَ،
صحرا، سائر ساڻ مون پورا سال پنجاهَ،
وِره کي وهواهَ، تَتُس، ٽُڙڳيُس پاڻ ۾.

○

سڄي آڌ صدي، جاليان ها ڪيئن جارَ ري،
جيڏيون جَسُ جَتن کي جتان ووڙ وڌِي،
لڇَڻ جاچ لڌِي، نہ تہ واندو ماندو ٿي مران.

هردو: هِينئون، دل. ڀانگ: ننڍي وير. جُهار: وڏي وير.
سُهمَ (استعمال ۾ مؤنث): جهِڻڪَ، ڇڙٻ. جارَ: جل. جَتن: عشق.

وايون

ٻاروتڻ کان ٻَل، پَڄرن پيا ٿا پَل، جيجل، آءٌ جلان!
جيجل آءُ جلان، اورڻ ڏينم اَمان!

جوڀن، عشق، اُبهرا جذبا، جهلجن پو بہ اَجهَل،
جيجل آءٌ جلان!

تڙپي، تاڻي ڪاڻ پرينءَ جي، ڇڪ ڇا ڄاڻي ڇَل،
جيجل آءٌ جلان!

ڀَنڀا وار ڀَنڻَ ڪَن هُن ري، ڳوڙها ڳاڙن ڳَل،
جيجل آءٌ جلان!

هو جو منهنجو هانءُ کڻي ويو، دِهہ ۾ دلبر دَل،
جيجل آءٌ جلان!

ڀَنڀٽ عشقُ "بخاري" بنبو، ڪنهن کي ڪهڙي ڪَل،
جيجل آءٌ جلان!

●

ڇَل: دوکو، فريب، ڇَند. ڀَنڻ: ڀنڊڻ، ماتم، پٽڪا. دَل: گهڻا.

●

توڙئون تَند تَتِي، او مان درد وَتِي!
وو مان ورهه وتي!

يَرسان سياري، سانوٽي، تڙپان چيت، ڪَتِي،
او مان درد وتي!

چا تون جهڙ جو چانورو؟ چا مان ريت تِتي،
او مان درد وتي!

سَسُيون، سهٽيون، سونيون، سَتيون مان نه سَتِي،
او مان درد وتي!

چيرِي، چيهاڙي پرين! هاڻي هڻ ته چَتي!
او مان درد وتي!

جيڏيون ريت جلي پلي، رهجي پريت رتِي،
او مان درد وتي!

●

سونيون (سوني): سونيتي سنڌ راڻي.

•

منهنجي مرضي يارَ جي، مرضيءَ منجهه گَتِي،
او مان درد وتي!
وو مان ورهه ورتي!

پُنر جنم جِيان پيان! پيتَم پو به پتي،
او مان درد وتي!

هرڪا هِير ڪنيون وَندِي، خوشبو ڪانه ڪتي،
او مان درد وتي!

جهُومُون توڙي جهوپجُون، محفل يارَ متي،
او مان درد وتي!

اوندهه ۾ "استاد" لئي، بيشڪ بره بتي،
او مان درد وتي!
وو مان ورهه ورتي!

•

پُنر جنم: ٻيو جنم. جهوپجون: ڦٽجون، زخمي ٿيون.

●

ٻالپَ چڻنگ ٻَرِينِ،
جوڀن جانِ جِلين، هوندا دردوندا هو!
هوندا دردوندا.

ڪنهن تان قرب ڪڪوريا آهن،
ڪو پيو ڪوپُ ڪُهينِ، هوندا دردوندا هو!

ڪيڏيون ڏور اَلولُون، ڪيڏو،
ويجهو ويل وَهينِ، هوندا دردوندا!

ٽاٽا، تنهنجي ٽاندن تي ٿو،
ننگو نينهن نچينِ، هوندا دردوندا هو!

صديُن سُرپُر ڪئي ٿن ڪَنَ ۾،
پَل پَل حالُ سَلينِ، هوندا دردوندا هو!

ڄڻ پيو پيار پَچينِ تئي تي،
ڄڻ پيو روح رَجهينِ، هوندا دردوندا هو!

حق حق هوڪو ڏِين سويرِي،
ڌوڪو سانجهہ ڌڪين، هوندا دردوندا هو!

ديدُن ۾ درياهَہ "بخاري"،
دل ۾ آڳ ڌڳينِ، هوندا دردوندا هو!
هوندا دردوندا.

●

ٻالپ: ٻاروتڻ. اَلولون: خوشيون، بهاريون، موجون.

•

دم دم درد لُڄائن ٿا، مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا!

ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻان، هئہ ٽوڪِن ٿا ٽاڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

جيڏيون منهنجي جهول ۾ دردن جا داڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

سَرتيون سهسين سُور ها، سامهان ساماڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

ڪالهوڪاري ڪاڪ جا ڪَنول ڪُوماڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

جيڏيون گڏجي جُوءِ جا جهوريون جهوراڻا!
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

"استاد"، عيد اُميد جا، هَر هَر هاواڻا،
مان ڇَم ڇَم ڇا ڄاڻا؟

•

●

عِشق نہ آرامي، سُهٽي، سسئي ساڪِي.

ساجَن ڪارڻ هرڪا سجني، همت جي خامي،
سهٽي، سسئي ساڪي.

گهَنگهَر جي گمنامي ۽ ڪان ڏي! بهتر بدنامي،
سهٽي، سسئي ساڪي.

محبت منجهہ مزا او سرتي! محبت ماتامي،
سهٽي، سسئي ساڪي.

اِلهامي اُڏواهر ۾ چو، خوشخبري ڪامي؟
سهٽي، سسئي ساڪي.

ساجهر سيج مچائي ماڻج، سانجهہ سُجهي سامي،
سهٽي، سسئي ساڪي.

اُن ۾ عيبُ اِئين جيئن جيڏِي! خوشبوءَ ۾ خامي،
سهٽي، سسئي ساڪي.

اديبون ڏي "استاد بخاري"، عامي آسامِي.

●

ساڪي: شاهد. خامي: حمايتي، مددي. سامي: قبر.

عِشق لڳي اِنسانَ کي، چاچا، چينُ ڪِتي!

هوري ئي پَر هِيرَ لُڇي پئي،
تون ئي چئہ طوفان کي، چاچا، چين ڪتي!

جيءَ مان جيڪا جَرڪي نِڪتي،
تارُونءَ ۾ تَنهن تانَ کي، چاچا، چين ڪتي!

مُنهَن تي مَهَل هَٽايون مُهرون،
اَندر جي اَرمانَ کي، چاچا، چين ڪتي!

ماڳ مُسافرخانو بنجي،
مَنهَن ڏِڻي، مهمانَ کي، چاچا، چين ڪتي!

تڙپين پيو "استاد" آڇا تون،
جوبن جي جولانَ کي، چاچا، چين ڪتي!

●

روڪيان جَرڪي جَر، يَر،
بَر بَر ٻاڪاريان!

ڊُڪيل ڊُونهُن مَڪانَ ۾،
ڪليل رڪجن دَر، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

ڳوڙها سوڙها ديدَ ۾،
گودي قاتا قَرَ، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

گَرجي گاجَ تِڪي لهي،
ورڇي ڇڏجي ڇَرَ، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

منهنجي سائِرَ سُور ڪي،
پينَر، پيئَنِ، بَرَ، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

ٻيلا ٻارَڻَ ٻاريا،
پڪيءَ ڪوهيل پَرَ، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

اديون ڏي "استادَ" ڪي،
آرانيا، اوبَر، يَر، بَر بَر ٻاڪاريان!

●

گردو: ٻڪرين، رڍن جي قرن جو گودو، قرن جي نندڙي واڙي. سائِر: ساگر، درياء.

●

تارئي ڪين ٿَري،
تارئي ڪين ٿري، هِيءَ جا برهه بَجي ٿي،
پَئي ٿي باهه ٻري!

جوبَن گهوڙو جوش ۾، واڳئي ڪيئن وري!
تارئي ڪين ٿري ...

هِينئڙو جَهڙو هاڙهَ ۾، ڳاڙهو ڳڙ ڳري،
تارئي ڪين ٿري ...

مَحبت واري موتَ ۾، مَحبت ڪين مري،
تارئي ڪين ٿري ...

مرندي تاسَ مَري نہ ٿي، سَرندي ڪانہ سري،
تارئي ڪين ٿري ...

ساري رات سُهاڳ جي، ڏولئي جهول ڏري!
تارئي ڪين ٿري ...

ويجهو آءُ، وٽي نہ ٽئي! پيهِي ٿي نہ پري!
تارئي ڪين ٿري ...

تاساري "استادَ" کي، بَرٿو ڏيج پري!
تارئي ڪين ٿري ...
هِيءَ جا برهه بجي ٿي،
پئي ٿي باهه ٻري!

●

•

دردوندن کي دردي دلڙي، روکي چو رکجي؟
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

پيار ڪري جو، يار اچي سو، ڏک سک ۾ گڏجي!
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

اک، اک جو جي ڦير نہ جاڻن، تَن ڏي چا تڪجي!
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

سپڻ ۾ چو وارَ سنواريون؟ وايَ اُٿي وڃجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

غَب غَب ۾ گذران نہ ٿيندو، گپ چڪ ۾ گپجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

نيڻ وهائڻ مان چا ورندو؟ نارُ اٿي وهجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

لڙندڙ پاڃا آڃيندا چا؟ چانوَ، ٽڏي چڏجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

ڳاڙهي ڳاڱ ڪِري پئي پٽ تي، ڏيان ڏري ڪٽجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

انڌي آکڙ اونداهيءَ جي، بجلي ٽي ڀيجي،
چڏ تہ وڃي کو ڪم ڪن!

مرڻو آ "استادَ" مزو ٿئي، ماڳ مٿان مَرجي.

•

•

وِڄري، ويندِيَس مان،
مري ويندیس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

هيءُ جا آڳ لڳي رڳ رڳ ۾:
پڄري ، ويندیس مان،
مري ويندیس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

سهڻي، سسئي وانگي وڇڙي:
وڪري، ويندیس مان،
مري ويندیس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

ٻيڙي اُڪري، ڪٽڇي اُڏري:
وسري، ويندیس مان،
مري ويندیس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

سور "بخاري" کائِي کائي:
نجهري، ويندیس مان،
مري ويندیس مان، پرين، پيار ڪري ڪري،
ڪوڪون، ڪار ڪار ڪري.

•

وڄري: پڄري، جلي، کامي.

هيءُ جو حسن حضور

○

ننهن کان چوٽِي نُور، برسي بُوءِ بهار جي،
سڄڻ جي سَرهاڻ سان ساري سِيم سُرور،
هيءُ جو حُسن حُضور، مڙئي عشق مشاهدو.

○

وِڄا، ورن، واسَ سان نُوري نَهرون، رَسَ،
ناتا، نغما، نعمتون، چَهه ٻَهه، چاهت چَسَ،
جيوَن توکي جَسَ، هَهڙيون وَٿُون هٿ ۾!

○

مُرڪڻُ، تارا ٻاٽ ۾، ڀُٽڪڻُ، گُونجن بَرَ،
سيئي وَنّ وسنت جا ويسن ۾ ويتر،
جاني تون جيتر، منهنجو بِرهه بهشت ۾.

○

گهُورون سيڀي گهڻگهريون، گُفتو گُفتو گُلُ،
سَرهايون ساريون، سڄڻَ، تُسڻَ ناهن تُلُ،
ڪمالاتون ڪُل، رکيل تنهنجي رمز ۾.

○

ههڙو باغ بدنُ، هجي ۽ هينئن هنجَ ۾!
مِنا سُرها مُند جا مُنهن ۾ ميوا مَنُ!
جيوَنُ بَرپَٽ بَن، چَمن چاهَ ڪري ڏنو.

وڄا (وديا = علم): چمڪ. ورن: رنگ. واسَ: سرهاڻيون.
ونَ: وَرن، رنگ. سڄڻ تُسڻ: پرين، پرچڻ، ٻار جو راضي ٿيڻ.

○

تو وٽ حُسن هَٽُ، سودو سِڪَ سچي کپي،
تورين تانگهہ اسان جي، وو سو ڪٿي وٽُ؟
پاڻي پَهَڻَ پَٽُ، هلڪا عشق اُمنگ کان.

○

سڄڻ بستي سونهن جي، وَسنهن وَرَنَ، واس،
حُسنَ هيجَ هزارها، آک لکين اِحساس،
ايڏِي عشق اُڪاس، ساري سُونهن سهيڙيان!

○

خُوشبو سُونهن خبر، وايُو ورڇيندو وتي،
پَکِئين، گُلين، پوپَٽين، پَٽين پريت پَچر،
ڇَٽڪارينِ ڇَمر، بوندون بِرهہ بهار جون.

○

عمر ساري آکِ، چاهُہ سمورو چَپَ،
اِنهي عشق اُمنگ سين، چَس پرينءَ جي چَکِ،
ٻاهر، اندر ٻَک، حبيباڻي هيجَ کي!

○

اکيون سڀي انگ، چمڙي ساري چَپ،
پَسيو چُميو مون پرين، اِنهي عشق اُمنگ،
دِيد ۽ دل جا دنگ، اڃا آڳاهان گهڻا.

○

منهنجي گُهور گهُمي، تنهنجي سونهن سَڊول تي،
ڄڻ ڪي چَنڊ چُمِي، سهڻي سنڌو ماٿري.

اُڪاس: اڪير، اڪنڊ.

○

سهسين ساز مِنا سُنا، ڀلا ڀاتين ڀات،
ڪوئل، بلبل عابده، پياري لتا لات،
محبوبن جي بات! سڀئي سُر سياندڙا!

○

ڇَهني ساڻ ڇُهاءَ، پنجئي پورا ڪين پيا،
جانب تنهنجي جوڙ تي، جلوا جوت جڙاءَ،
اُهاءَ ئي اُهاءَ، سُجهي، سُجهندي ري نہ ڪي.

○

بَنن ڇيڙي بينَ، لهرا لهرا هِيرَ،
ڇوليون ڇيرون ڇيجَ ۽ سازي سائِر سِيرَ،
وي مان وِير ئي وِيرَ، چوڏهين چنڊُ چپن تي!

○

چپن ڌاران چَنگَ، گونگا ڪوڪا لوهہ جا،
اُمنگ توري انگ، آنگها، بوکَر بُنڊ جا.

○

گونگي گفتگو، ٻولڻ ريءَ ٻوليون ڪري،
خاموشي خوشبو، شعرن ڌاران شاعري.

○

چُرن چاهت چَپ، ٻُرن نغما نينهن جا،
ٺهي نہ ٿي ٺَپَ، کُلن قرب ڪتاب جي.

عابده: عابده پروين - سنڌي گلوڪاره. لتا: جڳ مشهور ڀارتي گلوڪاره.
سياندڙا: جذبات کان لونءَ لونءَ ۾ ڊوڙندڙ لهرون. ڇهني: ڇهن حواسن سان.
بَنن: جهنگلن. سازي: ساز وڄائيندڙ. آنگها: کتون.
ٺپ: بند ڪرڻ جي حالت (ڪتاب جي).

○

ڳڻجي ٿئي نہ ڳڻپ، ڳالهيون مِٺيون اَڻ ڳڻيون،
لالڻ، لذت لَپَ، مهاساگر مون لڳي.

○

گهري کان گهري، پهرين گهُور پرينءَ جي،
ڄڻ ڪو سانوڻ سج جو ڪِرڻو سونهري،
ڪاوڙجي قهري، ماڙ ڪري مِهري لڳي.

○

حجابان هٻڪِي، ڪِي جو ڪُڇي ڪامڻي،
لُونءَ لُونءِ منجهہ لُڇي اِڇا، منهن ڌاري مهڪي،
سُرهاڻيون سهڪِي، لالايون لپڪي پيون.

○

هيڻِي ڪابہ نہ حُور، نازڪ ڪابہ نہ ڪامڻي،
ڏاڍا اُن کان سي رهن، جيڪي ڪوهين ڏُور،
اکئين، اُرَهَ اُورَ، ڪري، ڪير بچي بہ ڇو؟

○

ڪرڻي ۾ ڪِرڻا، اَک ۾ عڪس عجيب جا،
جهرڻي ۾ جهرڻا، پَر ۾ پيار پرينءَ جا.

○

نَنگي اَنگ نچن، خُوشيون، خوشبو کيپ ۾،
رڳين رنگ رچن، چَڳين چمڪن چاهتون.

اِڇا: آرزو، خواهش. اُر: هلان، حملو، جلهہ، زبردستي.

○

جلوا ڪجهہ جهلجن، جذبا ٿا جهَڙڪن پرين!
پاهڻ ٿا پگهرن، مان تہ اڳيئي ميڻ او!

○

منهنجا ٿَر ٿَر هَٿَ، تنهنجي ٿَر ٿَر نَٿَ،
جذبا ڪنهن وٽ ڪيترا، ڪانهي پوري ڪَٿ،
لرزياسين لَٿ پَٿ، جُهولياسين هڪ جيترو.

○

سهڪون يا سُس پُس ڪريون يا چپ نَپي چُهٽون،
پتو پريت نہ ٿو پوي، پيا جذبن ۾ جُهوٽون،
سانت سري سوچون، جمڀيو عشق جهَٽيو وڃي.

○

چمن ۾ چرپر، ڀاسي ڀونئر، گلن جي،
مَهڪي ماڪ مٺيءَ جي، ٻاٽيُن تي ٻُر ٻُر،
پَنَ، هوا - سُرپُر، نندا، نينهن ننگي جي.

○

گرم گرم بِستر، نرم نرم سُر پُر،
هور نہ ڪا هُرڪُر، گهورا، گهربل پاڻ ۾.

○

رَسَ چَسَ روبرو، هائِس حسن، هڳاءَ ۾،
گونجي گيت لذيذ ٿي گونگي گفتگو،
اُگهڙي آرزو، ننگو نينهن ڍڪي وئي.

ٿرٿر: جذبات کان لرزش واري حالت. ٿرٿر نٿ: نٿ جو لڏڻ. نَپڻ: ملائڻ، ڳنڍڻ.
ٻاٽين: مکڙين، گونچن. نِندا: گلا، غيبت. هائِس: اچرج، حيرت.

o

گفتگو گنگ ٻوڙ، ٻاهر ٻڙڪ نہ ٻول ڪي،
اندر اَنگ اَنگ اَنگ ۾، گج گج گج گج گوڙ،
جلوا، جذبا جوڙ، ٻائڙَ ٻوڙَ وَسِي پيا.

o

لالون چُٽندي لَجَ، جاني، سو بہ نہ جوهري،
تنهن تي ڇائيءَ ڇَجَ، ڇُهبي ڇيهون جو ٽئي.

o

ڇاهت چاندوڪي ڪڙي، چاوت جڙ ڇُوچي،
ڳُڙ ڳچي اُوچي، اُڳهڙ ٽوٽي اَڳ ۾.

o

اڳهڙون اُڳهڙ، ڇُميم ڇيهَ اکين سين،
چيتي ۾ "استاد" مون اوتيو پئي چمڪڙ،
گهڙيءَ ۾ گِرهڙ، ادیون، مون سين اندَ ٽيو!

o

نڪت ڪِيم نهار، ويٺو روح وروهہ ڪر!
ڇاهت ۾ "استاد" ڇئي، وئرٽ وقت پچار،
ساجن، سج اُيار، ڏينهان پوءِ ڏَڻو وڃي!

o

وڃڙ لئہ واجهاءِ، هر هر ڪين وروهہ ۾،
اڇڙ ٽيو "استاد" جو، رون رون رچڙ لاءِ،
خوشيون منهنجون ڪاءِ، تنهنجو ايڏو تئونکرو.

اُڳهڙ: چنڊ يا سج جو ايرڻ. اڳهڙون: ٽورو وقت اڳ ۾. چيهہ: ايرندڙ سج يا چنڊ جي ڪڻي.
وئرٽ: اجايو، بي سود. تئونکرو: اڻ تڻ، انتظار، هرکر.

o

پيرن منجھ نہ پاءِ، اکيون منھنجي آس جون!
تَرين کي ترساءِ، جُتي پاءِ نہ جلد ۾.

o

راڄن لاءِ رڻان، پيار پرانھون مامرو،
پھرين پيڙ اندر جي، پنھنجا پُور پَڻان،
ھڻان يا نہ ھڻان، ڪھڙو ڦيرو ڪاڄ ۾.

o

ڇاءِ وجھن چيڄ ۽ جوين وڃن جھانجھ،
جھولي گول جھان جوءَ جھومي ساجھر، سانجھ.

o

اُيرن تان آروھہ ٽيا، اُلھن تان امروھہ،
ساجھر، سنجھي ساز، ھا محبوباڻا موھہ.

o

ڪنول نيل گھڻو گھري، سُندرتا ساراھہ،
چوڏاري "استاد" چئي، واسَ، ورنَ وھواھہ،
سيئي منھنجا ساھہ، ڪندا تنھنجون ڪيرتون.

o

مان ڇو تو ۾ گم ٽيان، تون ڇو مون ۾ گُم؟
تَن من تنھنجو مان گھمان، تون گھٽ گھٽ منھنجو گھُم!
جلوا، جذبا جھُم، تو - مون ميلُ متو رکيو.

چيڄ: ھڪ قسم جو ناڄ. جھانجھ: ساز جو قسم. آروھہ: مٿي چڙھڻ.
آروھہ جو ضد امروھہ: ھيٺ لھڻ، (موسيقيءَ ۾ سُر يا سرگم جي سلسلي سان مٿي ۽ ھيٺ لھندڙ سرن کي آروھي ۽ امروھي چئجي). جھُم: ھڻان ميڙ ڪرڻ.

○

هوندي گڏِ درياهہ، ڀڳو ٽوڙو باهہ ۾،
سڄن ساهَہ پساهہ، هئہ هئہ، هانءُ ٺريو نہ مون!!

○

’پاڻي پاڻي‘ پيو ڪريان، اندر ڀڙڪي اُڃَ!
سُرڪيان، سُرڪي ڪين ڏئي، سمنڊ، ”بخاري“ سُڃَ،
ڀائر، مون کي ڀُڃَ، ٻارڻ، ٻار ٻنهي ڏني!

○

”هاري دل، حُسن لئہ، هٽين آنهِہ؟ وَڌِي؟“
ٻئي هٿ ٻڌي، چيئين: ”چاهَہ دعا ڪريو!“

○

سونهن اَٿئي سونهون اڃا، يا دل، ٿي آن دونهون؟
اندر مان ”اونهون، اونهون“ هونگ اچي پئي.

○

پڇيم دل وري، ”ڦاٿئين اکين ڦَند ۾؟“
مٿان نِرڙَ تَري، هڻي، چيئين: ”هاءِ هاءِ!“

○

”اڃا دل ڪو قرب ڏيئي، بنجين ڪاپڙي؟“
پڪڙيئين پاپڙي، ڪهيُم: ”ڪائون ڀيرُ هي؟“

○

”اڃا وِسڪڻ وَٿ، اٿئي؟ پڇيم، پاڻ کان!“
مُنجهي، مهٽي هٿ، چيم: هاڻي ڇا چوان!

○

ٻارڻ: باهہ، آڙاه.
ٻار: تار پاڻي.
اڳنان يا پاهون: اڳتي يا پوئتي.
اُونهون: انڪاري آواز.
نرڙ ڪُٽي: نرڙ تي هٿ جي تري هڻي.
پاپڙي پڪڙڻ: توبهہ ڪرڻ جو اشارو.

گلشن گذرگاھ

o

گلشن گذرگاھ، خوشبوءِ، رنگ، رَسُن جو،
وٽن ۾ واچون، سُٽو وو وو ۽ وھواھ،
ساعت پٽن ساھ، وھندي واس، ورن کو.

o

گلشن گذرگاھ، کليون، ڪئونپل قافلا،
ميلو، ھولَ، الوليون، چوڳو، چرپر چاھُ،
رھسي وھسي راھ، سُرھو سانگ سفر جو.

o

ڪاچي توڙي ڪھڪشان، پُرجھ ڪنيو پيرو،
دنيا ۾ ديرو، سٽون تا ڪنھن سچ جو.

o

واءَ ۾ واھيرو، سدائين سرھاڻ جو،
اِئين آھيرو، اُن جو منھنجي آس ۾.

o

گلي لڳي گل سان سُرھڻ ورتو ساءُ،
او من اوري آءُ، ڪو ڪن ڏيجَ ڪڙي ھلون!

o

اوطاقي انسان تي، آفاقي گھيرو،
ناھي نبيرو، ڪوئي نينھن نظر جو.

گذرگاھ: لنگھ، رستو، راھ. رَھسي وَھسي: خوش ٿئي، سرھو ٿئي.

○

لک ڀيرا، هر ڀير ۾ جيُون لک ڀيرو،
تنهنجي منهنجي نينهن جو ڪوبہ نہ نبيرو،
هئہ، هيءُ ويرو، پورو هڪڙي پُور ۾!

○

ڪيستائين او ڪَلا، هيءُ سنساري سنگ؟
هيءُ جو سورج، اُڀُ، ڀُون رهيو سهڻو رنگُ،
دَهَر ٿَهَر جو دنگ، ڪنهن کي ڪل ڪٿي ميان؟

○

ديدُن پڇيو دل کان: عشق وڏو ڪيڏو؟
"پنهنجي جيوَن کان ڊگهو؟ جڳَ - جيوت جيڏو؟"
"اُڀُ ڪٿي ايڏو، ڀونءِ ڀنڀوري مٺ ۾."

○

اکيون ئي اِوڪاسَ، اُڪاسُون سهسين وهنِ،
چڙهيل چاه اٿاه تي اڻ ٿڪڻا احساسَ،
ڪيئي پيار پلاند ۾ وِسوسا، وشواس،
اسان آس، نراس، سُوڌا سنبريا سڄڻين.

○

اوسيئڙو اوڪاسُ، صديون گذريون سهڪندي،
ڪڏهين ڏينهن ڳهيو وڃي راتين جو راڪاس،
ڪڏهين رات ڪُهيو رکي، اُڀرندو آڪاسُ،
وَستيءَ جو وِشواس، هوندو هستيءَ ۾ پڪو.

○

ڪلا: فن، هنر، گڻ. دهر: وقت. اُڪاسون: اڪيرون، تانگهون، طلبون.
ٿهرَ: ترسڻ. وسوسا: سوداء، وهم.
اوڪاس: لنگهہ، دروازو. وشواش: يقين، ڀروسو.

آرس پيڄي اوءِ

o

آرس پيڄي اُوءِ، جڏهن سونهن جوانِ،
چوڙي هڪڙي چوهه سان، ٻه ٻه ڪلن ڪمان،
مان ۽ منهنجي جان، بست ٻاڻ ٽپي ويا.

o

آرس پيڄي اُوءِ، ٻانهون ڪري ٻيلهه،
اُرهه اُيري اڳيرو، چوٽين چند جان چيلهه،
هينئون منهنجو هيلهه، هوندو هيڄ انهيءَ ۾.

o

آرس پيڄي اُوءِ، ٻَنگ ڪري ٻانهون،
تاڻي ۾ تڙڪات پيا، دؤر ڪيون دانهون،
اوسَر ساراهون، "اُستاد" اُتاهون ڪيون.

o

آرس اوءِ پيڄي، اڳيان اُرهه اُيو ڪري،
ونگي وينگس وادِ جان، ارڏا انگ وڄي،
مڄي ڪونہ مڄي، سوگهو آءٌ سَهين پَرين.

o

آرس پيڄي اُوءِ، ٻانهون ڪري ٻيلهه،
ڪانگڙ ڪانو چيلهه، سينهي سنگَ سِتا ٻِتا.

o

آرس پيڄي اُوءِ، ڪَيون ڪشاديون ڪري،
ٻخمل بدن مان اُٿي، خيرن سان خوشبوءِ،
گُلين گاڙهي روءِ، مُرڪيو مشتاقين ڇڪي.

ٻَنگ: ونگ، وَر، اڏ ڪول. ڪانگڙ ڪانو: جوئر جو (ڏڪهو) ڪانو.

○

آرس ڀڃي اُوءِ، منڌ ڪري ماڻو،
اُٺي ري اِنڊلٺ ٿئي، ٿهڪِي پئي ٽاڻو،
هانءُ هَوَس هاڻو، اُڏي اُن ڏي ڇا ڪريان!

○

آرسُ البيلي ڀڃي، سهڻو ڪرُ ساهي،
ڪارايون، ٻانهون، ڪَڇُون، ٺاهوڪيون ٺاهي،
ڇاتيءَ کي ڇاهي، ڦٽڪيو ڪير ڦٽيو ته ڇا!

○

سارو شوق سَلي ويون، خوشبويون خاموش،
جيءَ اندر جو جوش، آکين مان اٻريو اچي.

○

چهرو تنهنجو چنڊ، چاهت چانڊوڪي چِٽي،
ملڻ: ماکي کير ۾، کلڻ: خشڪا کنڊ،
منهنجي من تي منڊ، چوڌاري پِڙُ چنڊ جو.

○

خاموشي کيڪار، بوسي بي آواز جان،
مشڪين موتئي ٽار، ڀُٽڪين بوءِ بهار جي.

○

هڪڙي گل تي ڀونئر ڪي، هڪ ڀونئرو ڪَئي گل،
هر آک جا هرجاءِ تي هر ڀورلَ ڏي بُلَ،
هڪڙي دل جي هڪ وٽتِ، ڀرمَ رکڻ جي ڀُلَ،
ڪتيون، مُنيون ڪُلَ، چمڪن چاهه نظر ۾.

○

هوس: حِرص، شوق، چاهه. خشڪا: رڌل اڇا چانور.

وايون

سانهَستَتي، سينگارَ، سامهون سُونهين آنهِري،
خاص خوشيءَ ڪيڪاريُس، هونگاريُس هيڪار،
سامهون سونهين آنهِري.

ٻيني ٻيني بوءِ سين، وينگس واسيا وار،
سامهون سونهين آنهِري.

آڪيئين البيليون اکيون، ڪيريون منجهہ خمار،
سامهون سونهين آنهِري.

ڳاڙهن ڳلڙن ڏي ڏسي، آيس ياد انار،
سامهون سونهين آنهِري.

لبڙن تي لالي مٽي، لڳيَس ماکيءَ لار،
سامهون سونهين آنهِري.

ڳسڪِي ديد، گلي وڃان، آيس ڏانهن اُپار،
سامهون سونهين آنهِري.

پسندي پنهنجا انگڙا، اُپريس اندران آر،
سامهون سونهين آنهِري.

عاشق پنهنجو پاڻ تي، ناريءَ نيڻ نهار،
سامهون سونهين آنهِري.

اُتيئي "استاد" تي، مڃئين، ناهِ ميار،
سامهون سونهين آنهِري.

●

طرحين طرحين تنهنجا طورَ، منهنجا مورَ! منهنجا مور!

تارا، ماڪ، ڪٿوري، لاتيون، عرشين، فرشين تنهنجا پور،
منهنجا مور، منهنجا مور!

سي سُرهاڻيون مون جي ماڻيون، تن جي ڪهڙي توسان تور،
منهنجا مور، منهنجا مور!

ووڙڻ کان ورسائڻ تائين، منهنجون گهُورون توتان گهور،
منهنجا مور، منهنجا مور!

تارن تاڙيا، جهؤنڪن جهاڙيا، چانڊوڪيءَ جا چور چڪور،
منهنجا مور، منهنجا مور!

اونداهيءَ جي اَڳنڌڙي تي، ٽانڊاڻي جان تنهنجي ٽور،
منهنجا مور، منهنجا مور!

پَهَر تہ ڇا پر پَلڪ نہ ترسن، دل جي دنيا وارا دؤر،
منهنجا مور، منهنجا مور!

حسن ڪيو هنگامو برپا، شوق شهر ۾ ڪيڏا شور!
منهنجا مور، منهنجا مور!

آفاقي "استاد بخاري"، ڏورُ اڏامي آڏو ڏورَ.

●

پور: ٺپا، مهرون، نشان، ڇاپا.

•

چانڊوڪيءَ جا چاهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ،
ڪير ۾ ڪنڊ آ.

جوڙي جوڙي جوڙ جڳت جي،
ناهوڪا هي ناهه وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

منهنجي نِيت نياري ورتي،
تنهنجي پريت پناهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

قرب ڪرڻ ڪو ڪفر ته ناهي،
گڏجڻ ڪين گناهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

نس نس سانديا، تحفو سمجهي،
سُرها تنهنجا ساهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

چانڊوڪيءَ کي دل تي چمبو،
مِلبو ماهه بماهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

غير اُتاريا تنهنجا منهنجا،
آڻ جاتا اُڦواهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.

جا به ڪري جهونگار "بخاري"،
سا به سَندءِ ساراهه، وهوا، چنڊ سان چنڊ آ.
ڪير ۾ ڪنڊ آ.

•

•

آرڏا، آربيلا، شعلا شوق نئين جا.
ناهن نِينهن نِسنگ جا، شعاع شرميلا.
ٻِيرن، ٻيرين جاءِ تي، ڪمند ۽ ڪِيلا.
ڪِنوڙيون ڪِنوَن ڪيج ڪن، ڪڙمي ڪاڇيلا!
ڏُکن ڏيک ڪِکا وکا، پِيلن منهن پيلا.
ساڻي: هڪلون، هوڪرون، وِيرُن واويلا.
اُهاءِ سان "استاد" جا، مُنهان منهن ميلا،
شعلا شوق نئين جا.

•

ڪِکا وکا: پريشان، حواس باختہ، شرمندہ.

●

چاندبوکي چوڏاري، يارَ، ياري تو واري!

چِلڪڻ چَمڪڻ وارا جاني! گڏجڻ ۾ گلذاري.

يارَ، ياري تو واري!

مُرڪ تہ موتين ڪُشتو ڪاوان، سُرڪَ تہ سڪ جي ساري.

سائِرُ سينو، ساهُہ سفينو، آوٽرَ لَهر اٽاري.

چمڪن چوليون، بَهڪن ٻوليون، جهومڻ، جهولڻ جاري.

جهرمر جهِرٽا، تَن ۾ ڪِرٽا، ڪينجهر تي ڪوهياري.

چاهت تنهنجي چنچلتا تان، هيرون، لهرون، واري.

پورنماسي، واسَن واسي، برسي پوءِ بهاري.

چاهہ رجي پيو چاندي بنجي، قربن جي ڪوٺاري.

اڇلهہ پيو "استاد" اسان جِي، پيار ڪري پوئواري.

يارَ، ياري تو واري!

●

سائر: ساگر، سمنڊ. سفينو: ٻيڙو، جهاز.

•

موهيا مومل مَلَ، دل ۾ ڌهڪيا دَلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

چوڏهين چندُ نہ آڏو اولو، جلوا جهل نہ پَل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

ڪارَا وار، اکيون، تِر ڪارا، ڳاڙها ڳاڙها ڳل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

پينگهہ گگن تي، گجُ بدن تي، ڪنوڙ ڪِنوي پَئي ڪلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

سنهڙي سير لُڪيءَ کان ليکو، بَل بَل برڻ پريل!
ڏاڍو موهيو آهيان!

دل دنيا ۾ حسن هزارين، ڪينجهر منجهہ ڪنول،
ڏاڍو موهيو آهيان!

منهنجي اک جي اوڻي اوڻي، سونهُنِ سان سِيتل،
ڏاڍو موهيو آهيان!

بينون باجا، پينون، پانا، محبت ۾ موئيلَ،
ڏاڍو موهيو آهيان!

محفل ۾ مشتاقَ "بخاري" سيئي سونهن ستيلِ.

•

پينگهہ گگن تي: انڊلڪ آپ تي. بل بل: بلي بلي! موئيل (مصدر موئڻ): مٺي پاڻي يا پاڻيءَ ۾ ٻوڙيل.

•

نينهن ۽ سونهن بنان، نيـٽيـن ڏينهن نہ نبري.

نظارا ٿو ناز کان، پنبڻَن سان پنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

اُگهٽا پوندا عشق کي، سهٽا نيڙ پنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

چيخِي چُهٽيا ساهہ کي، جاڻي ساهہ ڏنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

تون ڇو پيرَ پيين پلا! مان ڇو ڇير ڇِنان!
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

جيوَن ڪنهن لئہ جهاڳيا، ڪيڏا قهر ڪِنان!
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

ڳائن جيڪا ڳوٺَ پيا، سا ڪا ڳالهہ ڳنهان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

"استادُ" اُن جي نانءِ ٿيو، جنهن هي ڏانوَ ڏنان.
نيٽين ڏينهن نہ نبري.

•

به وايو (دوگانو)

(پ) آسُون واسِيندو،
راسيون راسيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) واتُون ونگيندو،
ڏاتون ڏنگيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) اوسَرَ رَٽ تي جيوَت جُڏ ۾،
ڪَهندو، ڪاهيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) ياجُوجي ماجُوجي بنجي،
پُومني پيليندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) جام تماچي، باگي وانگي،
محبت ماڻيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) خِلجي کيڙي ڏَم، عمر جان،
چاهَتِ چيريندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) سوهيءُ 'صوف چٽيو' تہ پلا چو؟
جُوتون جاچيندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(پ) جوگي، روگي، آدوتي ٽي،
رلندو، رولندو، گذريو ڪوئي گس تان.

(گ) اعظم آ انسان "بخاري"،
"آءٌ حق آکيندو"، گذريو ڪوئي گس تان.

●

(پ) - پهريون. (پ) - ٻيو. (گ) - گڏجي. ياجوجي ماجوجي: ياجوج ماجوج وانگي - مطلب آهي وحشي، قرلٹ ڪندڙ بنجي. خلجي: علاؤالدين خلجي.
'صوف چٽيو' - (مشهور سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن ڏانهن اشارو).

نوري ناري نيڙ

o

سهڻيون اکڙيون سنڌ ۾ خاص .بخاري کوڙ،
تارن ۾ تجليون گهڻيون، ڪجليون ڪُهڻيون ڪوڙ،
جهڙي تنهنجي جوڙ، اهڙي سونهن سُجهي نه ٿي.

o

سهڻا نيڙ سوين ڳُٽا، منهنجي مَنَ جا ميت،
گهوريا آن جي گهُور تان روز گلابي گيت،
پارس ريتِي پريت، آسانگو "استادَ" جو.

o

اکيون بنجن چار، ڪلوِل بادل ڪنوڻيون،
چپ جڏهن ٽين چار، مصري مينهن وسي پون.

o

اکيون اُن عجيب جون "استادَ" آکيچار،
چارئي ڪنڊون چمڪنديون جاڻي ٽيندیون چار،
آچار ۽ ويچار، آکيندیون اک چنبي ۾.

o

سهڻيون اکڙيون سوکڙيون ڪوريل ڪاريون،
ويتر سرمي سُرت جي ڏاڍيون سينگاريون،
پسندي ئي پياريون، اوجاريئون "استاد" کي.

ڪلول: هلچل، شور، ڏينگ ٽپا. چوٽڙو: نشاني جون پکيون، نشانيان.

○

ڪلي پيارن ڪيرَ، اکين سان "استاد" کي،
گُهنڊي وجهي گهُور سان، ٺوڪِن ڪوڪا ڪِير،
تڪي مارن تيرَ، چُٽن ڏُوران چوٽڙو.

○

تڪيئون جنهن تي تَڪ، دوناليون ديڊون کڻي،
پورو ٿي ويو پَڪ، گهُورون ناهن گُوسڙو.

○

ڀري ڌَڪ بندوق، دلبر، ڇوڙ نہ ديد کي،
سينو سڪ - صندوق، ڌڪي قرب ڪندي بہ ڇا؟

○

ديدَ دُنالي سان ملي، ڇاتي دونالي،
بچي ڪير "بخاري" چئي چار - ڌڪي چالي،
جيتي جوڀن جانٺا هِينئين هٿين خالي،
عام، اتم، عالي، سڀي سونهن سلهاڙيا.

○

ٻَئي ٻست ٻاڻ، هئہ هئہ، هانءُ ٺري پيو!
ٻيهر، ٽيهر ڇا چوان، هر هر تاڻ ڪماڻ،
اڄ سڪون "استاد" سڀ سلهاڙيون توساڻ،
پرتي موڙ نہ پاڻ، گهُورون يار گهُپيون رهن!

○

پنبڻن مان پيڪان، تيورَ تنهنجا تيورا،
ٽيئي ٽول اکين وٽ ڪلف، ڪنجون ۽ ڪان،
سُک، دُک جا سامان، کِيئا نيڻ کنيون وتن.

تيورَ: نيڻ، نظرون، نگاهون. تيورا: هٿيار صاف ڪندڙ، هٿيار بنائيندڙ. کيئا: مخمور، متوالا.

○

نينهن نظر جا تِير، مِٺا بوند بهار کان،
چاهتِ چيري دل ٺري، چاوتِ چُمي چير،
آزار ئي اڪسير، "استاد" آهن عشق جا

○

دلبرَ ديد عقابُ، منهنجي جهڙي جهرڪڙي،
"بخاريءَ" جي برهه سان حجت ناهه حساب،
مان ڇو مهڻيهاب؟ جاني، جانِ جهٽي وئين!

○

دشمن اک عقابُ، باز "بخاريءَ" جي اڳي،
ڦوٽَ ڦُٽي ٿي ڦوٽ مان، جيءُ جو جيءُ جواب،
توڏي نازُ نواب، مون ڏي نينهن نواب ٿيو.

○

اکيون بکيا بازَ، لُوهيو لامارا ڏِيَن،
انهن جا "استاد" چئي آزارن انداز،
پريان ئي پرمار کان ڪنبن ڪُرڪٽ قاز،
نوچن اوڇا ناز، چَنبين، چُهنبين پيار کي.

○

جهلڪارا جهارا، جاني تنهنجي جُوهه جا!
تِرڇا، گهرا، دل گهُريا لوڏا، لامارا،
"بخاريءَ" آرا، سارا تنهنجي سامهون.

ڪُرڪٽ: ڳيري جو قسم – قد ۾ ننڍو، رنگ جو ڳاڙهڙو.
آرا: پيار، قرب، دل جا لاڙا، خواهشون.

o

چيتي جهڙي اک، چيتي جهڙي چيلهه،
اچي ٽيا "استاد" کي انهيءَ سان مُنهن ميل،
هِينئان هنڙي هيل، تيلان خير نہ توڙي.

o

نظر ببر شير، پنبڻن جي پجري منجهان،
تکي جنهن ڏي تيز ٽي، اُتي رکجي پير،
گهُر "بخاري" خير، آجِي جي اُلري پوي!

o

اکيون عزرائيل، گهُرن سخت گهنبيءَ سان،
اولارن "استاد" تي آسلح - اسرافيل،
جُوهون جبرائيل، جڏهن مُرک مِني کن.

o

هيون جي هابيلُ، اکيون کي "استاد" لئه،
کجل پائي قهر جو قاتل ٿيون قابيلُ،
سدا ثابت سيلُ، کڏهن آفت اڻ پلي.

o

سيارو، اونهارو، ڏِيون پاڻي پيار کي،
نيڻين ۾ نارو، ويروتار وهي پيو.

o

اکئين تو کئي آچَ، انگَ "بخاري" آرپيا،
بهگڻ تنهنجي ٻاچَ، منهنجو روح رگي چڏيو.

اسلح - اسرافيل: اسرافيل جو هٿيار. پيار کي پاڻي ڏيڻ: پيار کي آباد رکڻ، نيهن نباهڻ.
ٻاچَ: مرضي، خواهش، مهرباني.

○

موهيو، منڊ پڙهين، قيد "بخاري" قرب ۾،
جادو منهنجي جند تي، جُوهڻ شرط جڙين،
ڪجلين سان ڪڙين، وجهي واجهه نگاهه جي.

○

اکين سان آکين، الائي چا چا پرين،
الائي چا چا پرين، اکين سان آڇين،
اکين سان 'آمين'، منهنجو نينهن ڪندو هلي.

○

اوتن عشق اکيون، ڏوکن عشق اکيون،
چڪن ري "استاد" مون جَسون چا نہ چکيون!
سڪن، سونهن رکيون، عجب جهڙيون دوستيون.

○

چشمن اوتيا چاهه، چشمن پيتا چاهه،
لهرون: گهُورون گهڻگهريون، دلداريون درياهه،
سهڻي ساڃاهه، اوڪاريو "استاد" کي.

○

کي کي اکيون ڪريون، کي ڪوڙا ڪوڙا،
ڪن جي نرت نڪور ۾ أجرا اوچيڙا،
"استاد" اوسيڙا، أنهن عامَ أهاءَ جا.

○

کي اکيون چڊيون ڪريون، کي گهاٽيون مينگهه ملهار،
کي ناسي کي نيريون، کي ڪاريون ڪارونهار،
کي ڦُڙ ڦُڙ کي ڦوهار، کي اوهيرا "استاد" ڪن.

○

ڪي ڪي اکيون ايتريون اونهيون آڙيڪاپ،
ويٺي ويٺي ماٺ ۾، ماپي ويندیون ماپ،
ڇاتيءَ مٿان ڇاپ، اُنهن جي "استاد" تي.

○

ڪي ڪي اکيون اُڄ، کنيون، ترن تار ۾،
وسُنئن ۽ ولهار ۾، سانڍيو وتن سُڄ،
سپن سانگي رڄَ، هو جو کارو هيترو.

○

نينهن اچي نيڙا، گهورا ۽ گهربل ڪيا،
محبت جي ميدان ۾ مارڪا، ميڙا،
اکين اکين کي ڏنا "استاد" آڪيڙا،
جهونجهاريُن جهيڙا، جوٽيا سوالِ، جوابِ جا.

○

غمن منجهه غسل، اکين زوز رُئي ڪيا،
مٺي ملڪ ٽِمي ڏُئي، گوشا، غنچا، گل،
اهڙا آبِ امل، مون ڏي محبت موڪليا.

○

تنهنجِي نينهن نگاهه، تاري، ٻوڙي، توهُ ڏئي،
ڪڏهن سِڙهه صلاح سان، ڪڏهن ونجهه تباهه،
اکيون: سمنڊ اٿاهه، گهُورون: ويرون، وهڪرا.

○

گُونگين ريءَ گناهه، عاشق کوڙ اُگهي ڇڏيا،
ڪجلين بناهه ڪاهه، ڪونڌر قيد ڪري ڇڏيا.

o

نوري، ناري نيڻ، ويري، وارث، واهرو،
اکيون آڇِن آسرا، اکيون آکِن ويڻ،
اُجلائين تہ اوپرا، سنيارين تہ سيڻ،
آءٌ اڳيئي ميڻ، آڳ "بخاري" عشق جي.

o

نئين نيڻ نهار ۾، نوان نينهن نياڻ،
رڳون رڳيون دَور جون، جاني جهد جواڻ،
سمي خاص سجاڻ، آهي ناز نکورَ سان.

o

هڪڙي نيڻ نهار ۾، سوين نينهن نياڻ،
ماسو سچيءَ مرڪ ۾ مڻين مِهر منڻ،
تنهنجي رَهس رهاڻ، منهنجو اُهس اجاريو.

o

چشمہ چشما چئہ، عبرت آب حيات جا،
ڏني موت ڏريو وڃي، پيتي جيوت پئہ،
مون تي مستي مئہ، ڏونهين ئي ڏوکيو وتاڻ.

o

اکيون ئي اهجاڻ، پُڇان پو "استاد" چا!
وسو ٿا جنهن ويڑهہ ۾، ڏڇو اُتي ڏاڻ،
کِلو ٿا کوکو رُکو سو پڻ سورن سڻاڻ،
پيڙُن جو پرياڻ، پرينديَ پڄجيو وڃي.

o

اکيون ئي اهجاڻ، اٽن ايرادو وڏو،
تکِي اڳتي تاڻ، توڙي پيرين ترهتون.

ضپو: خوشي. اُهس: پيار، چاهہ. ترهتون (اصل ترهاتون): پنڌ سبب پيرن ۾ ڪاٽون.

○

ٻست نظرَ ٻاڻ، ڀيڙ "بخاري" ڀنڀ کي،
ڄاٽيون ڪري ڄاڻ، اوندهہ اورانگهي هلو!

○

اکيون ئي آوازُ، ٻيو ڪو ٻول ٻُڌاڻ تہ ڇو؟
واجهائڻ مان پيو وڄي سَهميل دل جو ساز،
اندر جو انداز، پَڌر تي پکڙيو پوي.

○

اکيون ئي آواز، وڀي ڪي واڪ سڻان پيو،
پنبڻ پَر پسان پيو پرانهون پرواز،
نئون نينهن، نئون سمو، نئون تازو نازُ،
ريٽيون آن جو راز، ڀريان ئي پڌرو ٿئي.

○

سُونجهَہ – نهارون سار، نيڻَ – نهارون اورتي،
اک پَسي اورار کي پرکي پُرجهہ پرار،
ديد اُهائي ڌار، پهچي يار پرانهِن جا.

○

اکيون ايٽم بم، نظر تابش تاءَ،
دلبر سهڻا دَور ڇو، دوزخَ تنهنجو دَم؟
جَرِ جُوالا پُوريئہ، ٿر ۾ ٿڙڪا ٿَمُ،
تباهيون ڪر تَمُ، دورانديشي ديد سان!

سُونجهہ – نهارون: جاچ جوچ، تلاش واريون ديدون. ٿڙڪا: ڏڪڻيون، خوف، ڊاءِ.

o

اکيون ايٽم بم، نظر ليزر شعاعَ،
سهڻا دَور، سماءُ ڪر اُپڙڻ لاءِ اپاءَ،
اوسر، آس اُهاءَ، آڻج سيم، سمي ڏي!

o

اکيون ايٽم بم، گهُورون گهُوگهٽ گاڏئون،
جاني، يارَ جهانَ ڇو، جُوهون پاليئہ جَم،
اوسر جو "استاد" چئي ڪر ڪو دَوَر مرم!
جَر ۾ جَم جرم، اوڇو ٿي اڇلين متان!

o

اکين تي "استاد" ڇا، تحرير ۽ تقرير!
تڪڻ ۾ تقدير آ، تڪڻ ۾ تدبير،

o

ليزر شعاع: (شعاع، جي ايٽم وانگي تباهيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم اچي سگهن ٿا.)

وايون

اکڙين جا احوال الاهي، اوتُون اکيون، جوتُون اکيون.
محبت منجهہ مثال الاهي! ليلي اکيون، مجنون اکيون.

شوخي، شور: جوالا، شعلا،
کاوڙي، پونچال الاهي! مَچرئي، محشر جهڙيون اکيون.

خاص اشارا ڪڙندڙ تارا،
ميڇُن ۾ مشعال الاهي! ڪاهڪشائون، ڪَتيون اکيون.

نظرون: نادَ، نغارا پيارا،
گهُورون: گهنڊ، گهڙيال الاهي، بينجو، باجا، بينون اکيون.

اک چنب ۾ اوريندين آهن،
سهڻيون مون سان سال الاهي! ساعت ساعت: صديون اکيون.

تک تک ۾ تحريرون ڪيئي،
خوشيون، خواب، خيال الاهي! ڏوها، وايون، ڪافيون اکيون.

ديد آڏيا "استاد" گهڻائي،
لُوساتيل ٿيا لال الاهي! دردن جو ٿيون ڏارون اکيون.

●

الاهي: تمام گهڻا.

●

تِرڇا تير ڪشيئہ، آڇُنِ، ميڇُن سان.

پرچي مورَ نچائيئہ،
بِرُ ٿِي بازَ بڇيئہ! آڇُنِ، ميڇُن سان.

ڪرڻا، جهرڻا، ترورا،
ڇيڙي رنگَ ڇڏيئہ! آڇُنِ، ميڇُن سان.

اوٿرَ وِيرون، ٿرٿلا،
ڇا ڇا ڇوهَہ ڇنڊيئہ. آڇُنِ، ميڇُن سان.

ڪاڇو، ڪينجهر، ڇاڇرو،
ڪُنڊون ڪَڙڇَ ڪڇيئہ! آڇُنِ، ميڇُن سان.

جُڳ جُڳ آس، اِڇا ڏئي،
پڳ پڳ پئينڌَ وڌءِ، آڇُنِ، ميڇُن سان.

ايندي آنگيئہ آڪرا،
ويندي وِيرَ وڍيئہ. آڇُنِ، ميڇُن سان.

ڇاتيءَ تي "استاد" جي،
ڇا ڇا روپ ڇپيئہ! آڇُنِ، ميڇُن سان.

●

بِرُ ٿي: بيزار ٿي، تکو ٿي، ڪاوڙجي. آڪرا: اتامرا، تيز، هٺيلا

نيڻ ڪنيائين جهيٽا جهيٽا، ٻانڻَ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

محفل ساري گهُورن گهيري، ڏهڪن ڏاوا، جهڙجن جيٽا.
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

سيرون ويرون تارن هُن جون: ٻانهُون ٻيڙيون، ويڙيون ويٽا.
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

ڪوڪون ڪارون، دل جو دارون، چا جون ڪارون چا جا ٽيٽا؟
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

محبت آڪ جي ماکي ناهي، چاهه ۾ آهن چڙٽا چيٽا.
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

جنهن کي چاهيون تنهن کي ناهيون، پيار ۾ آهيون ٻاڻ وهيٽا.
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

شوَق "بخاري" شينهن بنايو، هاڻي ناهيون رهٽا هيٽا.
ٻاڻ هنيائين ٻيٽا ٽيٽا.

ڏاوا: ڏاڍا، ڪاهه. جيٽا: ساڃا.

گهوريو وڇوڙو

○

گهوڙائون گهوگهٽ، ’وو وو‘ وايون واءَ ۾،
پٽِن جهُٽَ، مٿان ڪُٽن، ڪوڪارون، ڪوڪٽ،
پرين ورُ پَنئسٽ! آءٌ تان آڌ ڪُٽي مُٽي!

○

وي تون وڇوڙا، ڪيئي قربَ ڪَٽيون سَٽين!
ڏهڪائين ديدون دليون، ڇرڪائين ڇوڙا،
او انڌا ٻوڙا! ڪاتيون پَونِي ڪنڌ ۾!

○

ڇيري ساڻ ڇڙو، وِڇوڙا ٻيرا ڪرين!
گهڙي پهر کڙو، رڳون، روح رڌيون وڃين.

○

توکان تيئن ڇڄان مٺا، جيئري جيئن مران!
سهڪان، سڏڪان، سُوٽجان، تڙپان، تيز تپان،
موٽ مٺا نہ تہ مان، جيئان ڪيئن جيون بنان!

○

مرو جدايون، جيئري موت مُيون نہ ڏيو!
وڇوڙي وايون، ڇاتِي، هانءُ ڇنيو وجهن.

○

گهوريا وڇوڙا! جيئرا جهِيريو ٿو وجهين!
تکا تيز ترار کان، قاتل کان ڪوڙا،
موتَ انڌا، ٻوڙا! ڪنهن جي ميڙ مڃين نہ ٿو.

گهوڙائون: گهوڙا گهوڙا ڪري پٽڻ واري واويلا - (ڪيٽي بندر ڏي چون پيا "فلاڻي جي گهر گهوڙائون هيون يا گهوڙائون پئجي ويون.) جهٽ پٽڻ: سٿرن تي هٿ هڻي پٽڻ.
پَنئسٽ: ٺهہ پهہ، بروقت، اُتي جو اتي. کڙو: بيٺو.

○

تَڪي تَڪي تِير، جدائيءَ جاني هنيان،
تڙپڻ نيڻ اڙيا ٻئي، سڙن ساهہَ – سريرَ،
سيئي انگ سڌير، جي تون سنگُ سَگهو ڪرين!

○

ويري، وڇوڙو، واءُ ٻنهي ۾ ويلَ جو،
قاتل هو ڪوڙو، مَروڙو هو موت جو.

○

وڇوڙو ۽ ويلُ، گهنگهر سان گوندر گڏيو،
مصيبت سان ميل، اديون، انڌيون آفتون.

○

ماريو وڇوڙو، ديهُن ۾ دَنگندو وتي،
لتاڙيو لوڙهو، جوڙن تي لوڙُون هڻي.

○

پَل پَل لڳا پيڙجڻَ، گهڙيون پيون گهاڻي،
وڇوڙي – ٽاڻي، چوڏِس ڏنم چيچڙا.

○

اِيءَ آتُرَويلا، ايئن ڪيئن سلي سگهان!
لڳي آڳ درياهہ کي، ٻريا وڻ، ٻيلا،
وڇوڙي – ويلا، بنهہ ڪين بيان ٿئي.

سنگ: لاڳاپو، دوستي، تعلق. ماريو: مئو. (هي لفظ نفرت وچان عام طور زالون چون.)
لوڙون هڻڻ: ڌاڙو هڻڻ، ڦرلٽ ڪرڻ. آترويلا: آنڌ مانڌ، لوڇ پوڇ.

○

صدين سبيا ساهَہ، ڇنان هڪڙيءَ ڇڪ،
اسين اورينءَ ڀر الا، پِرين پَرينءَ ڀڪ،
سيني اُڌميو سِڪ، اکين مان اُٿليو پوي.

○

وَرهيا ورهيہ وصالُ، وڍيو ڪجهہ ويرم،
آٽل امر اڄ ڪئي، نہ ڪا هم نہ تم،
عمر ڀر مَلمَ، ويندي وڍ وجهي وئِي.

○

ڳنڍيا ڳوپ مُني صدي، ڇنان هڪڙي ڇَنَ،
چانڊوڻان چيتيان تہ ڇا، کڙيا ڄڻ ڪي کن،
وايون، واس، ورن، باقي ويندي باغ جون.

○

سبيا ساه سڄِي صدي، ڇنان هڪڙي ڇَنَ،
ڪهلَ، قياسَ نہ ڪَنَ، انڌي ديوَ اَجل کي.

○

پِٽيان ڪُٽيان، ڪُوڪرا، توڙي جهيريان تن،
ٻهڳڻ اُتي ٻنُ، ويو ڪين وري جِتان.

○

سالن سبيا ساهہ، ٽوڙيا هڪڙي ٽاڻَ،
پورو جيوَن پيار ۾، جن جي پاليم پاڻ،
واڪيان ورن ڪين ڪي، نِيئن سيڻ نہ ساڻ،
تانگهڻ، تڙپڻ، تاڻ، آوهاڳين اُڇلي ويا.

ڇَنَ (اصل ڇن): دم، پل، پلڪ. ٻن: بند، سوگهو، نظربند، گروي.
کن (اصل کِنَ): ٿورو وقت، جهٽ، پل. ٽاڻ: وقت، گهڙي. واڪيان: واڪا ڪريان.
ڇانڊوڻا: چنڊ جا ڪِرڻا، چانڊوڪي. آوهاڳين: تار ۾، اونهي ۾.

○

هِتي ئي هئس، جتي جانِ جدا ٿي،
مٿان چو نہ مئس، هاڻي هينئن هجان يلي!

○

مٿان آءٌ مران، جانيءَ جوڙُ ڪري جي،
اوندهہ عدم بحر ۾، توسان تار ترانِ،
وريـن ها تہ وران، گنوين تان گنوجي وجان.

○

مٿان موتَ مهل جي، منهنجو پيار مري،
تنهنجي قربَ - قبر تي ڏيئو ڏات ڪري،
ٻيو ڪيئن ٻري، جيئن آءٌ جلان پيو.

○

ڏيئو وساڻو، پتنگ اڏُ پڪو،
هاڻي ياد يڪو، ڪنيڙاتيون ڪاٽينس پَئي.

○

ڦڙڪي شغلو تَمرُ ٿيو، پتنگ پر سڙيا،
بچي ڏيري بزم سان جرڪي جُهدَ جڙيا،
شمع لڙڪ لڙيا، پيئو سُور سڙيو جئي.

○

وڇوڙي جو زهر، ٿو وڃهي ورهين وَٽ،
الا، ائين اُڻٽ، ماري ها تہ مِئو گهٽو.

○

وڇوڙي جو وهُ، پيئٽو پئجي ويو،
جيئٽو پئجي ويو، جوگي بنجي جيڏيون.

عدَم بحر: ـ حو سمنڊ. وَٽ: ولهوٽ. دردناڪ وکڙ.

○

چاهُہ ڪري چڪچُور، هليو پاڻ حبيب وئين!
ڇنان گئونچ، گلن کان، ڏار، ٿُڙن کان ڏور،
واءُ، وڻان وهلور، آڇيندو "استاد" ڇا؟

○

پيڙن پاڙون پيٽ ۾، اُسريا سور انگور،
ٻاهر ٻوڪيا ٻور، جيڪي سڪ سٽون ڏنيون.

○

اها رات عذابُ، جاني، جامُ نہ جهُوم ڪا،
نہ ڪو آب نہ تاب ڪو، کيپَ بخاري خوابُ،
سکڻي آس سرابُ، تڙپي تاسَ، اُجهي ڪٿان.

○

بڇيو راڳ، رباب کي وڇوڙي ويراڳُ،
جيئن ڪو نرهہ نياڳ، ٿو گهيري سڀ سڀاڳ.

○

جيوت جنهن سان جنتي، جنهن بِن جيون جوڳُ،
اديون ڙي "استاد" کي، ساجن ڌاران سوڳُ.

○

جاني جهولَ نہ جُوهہ ۾، روح، رڳن ۾ روڳُ،
آڳ لڳي "استاد" کي، ڀينر ناهي ڀوڳُ.

○

ميندي، مشڪ، مساڳ، مليان ڪيئن محبوب ري،
اديون ڙي "استاد" کي ونگي ويو ويراڳ،
پهچي: ڳايان راڳ، پرچي: ساٺَ سهاڳ جا.

○

ڪو وڇوڙو وِڄُ ٿيو، ڪو ورهيارو ويراڳ،
پويون پُوهي پيڙ ۾، اڳيون اڳ اوهاڳ.

○

ڪينجهر ۾ ڪُرڙي، مان جي ساجن سٽ ۾،
ٽانڊن ۾ پُرڙي، دلڙي ڌاران دوست جي.

○

ڪا جدائي موت جي، ڪِا جيئري جدائي،
پهرين پلجي آسرو، ٻي هميشہ هائي،
جهوريو تنهن جائي، جيئري ماري جا ڇڏي.

○

پاٻوهيندي پَڄَ، سڪڻ، سهجئين سونهن لئہ،
روئي ڪجئين رَڄَ، جڏهن جاني جهول ۾.

○

وڇوڙي جو واءُ، ساجن، سڪراتون ڏئي،
وهندي وڍ وجهيو ڇڏي، گهُلندي ڪري گهاءُ،
اوٿر بَنجي آءُ، متان موت اڳي اچي!

○

نيڻين ننڊ ڦِٽي، اکئين اوجاڳو لڳو،
اديون ڙي "استاد" ڪئي محبت ساڻ مِٽي،
پارو، رات پِٽي، پرينءَ ريءَ پهاڙ ٿئي.

پُرڙي: پوري، ساڙي. پَڄُ: مصيبت، ڇڪتاڻ. مِٽي: مائٽي.

o

ماڻِن جوتون جاڳ جون، نند گنوائي نيڻ،
هاڻي سمهڻ سور ٿيو، سانگَ ڪيائون سيڻ.

o

هتان 'ووڙ' وئي، وهندي انهيءَ وات سان،
تارا، ڪتيون، ڪهڪشان، اتي راهہ رئي،
اڳاهَين "استاد" آ منزل مون نہ مَئي،
سگهي ڪير چئي، لوچڻ، لال ليي وڃي.

o

نندان نياپا، 'اجهو ڪڙڪيس اوچتو'،
"مهل 'بخاري' ماڻجي پنهنجا پاراپا،"
جاڳڻ جياپا، جاني، مون سان جوڙيا.

o

نيٺ تہ ايندي نند، جاڳي جلبو ڪيترو،
جهنڊي وانگي پند، جرڪي، ڦڙڪي جهيربا.

o

نند اگهوري ناءِ، جاني، منهنجي جهول ۾!
صديين سارو ساءِ، اوتيو، ٿورو پي وڃان.

o

وڇوڙي جي وَيَ ڪان مڃيم ڦٽي نند،
گهَريءَ نند جا گهِند، وڃن وقت - گهڙيال ۾.

o

وڇوڙو - وصال

o

رکن روزو سخت، تڙپن تاسا سُرڪ لئہ،
ماڻِن کولڻ وقت، وڏو لطف وصال جو.

o

تاتي هٿ سان تاسَ، پاليون پاڻ ئي پياسَ،
اندر ۾ "استاد" ٿا سانڍيون آسَ، اُڪاس،
پِڃن پِڃاري جيان اُڃارا احساس،
پو جي پاڻي پاس، اچي عيد عظيم ٿئي.

o

هو جو وڇوڙو، آيو هو "استاد" ڏي،
وڏو وِٿ وجود ۾ ويڌن ولوڙو،
سنگُ وري سوڙهو، ٿيندي رنگ رچيو وڃي.

o

وصل سين وِڇڙڻ، جيئن تُڙڳڻ سين تَسجڻ،
تَنبڻَ ڪهڙو تيجُ، جي تو نہ ڏٺو تڙپڻ،
پرينءَ سين پرچڻ، هڙئي عيدون هنج ۾.

o

جانيءَ جدائي، رُسڻ، پرچڻ لاءِ جي،
وِٿ وجهي "استاد" جي اڪنڊ اُڌائي،
هيڪر اجهائي، ٻيهر ٻارڻ واسطي.

وٿ: وِٿي، فاصلو، وڇوڙو. تڙڳڻ: پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻڻ. تَسجن: تاسارو، اڃارو ٿيڻ.

○

'رڻو سو پرتو'، 'ڦاڻو سو سِيتو'، سڻو،
وڇوڙي جي وِٺ ۾ وصل جنهن ورتو،
سو سُرتيو سَرتو، پلٽيو پريت پڪي ڪري؛

○

گهٽي وڌي گهُرَ، پيار رُسي "استاد" جي،
اميدون ايلازَ ڪن، ارداسُون ڪن اُرَ،
ڳلن تي ڳوڙهن جي چمڪٽيون ڪن چُرَ،
سُڏڪن، هِڏڪين، ساهه جا سڃڻ سمجهن سُرَ،
پاڪر تي پاڪُر، بوسن تي بوسا وسن.

○

رنا جيڪي رات ٽي، پڙه ٿي پرتا،
انهن لئه "استاد" کي اوراتا آرتا،
صبح سان سَرتا، سَهڙيا بڌجي سوجهرو.

○

ايندا، سي ويندا، ويندا، ايندا ڪنهن ٻُڌا؟
اکين ۾ "استاد" جي اهڙا آئيندا،
مارو ميڙيندا، واهوندا ٿي واسَ ۾.

○

ايندا جيڪي عيد ٿي، واڪا ڏئي ويندا،
انهن جا "استاد" کي ماتم ماريندا،
اڳي پو ٿيندا، ميڙا تن سان ماڳ ۾.

○

وابون

هوت ڪٽي هليا هاڻي!
ڪيج خوشيون سپ ڪاڻي! گهوڑا!
هاجو!
هئہ هئہ!

قادرَ تنهنجي قيام ڪٽي آ؟
هو هو، محشر هاڻي، گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

جانِ وٽو جت، هوت ڏيو نہ تہ!
هانءُ هٽان ويو هاڻي! گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

گهنگهرَ، گوندرَ مون کي جيجل!
گڏجي اچليو گهاڻي ، گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

جيڏيون منهنجي جندڙي ساڙي!
ٽِڪِي ٽِڪِي ٽاڻي، گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

اِيندي آڃي، ويندي ويڃي،
تيتر تن پيو تاڻي، گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

هيڏان، هوڏي، هرکو "بخاري"
اوڏهن ڪير نہ آڻي! گهوڑا!
هاجو! هئہ هئہ!!

ڪ: لطف، لذت.

•

موت منا، نہ تہ مان!
نہ تہ مان!
نہ تہ مان! جيئان ڪيئن جيوَن بنان،
سرچان ڪيئن ساجن بنان.

توکان تيئن ڇڇان مان جاني! جيئري جيئن مران!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

پاڻي منهنجو ساڻ نيو تا، ڪُرڙي ڪيئن ڪيان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

سهڪان، سُور پڇايان، سڏڪان، تڙپان، تيئن تپان،
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

هَر هَر مون کي پاري نڪتا! هينئر هوت هتان،
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

دِل دم دير سهي ئي ڪِٽ ٽي، سو ڪيئن سال سِڪان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

پاڻيءَ ماڻيءَ ري نہ سري ٽي، جاني ريءَ جيان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

وقتُ ءِ ويرَ ورن تا ڪاڻي، چاڻي واجهُ وجهان!
جيئان ڪيئن جيون بنان ...

موت مڃي جي منٺ "بخاري"، واري پيار وٺان،
جيئان ڪيئن جيون بنان،
سرچان ڪيئن ساجن بنان!

•

جاني جَنِ كان پوءِ،
روئان روز آبوءِ! ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا!

پائُر ڪوڙ پنيور ۾، ڪونڌز ڪنڌ نہ ڪوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

جيڏيون ڪنهن جي جندُ سان، هاڃو هينئن نہ هوءِ!
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

گهوريو واءُ فراق جو، وڻ وڻ واڪو ووءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

اڪڙين آڇيو آبڙو، هينئڙي آکيو هوءِ!
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

آديون عيدون اِيندیون، پَهچن شايد پوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

"اُستاد" آهہ اُپائڪي، لالڻ ڏاران لوءِ،
ڏاڍو سُورُ ڏئي ويا.

آبوءِ: ابول. (افسوس جو ڪلمو)

●

آڙُ هجي يا پارُ، آلاڙي!
پنڌُ پري جي پريت پَراهين.

سامهين در ۾، ساڳئي گهر ۾،
دور صديون دلدار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

ڪو تہ سهارو سالم گهرجي،
پور هجي يا پيار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

تانگهہ – تپش کي، قرب ڪشش کي،
سونهن کپي سهڪار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

دَمَ دَمَ ۾ ڪم ڪيڏا ڦاٽا!
پل پل جيءُ جيار، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

ويسر، مانگر، ڏاتوَر ڏسجن،
ڪُنَ لڳي ڪُونارُ، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

وارَ وِڃي "اُستاد" وَڏي ٽئي،
قربَ سوا ڪُهسارُ، الاڙي! پنڌ پري، جي پريت پراهين.

●

ويسر: تمام وڏي مڇي. مانگر: منگرمڇ

●

پيار ڪري وئين ڌار ڪري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

سينو سگري، ٽانڊا دلڙي،
رڳ رڳ ۾ پئي آڳ ٻري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

جهويو جَنڊُ جدائي تنهنجي،
ڏوسِي منهنجو هانءُ ڏري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

ڪاڏي وئين بي درد شڪاري!
مون کي قابو قيد ڪري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

صحرا کي بہ سهارو گهرجي،
سائِر ڌاران ڪانہ سري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

سورج ناهيان روز نهاريان،
ماڻهو آخر نيٺ مري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

سيڻَن جي سرهاڻ کڻِي ڪو،
واءُ گهُلِي ڪو وارُ وري! هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

پاڙي ۾ "استاد" پڪاري،
پنڌ پرين ڪو ناه پري، هئہ هئہ سهڻا حيف هجئي!

●

ڏوسِي: بدشڪلي، منحوس (ڪراڙي)

●

غَفلتَ ۾ غلطانَ!
صورت جا سلطان! جيئري جاني جاچ ڪجي!

ويڌن ويل آچن جي تن جي قدمن تان قربانَ!
جيئري جاني جاچ ڪجي!

ڪاتي سِيرَ، ڪسي پئي سهڻي، ڪاسائي طوفان!،
جيئري جاني جاچ ڪجي!

ڪامڻ ڪَهه ۾ ڪُوڪي سهڪي، ڪيچي ڪوهستانَ!
جيئري جاني جاچ ڪجي!

راڻا رُئڻا مهڻا مارين، مومل ٿَئي مهمان!
جيئري جاني جاچ ڪجي!

دلبر، دل کي وِرهَه وڪوڙيو، ديد، دوا، درمانَ!
جيئري جاني جاچ ڪجي!

اُلجهڻ مان "استاد" لڌاسين، سُلجهَڻ جا سامانَ،
جيئري جاني جاچ ڪجي!

●

ويڌن: مصيبت، آفت، انڌير. ڪامڻ: خوبصورت عورت، نازڪ ناري.
ڪهه : ڊگهو ڏکيو سفر، 'محبت'.

ساروٽي سولي ڪٽي؟

o

تپڻ، تڙپڻ، تاڻ، ساروٽي سولي ڪٽي؟
مٽان لُڇَ مترڪا، هيڻان سِڪ سنداڻ،
سجڻَ سورُ ٿسراڻ، تانگهڻ تيز ڪيو چڏي.

o

سُستيءَ ساڻ سجڻُ، ساڻي سِڪ سڏي،
گهورا، گهربل لئہ ڪپي واجت جيئڻ وجڻُ،
همت ساڻ هَجڻ، عِزت عشق عظيم جي.

o

سڪڻ سمجهن سيجَ، ملڻ ماڻن موجَ،
اُنهن ڪارڻ اُوجَ، آرڻ توڻي آتڻين.

o

اندر انتظارَ، اوسيئڙا "استاد" ڪي،
باهر آ پاڪار، "ٻينو ٻينو" ڦيٽ ٽئي.

o

"استاد" اوسيئڙو، ڪريون ڪهڙي آسري؟
طاقت تيلُ ڪتو وڃي، ڏِيل سُڪو ڏيئڙو،
جوَ جهڙو جيئڙو، تاڻي، هاڻِ تِڪو رسو!

o

ساڻيان توکان ڏار، سپنا ساڻ، ڇهان ته ڇا؟
الا، ڪَٽيا ڏار، ڦُٽا، ڦَلُ جهلين ڇا!

آرڻ: جنگ، لڙائي. ٻينو ٻينو: ويهو ويهو. ڦيٽ: ملامت، ڦٽ لعنت.

○

چاهين ٿو تہ بچان، اَچڻو پَوندُءِ اَڄ!
او نہ تہ اءُ اَچان، چارو ڪو بہ بچيو نہ ٻيو.

○

مٿان ڪِرڻا مِينهُن، هيٺان ريت تَتِي وهي،
تَنبي تانگهہ تيئن، جيئن ڏنيِي ڏونگر - ڏِينهن،
نِڌڪ ننگو نينهن، وَڌڪ ووڙيندو وٽِي.

○

تانگهون تَتي ريتِ، پُورَنَ پيرَ ڦَلُوڪڻا،
چُڀِي چيرِي چاه جي ڇاتي چنتا - ڇيتِ،
ڀينر اِنهيءَ ڀينت، پنهنجو پنڌ پرينءَ ڏي!

○

لوچَڻَ پيرَ لڦُون لِڦون، پُورنَ پنڌ پرين ڏي،
مَڇريو ڳاڙي مون اڳيان گوندَرُ گندُ گِڦون،
سامهون سُور صفون، ٽامون - ڀُونءِ، ٽپان، اچان!

○

ايندِي ويندِي آهہ، اُن وٽ منهنجي آهَ،
سُنگهي ايندي آ اُتان سَندس سُرها ساهَ،
اِئين چُهٽي چاهَ، چُميا پيارَ پِرينءَ جا.

○

چَڙهيا ڪيئي چندَ، لَڙيا ڪيئي سڄَ،
راهُون ڏِينهَنِ روڪيون، راتينِ وڌِي رَندَ،
سانجهي، ساجهُر جهولَ ۾ وڇوڙي جي وندَ،
آءُ، عِشق، اُڪندَ، ٽِنهي جانيءَ جُستجو.

نڌڪ: پڪو، ڌڪ کاڌل، بي خوف. چِنتا - ڇيت: چنتا جي ڇيت، ڳڻتي، کٽڪو.
ڀيت. نموني، ڍنگ، طريقي. ٽامو - ڀونءِ: ڌرتي، تتل ڌرتي.

o

آندر اُڏمي سِڪَ، اکٽين ڪوسو اوتجي،
لڪِيءَ ڪهڙي لِڪَ، ڏارو ڏوڪاريو وهي.

o

اکين آجُ اُڪاسَ، اِئين لڳي، آسرا!
رَڳن کي روزي رکئي جيئن تپائي تاس،
اُجارا احساسَ، پاڻي پاڻي ڪَن پرين!

o

آلا، اهڙي سِڪَ! پائيندڙ پائي پَئي!
چولِي چولِي چِکَ، پوري هانءُ پِکون ڏئي.

o

سُنديون ساڙي سِڪَ! پاڻي - پيارُ پرين ڏئي،
اُڇڙ ڪهڙي لِڪَ، پُڇڙ ريءَ ڪُچيو پوي.

o

سڪڙ آهِ ثوابُ سوچيو، سونهن، سِکان پيو،
طلب تانگهه حبيب ڏي کيپ هجي يا خوابُ،
هوندو ناهه حسابُ، سپي ساهَه پرين بلي.

o

ڏاڍا سوڙها لَکَ، آڏا ٽيڏا پيچرا،
ڏاران شوق پَري پوان، هُو تان ويجهي چَکَ،
پريت اڳيان پيلکَ، چَپَر چنپ، پريان پرين.

o

ساروٽيون ري سارَ، سڃڙ منهنجي سُرت ۾،
تڙپي دل جي تار، سوا سعيي سوچ جي.

اُڪاس: اوسيڙو، اڪير. کيپ: خمار، نشو. هوتان: هو ت.
ويجهيُ چِک: اوسي پاسي، نزديڪ

○

سڄڻ، پنهنجي سار، هاڻي مون کان ڌار ڪر!
ٻُڍو اِئن رئان جئين ٻاڪارن ڪي ٻار،
اڳياڙيءَ جا آرَ، پڇاڙيءَ پيڇو ڇڏيو!

○

سڄڻ، پنهنجي سارَ، واپس سامَ سنڀار!
اوٿر، ٻيڙي ٻار ۾، اُتس بيحد بار،
ڪارا ڪارونڀارَ، ڳاڙها پيارَ ڳهيو وڃين!

○

سڄڻ، تنهنجي سار، ڪيئين رنگ ڪري پَئي!
ڪڏهن نظر نُور ۾، ڪڏهن نيڻين نار،
ڪڏهن هارَ قطار ۾، ڪڏهن مالها مارَ،
مون تي ناهه ميار، اهڙا خواب ڏنا به تو!

○

مون کان کوٽا کارَ، سڄڻ - سار کسينِ ڇا؟
سينو سُرندو ٿي چڪو، تنتون تند، تنوار،
سارهه ساهه پساهه ۾ واکاڻون ڪن وار،
يقيناً پئي يارَ، ڪيري ڪندي ڪيرتون.

○

هينئين حاضرات، جيڪي چاهيان سو پسان،
ڪيڏي ڪائنات، تنهنجي صورت مون تُسي.

مار: نانگ. کوٽا کار: دوکيباز رقيب.
حاضرات: عمل، جنهن ۾ عامل مطلوب ماڻهو ۽ شيون گهرائي ڏئي يا ڏيکاري سگهي.
تُسي: راضي ڪري، خوش ڪري، وڻي.

o

اچڻ جو آهتُ، سَرلي اوسيئڙي سُٽيو،
ڳالهيون، ڳُڻَ ڳاهَتُ، اُتان اڳيئي هئا.

o

ساري رات سمهي، جوڙيان سپنا جاڳندي،
چوڏهين چند چُمي، رڳين اوتيان روشنيون.

o

سُرهيون هوائون، دريون، منگهه لنگهيو اچن،
اِئين رَچن روح ۾، اُونهيون ادائون،
اوسيئڙو آئون، سُنگهون تنهنجي سونهن کي.

o

سڄي رات سُري هلي، هاڻي سُمهڻ ڏي!
اوسيئڙا "استاد" کي، گهيرتَ گهمڻ ڏي،
چهرو چُمڻ ڏي، اکيُن کي آرام جو.

o

آسا، آسُر جو اُٿي، ايندي آهين تون،
اچي آٿتَ ذاتِ کي ڏيندي آهين تون،
ويندي آهين تون، سانجهي سُور سڏا ڪري.

o

سُرهي ساروٽي، واسيو آس وجود کي،
عُمر اوسيئڙو ڪيو، اڃا اک اُوٽِي،
قرب سريو ڪُوٽي، ڪينجهر ڪُڪ پري ڪٽي؟

گهيرت: ننڊ جا جهوٽا.

○

واسيو آس وجود کي، پَنبان پاٿي پاڻ،
پهچڻ کان ٻہ اڳي نچي ڳلن تي ڳاڙهاڻ،
سندس صحبت ساڻ، رُجهان رُڃان پَرينءِ.

○

سيارو: اڳَڻَ اُسَ، ساروٽي سُرهاڻ،
سونهري تڙڪو وِڏم غاليچو تو کاڻ!
ڪيڏي روحَ رهاڻ، پَر پُنيءَ توسان پرين!

○

سارڻَ سَرهائي، ويهاري وجود ۾،
اسان آرهائي، 'ايندو' ساڻ آڏي وِڏي.

○

سنيارڻ مان سُپ، آوس اوسيڙو ڏسي،
سَنجهي أيو أپ، صُبح سجّ مبارڪون.

○

ويسَر اوجهرو، جنهن ۾ جارُ گهٽو جهَڪو،
سارڻ سوجهرو، پرين سُونجهہ پَسي سگهي.

○

اوسيڙي اُهاڻ، ڪيو سوچَ سمڪَ ۾،
سَريو اهم سماڻ، اوجهو، ساجن سامهون!

پنبان (خوشيءَ ۾): نچان، ڪڌان. آڏي: ٻہ اڳ ڪري. وڏي: ماري چڏي.
اوجهرو: اونڌهہ. سُونجهہ: ڳولا، جستجو جي جبلت.

○

سارڻ – سُهائِي، پُورن تي پکڙيو وڃي،
کِلائي جيئن خواب ۾ ٻالِڪَ وِهائي،
هوڏان هوءَ آئي، هيڏان هيج هِنيون ڪري.

○

اوسيئڙو ۽ آنءُ، ميڙي ۾ مٺهيار ڪو،
"بخاريءَ" لئہ بازرون نِرو تنهنجو نانءُ،
هئہ هئہ منهنجو هانءُ، هُلن ۾ هوڪا ڏئي.

○

اوسيئڙو ۽ آنءُ، آڄو، ٻيڙو ٻار ۾،
اهنجيءَ ۾ "استاد" لئہ ساڄو تنهنجو نانءُ،
ڏُکن وٽان ڏانءُ، وٺيو هانءُ هلي پيو.

○

اُن جو اوسيئڙو، سنجهي ڌاري سوجهرو،
اُو جو تارو اُڀ تي، ڏونگر تي ڏيئڙو،
لالڻ جو "استاد" جي لُونءَ لونءَ ۾ ليئڙو،
جوت پسي جيئڙو، اوت اڳيئي اُڃَ کان.

○

اوسيئڙو آهَسُ، منجهس جَرڪ مراد جي،
جدائيءَ کي جس، مُنجي وجهہ وصال جو.

○

اوسيئڙو اک ٻوٽ، کيڏي آسَ، نراس سان،
آخِر عشقَ اَلهوٽ، وندر هٿ ڪري وڌي.

وهائيءَ جو کلائڻ: ننڍڪڙو ٻالڪ جڏهن ننڊ ۾ کلي تہ چون: 'وهائي ٿي کلائيس'.
آڄو: اڻائو واءُ (ٻيڙن لاءِ). ساڄو: آڄو جو ضد، سڻائو واءُ. اُهَسُ: روشني، پيار.

ڏهاڙي توکي ڏسي، هيءَ "بخاريءَ" هير،
سياڻي سُڌ ناهه کا، هٽڙي هوندا ڪير،
دلبر ايڏي دير، ڪبي ناهي قرب ۾.

هينئر هليو آءُ، هڪدم هوڙهيائي ڪري،
آتاڙي "استاد" جو ستت لهه سماءُ،
تانگهون تتي تاءُ، مائيون محب ڪرينم ڪي.

هٽي هاٽي اوچتو، دلبر، دل جو داءُ،
واهوندي جو واءُ، بنجي آءُ، بهار ٿئي!

ايندا اربيلا، عيدون ٽيندیون ديد جون،
ماڻيندا "استاد" ڇڻي محبتي ميلا،
جوڙ ڪريو جي لا، ڪوڙين قرب ڪنا ٽين.

اچن عيد دُوار، ديدون، ڏيدن سان ملن!
انگن تي "استاد" کا، برسي بُوءِ بهار جي،
چَپ ٽين جي چار، سمو، سيم سنگيت ڇڻي.

پولا پرم پُرن، هي جي هُوند حجاب جا،
سنگت ساز سُري پوي، چاهت چَپ چُرن،
بنهي پار بُرن، نوان نغما نينهن جا.

هير: عادت. هوڙهيائي: جلدبازي، تيزي، بي صبرائي.

وايون

تَن مَن ۾ كا تاڻ، ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

عشقَ رکائي آگ رڳُن ۾، اکڙيُن ۾ آلاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

مان تہ ڪٽي مانڌار ميان پر، محفل ۾ مانڊاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

ڪاوڙ منجهہ ڪِنارا ڪاڻي، مَچري جي مهراڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

پَن پَن ۾ پيلاڻ زمانا! ڀاگُن ۾ ڀاڙهاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

سُور سُپاڻي هينئن نہ هوندا، آکِن تا اهجاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

نينهن نِراسائي چا ڄاڻي، آسَ اچا ڪا آڻ!
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

اوتِ آچا "استاد بخاري"، سِٽ سِٽ ۾ سرهاڻ،
ڪنهن جي ڪاڻ، تَن مَن ۾.

●

•

ساروڻِي سُرهاڻ، سُرهاڻ آ ساروڻي.

آيَم پريَم پيار جي، هردي مان هُڳساڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

ڪَتيون توڻي ڪيتڪيون، ساجن سُونهن سُڃاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

ٻَهڳڻ ۾ ڳُڻَ: ٻير ۾، ڳاڱُن ناهي ڳاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

اکڙيُن جي آفاق تي، ڳَلڙن جي ڳاڙهاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

سونپيو پنهنجو پاڻ مون، هوتَن کي هَٿ ساڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

پهچان پوءِ به پوئتي، پوري ريت پَڇاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

اديون ڙي "اِستاد" جي، ساري سُونهن رهاڻ،
سُرهاڻ آ ساروڻي.

•

وِهنجاريَ واسَن، سِينگاريَ سُرهي هوا،
روڪِي راکاسن.

پهچو، پيارَ پَري وري، آنگِي آنگاسن!
روڪِي راکاسن.

جنهن جا پيرَ پَٽوڪَ تي، بخمل تا ياسن،
روڪِي راکاسن.

اُوچي آبَ حيات کان، تنواري تاسن،
روڪِي راکاسن.

رات رَتائين روشني، اوڪِي آکاسن،
روڪِي راکاسن.

آزادي "استاد" ڏي، آندي احساسن،
روڪِي راکاسن.

آنگي انگاسن: انگاسن يا نشان تي تنگي ويئي. پَٽوڪَ: پَٽ، صاف سنڊي زمين.
تاسَن: پياسن، ايارن. رتائين: رَت پري. اوڪي: آڻي ڪئي، ڦي ڪئي.

•

راهُن تي هر روز وَڃن پيون، ديدون دوتارا،
تَڻ تَڻ ڪن تارا.

پيار اُڏاڻو اوڏهن جيڏي، جُوءِ نہ جهُونجهارا،
جُوهہ ڏئي جهارا.

بس بس ڪن گهر هارَ گهڻوئي، آه نِس وسڪارا،
نيڻ ڪڪر ڪارا.

منهنجي مؤج ڪسي ويا مون کان، لُوهي لامارا،
پرماري مارا.

لُڙهندا ناهن لَهر لَهر جي لاري لَهوارا،
وِيزَ نَظر وارا.

دؤرَ ويا ويچارا، هاڻي، موتيا موچارا،
چوڏاري چارا.

ديسُ گُهري "اُستاد بخاري"، ڏودا دوبارا،
برهہ ڪٽن بارا.

•

آه نس: رات ڏينهن. لوهي: لوهہ هڻي، ستَ هڻي، حملو ڪري. لاري: لالانگهري، سهاري. دوبارا: ٻيهر، وري.

●

هوءَ جا جيءَ جيارَ، اِيندي، اِيندي، اِيندي!

شال شفق جي اوڙهي اُوشا، ڳاڙهي لال ڪنوار،
ايندي، ايندي، ايندي!

جهڙي جوت سويري سُورج، جهڙي بُوءِ بهار،
ايندي، ايندي، ايندي!

هوءَ جا سِيمَ، سَمي جي سجني، آجا جنهن جا آر،
ايندي، ايندي، ايندي!

سون وَني، مَن مُهڻي، سُهڻي، نئين نئين ساڻ نکار،
ايندي، ايندي، ايندي!

چوڏِس چارا چاهت وارا، پُورب، پَڇَم پار،
ايندي، ايندي، ايندي!

”هيف هجيئي هيڏيون ديرون!“ ڏيندومانس ميار،
ايندي، ايندي، ايندي!

عيدون، ديدون، آوج ”بخاري“ هوندا هيج هزار،
ايندي، ايندي، ايندي!

●

اُوشا: صبح ديوي، سهڻي، خوبصورت. سِيمَ: جُونءِ، ترُ، ڀُونءِ.

●

تانگھہ تِکي تَڙپايو،
قُرب وندا ڪوڻايو، تہ بہ پيا ٽا تَرسايو!

ڊيگھہ گھٽائي گھاوَ رسايا، سيگھہ ڪريو ڪو سعيو!
تہ بہ پيا ٽا ترسايو.

پرتو ڪين پِرين ري هينڙو، پل پل پئي پرچايو.
ڪونہ لُڏيو پروانو پچندي، ڪونہ شمع شرمايو.
مينگھہ مَلهارن وارا ماڻهو! بُوند تہ ڪا برسايو!

مشڪل ۾ مون اُرُ مُرڪايو، ٽاندن تي ٿهڪايو.
شَهَرَ شعاعن ۾ وهنجي ويا، جهنگ جُٹو جهرڪايو.
سوپ سدورو نُور ڪري ويو، آندارِي هارايو.
ماڻهو چندُ چُمي ويو هاڻي، تنهنجو چاهي رايو؟

اُٽل پُٽل "استاد" ضروري، آندر بَهر اُتلايو!
تہ بہ پيا ٽا ترسايو.

●

اُرُ: روح، مَن، شوق، چاهہ.

عيدون ڪن ديدون، ديس ورو پرديسي!

پُورب پاران آيا بادل، ويس وسڻ وانگُون،
ديسُ ورو پرديسي!

گھر گھر گجرا، هار گلابي، ميندي مشڪ مليون!
ديس ورو پرديسي!

ماڪيءَ جو ميناج هوا ۾، سڳداسي سڳندون،
ديس ورو پرديسي!

ٻير ٻچايا صوفي ٻيرين، پُور ٻچاياسون،
ديس ورو پرديسي!

ڪارڪ، انب، ڪمند ۽ ڪيلا، ميوا، عرق رَسون،
ديس ورو پرديسي!

چانديءَ وانگي چمڪن ڦٽيون، ڪنچنيون ڪٽڪون،
ديس ورو پرديسي!

جھَرڪن جھاتيون، چُلڪن چاتيون، راه تَڪن حورون،
ديس ورو پرديسي!

جيڏيون سھڻيون ايڏيون آتيون، ماڻڻ لئه موجون،
ديس ورو پرديسي!

ھھڑي هينئڑي تار سمي ۾، موتي يار ملون!
ديس ورو پرديسي!

آءٌ ملي "استاد" بنايون، باغ بهشتي يُون،
ديس ورو پرديسي!

پورب: اوپر. ڪنچنيون: سونيون.

•

ديدون ڪن عيدون، ديسي، ديس ورو!

سنڌو - سَير، سنَورجي آيون، سانولڙيون سانجهيون،
ديسي ديس ورو!

ڪينجهر ڪير، ڪٽاريون پياريون، چمڪيون چانڊوڪيون،
ديسي ديس ورو!

جهُومي جهومي جهُمريون پائن، خوشيون، خوشبويون،
ديسي ديس ورو!

گڏجي پيئون، جيئون جاني، جيوَتَ جون جوتون،
ديسي ديس ورو!

ڀنڀ بُنن تي شهر شعاع ٿيا، بَرپٽ ۾ بستيون،
ديسي ديس ورو!

ڇم ڇم ڇمڪن پانا، ڇيڻيون ڳائن ڳيچ مِلون،
ديسي ديس ورو!

آن جي لاءِ اسان جي تَر جُون، تڙپن تاريخون،
ديسي ديس ورو!

آن جي لاءِ اسان جي تَن جون، تڙپن تحريڪون،
ديسي ديس ورو!

آزادي "استاد بخاري"، گڏجي گيت چئون،
ديسي ديس ورو!

•

جانِ آتم هِيءَ جيسيتائين، تَنُ تاڻيندُم تيسيتائين.

گُونگي منهنجي مَن جي منشا، گُونجي جيتر ڳيچ نہ ڳائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

سُونهن، سِڪڻ جو مان متي تتي! ڪيس نہ جيسين ڪيندو ڪائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڪُوڙَ ڪڙولا، توڙها توڙي، ساجن، گجرا، پايل پائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

تانگهه، طَلبَ جي ايوانَن تي، پيارَ نَظرَ جا پيرَ گهمائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ٻاجهَ – ٻُنهي جو منهن ٻهڪي پئي، ڳالهه ڳليءَ جي دل مهڪائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڪارَ ڪڪرِ ڪان آجو بنجي، ڪاڄ خوشيءَ جا مون سان ڪائين،
تن تاڻيندم تيسيتائين.

چا حَدَ آهي آس، اِڇا جي؟ ڪا ڪَٽ ناهي ڪيستائين!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

باکَ "بخاري" بينو ڪوٽي، سُهٽا سُهٽا، سائين سائين!!
تن تاڻيندم تيسيتائين.

ڪائين ڪرڻ: ڪمزوري ڏيکارڻ، ڪائرپڻو ڏيکارڻ، هار مڃڻ، ڇڄڻ.

او قاصد ڪانگا

○

ڇڏج ٻاٽيون، ٻُورَ، اچجِ صَبا اُورتي!
ڏِئِي ڳنڍِ سُڳنڌَ ۾، ٻڌِج سوگها سُورَ،
وڃي ڪر وَلهار ۾، پيش پرينءَ جي پُورَ:
چئج ڪنهن دِلچُورَ، مُڪِي اوکي سو کڙي.

○

ڳوڙها اُگهُہ هَوا، گوندَرَ گهمَ کنيو وَڃُ!
ڏوراپو هن دَرد جو ڏِجئين جِت دوا:
”اکيون آپِ بنا جيئن سينو ساهَہ سَوا،
”رُسڻ ڇاهہ روا؟ منڇُرَ پُڇُ مَڇيءَ کان!“

○

منهنجي سِڪَ سُڳنڌُ، سونهن سَندءِ سرهاڻِ،
سِڪِي سو بہ بَهارَ ۾، سُرهَڻ، سُرهڻ ڪاڻ!
هيرَ، سويرِي آڻِ، ويرو هاڻِ وصال جو!

○

هَوا، صَبا، هِيرَ، قاصد ٽيئي قُربَ جا،
اُڀُ سَهارو ديدَ جو، ڌرتي دِل جي ڌِيرَ،
تقريرَ ۽ تدبيرَ، ٻانهِيُون نِينهن نِبارَ جون.

○

پِرهَہ پيارَ پَيامَ، مُڪَم ماڪَ، مَهڪَ کان،
سُورج ڪِرڻا ٿي ڪَيَم سارو ڏينهن سَلامَ،
شفق بنجي شام، آڇيمِ رَنگ عجيب کي.

ولهار: سرسبز بستي. ڌير: دلاسو، تسلي. نبار: صاف، پاڪ.

○

نِت نِت پئِي نوتا، پرهَہ مون پاران ڏجانءِ!
ڀُتا، ڀيلا رات جي ڀِنڀُن جا بوتا،
گوتن ٿي گوتا، اُوندَهِہ کاءِ، اُهاءَ کان.

○

پرهہ پاراپا، ڏجئين منهنجا ڏيهہ کي!
لڳا تارن ڇانءَ ۾ ڇَن ڇَن تي ڇاپا،
پرماري جهاپا، ننڊون، چين ڇني ويا.

○

سانجهيءَ جا تارا سُڻو، صبح جا تارا!
سَنيها سارا، سنڀاري سڄڻين ڏجو!

○

ناسِجَڻُ ٿئِي نِينڊَ، سَنبري سڄڻ ويهجانءِ!
سهائِي ڄڻ سِينڊَ، نِکري نِسري پَهچجانءِ!

○

نِينڊون ڪري نُورُ، مُنجان پيو محبوب ڏي،
منهنجو چنڊ، ڪتِي تہ ڇا، سِڄُ سلي پيو سُور،
دؤر نہ دلبَر دُورُ، ملنديون خِير مبارڪون.

○

ڪِرڻا ڪج نہ ڪوٺَ، سِرڪي صحن اُڪارجانءِ!
اڳ ۾ اِنهيءَ ڳوٺَ، ڪُوڪُون ڪُهرائي ڇڏيون.

○

اڳيان چوٿين چنڊ، پويان تارن لانڊَ،
ڪرڻي ڪرڻي ڪانڊَ، مُڪَم، موٽ، مري ويُس!

نوتا: نياپا، پيغام. ڪاءِ: ڪائي. پاراپا: نياپا، سنيها، پيغام.
ناسجڻ: چنڊ جو اڀرڻ. ڪانڊ: دعوت، سڏ.

○

تڙپِي منهنجي تاڻ، هوندءِ ڪڏهن هانءَ ۾!
ساهَنِ ٿڌنِ ساڻ، اوريو ناهہ عجيب تو!

○

تو وٽ منهنجي تاڻ، ايندي آهي اوچتو!
پُرجهہ، پروڙج پاڻ! ڇو تون آهين ڇرڪندو؟

○

تو وٽ منهنجي تاڻ، اڪثر ايندِي آهہ پئي،
ٿڙڪن ڪڏهن ٿاڻ ٿا، ٽِڙڪن ڪڏهن ٽاڻ،
اهيِ ٿئِي اهڃاڻ، ڀَڙڪئِي عِشق اُمنگ جا!

○

تاڻيو منهنجي تانگهَہ: تنهنجي سِينڌِ سِڌي ڪري،
تون ڇو ڇرڪيو ٿو وجهين ڇُهاوَن ۾ ڇانگَ!
ڀَرڪِي ڪَر نہ ڀانگَ، جوڀَنَ، جوشَ جُهارَ کي.

○

پَهچج منهنجا پُور، سارا سُر کڻي اُتي!
کنيو وڃجئين خيال سان شُعلا، شوقَ، شعور!
”توکان پوءِ تَنور، مون لئہ سيجَ سَمُورُ ٿيو.“

○

قربُ ڪري قاصدَ، ديد ۽ دِل وٺيو وڃو!
تباهيءَ تَصديق لئہ پيش پَڪا شاهِدَ،
زوراوَر جا ضِدَ، ماريندا مجبورَ کي.

ٿاڻ: وٿاڻ. ٽاڻ: ويلا، وقت. ڀانگ: ننڍي وير. جهُار: وڏي وير.
سيجَ سَمُور: سمور جي سيج، نرم پشم جهڙي سيج. اَسانگا: آسرا، ڀروسا.

○

او قاصدَ ڪانگا! پَهُچو پَڪَ وٽي آڇو!
منهنجي آسَ، نراسَ ٿئي وڙهي ٽيون ڏانگا،
آهِن آسانگا؟ يا، سارا سانگ رُسي چُڪا!

○

ڪڏهن اُڀڙي آسَ، ڪڏهن چاسَ نراسَ،
هيڏي هيڏي هيج هُجُومَ ۾، هيڏا هورَ، هراسَ!
منهنجا هوشَ، حَواسَ، ڏُونديندي ڏُرڪو متان!

○

اُڏر منهنجي آسَ، سانديِ ساهَ سَنيهڙا!
اُتر اُتِ عجيب جا جِتي وَرنَ، واسَ،
آسارا احساسَ، وٽيو وڃجئين وِيسري!

○

اميدُون، اُن ڏي نِيو، مُرادُون ميڙون!
تانگُهنِ جون تيڙون، موڪيندو مِهرون ڪري.

○

تانگهه ڪري تيڙو، مُڪَمِ موسِم سان گڏي،
وَسڪاري وَلهار ۾ پَر ۾ ٽي پيڙو!
مڇي مَن ميڙو، رڇي راسوڙو وري.

○

سانوَڻَ، ڏينس سَنديسَ، بَرسِي مُنهنجي برهه جا!
پِرين جي پرديس، ميڙين پوءِ مجاڻءِ ماڻ!

چاس: زياده، سرس. تيڙون: ڪانڊيون، ڪوٽون، دعوتون. تيڙو: ڪانڊيو، ڪوٽو.
راسوڙو: ٽري لوڪ گيت جو قسر (هن ۾ سادي پر جذباتي شاعري ٿئي ٿي.)
سنديس: سنيهو.

o

خوشخبري ڪِيانتا! آندءِ خير مبارڪون،
اسان جَن لئہ پيا لُڇون سي اسان لئہ آتا،
اُڏر اوراتا: پَهتا آڻتَ اوچتا.

o

ڪٽي وڃ هِيءَ خير جي خَبر ڪِيانتا!
سُڪي ٿيا آبدي وڃي جي آزلي ها آتا،
پريت وَندن پاتا، نوان جاما نينهن جا.

o

نوان جاما نينهن جا، پريت وڃي پاتا،
لُونءَ لُونءَ لاڳاپا ٽُٽا، لوءِ لوءِ سين لاتا،
چاهَ چُميا، چاتا، نِت نِت ناتا جوتِ جا.

o

اوراتا: روڄ راڙا، رودن.

وايون

پُورَل ڏي بادَل! زوپ ڪٽي وَڃُ رُئندو مُنهنجو!
بادَل ڙي بادَل!

جيڏهن منهنجي جانب جو گهرُ، اوڏهن ڪر آهَل!
بادَل ڙي بادَل!

ڪارا ڪپڑا، آکيون آليون، پاڇُولا پاڳل!
بادَل ڙي بادَل!

سَپڻ ۾ پيو نِينهُن نچايان، پريت ٻڌي پايَل!
بادَل ڙي بادَل!

دِل نہ سهي دم دير "بخاري"، دَوَرُ ڪري ڏاندَل!

•

سعيا، سانگا ڪانگَ ڪَيم، آيارُون ڏَئي روز اُڏاريان!
چڪيا تي پئي ڳايَم چاهَه، سُوريءَ تي پئي سونهن سڏَيَم.
دَوَر سُٽيو پر سمجهيو ڪونہ، چاڪ ڏنائين، چاڳ چَيَمَ.
ميڙ ونڻي هن مَهل اچان پيو، سالَ، مهينا ساڻ آٿم.
ساهه ٽڏا رُومال مُڪا مون، ڳاڙها ڳوڙها بَرٽ پَريم.
چاهتِ ٽَڪجي چُورُ نہ ٽيٽي، پگهري توڙي پُورَ پَيم.
قاصِدَ منهنجا بيت "بُخاري"، وايُون بنجي واڪَ ويَم.

•

آيارُون ڏَئي: همتائي، ٽيڪون ڏَئي، تعريفون ڪري.

•

تانگھڻ جو تَرهَتُ، سَرِلي سُونهن سُٹي سگهي.

نِکتو تيز اُکنبَ جو، ساهنِ مان سُوسَتُ،
سَرِلي سُونهن سُٹي سگهي.

چُهٹيو چاندوکِي چُمِي، پُونم، شَبنم پَتُ،
سَرِلي سُونهن سُٹي سگهي.

جهاڳيُون جهَنگُ حجاب جو، پَرمَن جو برپَت،
سَرِلي سُونهن سُٹي سگهي.

مون نہ ڈٹو "استاد" کو، محبوبن جو مَتُ.

•

تَرهت: هلڻ وقت پيرن جي ترڻن جو هلکڙو آواز. آهَٽ.

•

هو تہ سُٽو آهَٽُ، هِيرُن ۾ هُڳساڻ جو!

گؤنچن ۾ گوگاءُ ٿيو، وَرنَنَ ۾ واڄَٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

گُونجي پيو اَڄ گوشَ ۾، ڪالهوڪو ڪُوڪٽ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

گُهوريو تيز، گهڙيءَ ڏي! جهومي پيو جهٽُ جهٽُ،
هيرن ۾ هڳساڻ جو!

عشق اٿيو "استاد" جو، ڳورو ٽوڙي ڳَٽُ.

•

آهٽ: هلڻ جو هلڪو يا جهيڻو آواز، ترهٽ.

اُوچو سوچي آچ

○

اُوچو سوچي آچُ، ڦيريون دؤر فِڪر جوا
ڪوريون ڪوجهي ڪَچَ کي، جوڙيون سهڻو سَچُ!
محبت، محنت مَچُ، سنگت، ساجَهه، سوجهرو.

○

اُوچو سوچي آءُ، نيچي سوچَ نهوڙبي!
ٽاٽو، ٽاٽو آ رڳو ٽَولن جو ٽڪراءُ،
جي تون تابش، تاءُ، سامهون سُورَ هَوا هئا.

○

اُوچو سوچي آءُ، نِيچو چاهُ نِچوڙبو،
ندوريءَ نهڪار ۾ ندورو سوداءُ،
سدوري سَهڪار ۾ سدورو سرچاءُ،
پُورن جو پَرچاءُ پِنڌن جو پرياءُ ٿئي.

○

چاهت چئج نہ چيڇڑو، چوڌول آهي چاءُ،
پيڑون پيار ڏئي نہ جي، ڪِلندي خوشيءَ کاءُ،
چا جو ڏهڪو ڏاءُ، جي تو سِينگو سوجهرو.

○

سمجهي سوچي آءُ، سڪ، سُونهَن سَڏ نہ ٿئي،
جِيوت ناهِ جُوا اُڏو، دِليون ناهِن داءُ،
آڇيون عِشق اُهاءُ، اوچُون اولانبيون نہ ٿيون.

نيچي سوچ: ردي سوچ، غلط سوچ، ڪِريل سوچ. پرياءُ: طاقت، اتساهه.
پُورن جو پرچاءُ: خيالن ۽ فڪرن جو ميلاپ. چاءُ: چاهه. سينگو: سرتو، دوست.

○

پهرين اَچُ پيُون، سُهڻي سوچَ، رَچُون مَچون!
رَڦڻِي، سکڻي رَنڀ کي، ڏوڪِي ڏَنڀ ڏيون،
جِيان سِجّ جيُون، جهَرڪِي جهَرڪي جُوءِ ۾.

○

پهرين پيءُ پيار، سوچج پوءِ سماج تي،
ميرو منهن مانڊاڻ جو، اُجري يارَ اجار!
اُڀري سِجّ اُڀارِ، سونهاري سوراج جو.

○

پهرين اَچ پَچُون، مچي مينديءَ ڏارَ جان،
ڏاڍي ڏاگهي ڏاٺ کان، ڀُلان ڀيلَ بچُون،
پيسِي روهِي پريت ۾ ريٽي رَنگ رَچُون،
جانِي پوءِ جَچُون، هَٿين، هاجين ڪيترا!

○

اچو، اوريون عاشقو، اَندر جو احوالُ،
ڏاڍو ڏچو ڏيهه ۾، قرب، ڪَهلَ جو ڪالُ،
وِٿيون ويري ڇو ٿيون؟ مِلڻ ناهه محالُ،
محبت اهڙو مالُ، ونڊيندي وڌندو وڃي.

○

ڏيئي چاهَه چَڪرُ، ڦيريون دَؤرُ دهر جو!
ڪَڪَر لاءِ ڪَڪَر ٿيون، ٿَڪَر ساڻ ٿَڪرُ،
محبت محض مَڪَرُ، جوڙي جو به جَبرَ سان.

○

چولا پنهنجا چاڪَ، اڳيون عشق ڪندو رهيو،
اسان کانُ افلاڪَ، چوڌاري چيهاڙيا.

دهر: زمانو. افلاڪ: آسمان.

انقلاب

○

آڇو انقلابَ، آٿيون عشقَ اُهاءَ ۾!
اُپرن شوقَ شَفق تي، اُمنگ آفتاب،
شعاع، شَمّ شبابَ، رانئيُون، ڳائيُون روشنيون.

○

آهر انقلابُ، آٿيون سُونهن، سڪڻ ۾،
ڪوهيون حُورَ قَصُور جو، ڪيرو، گيرو خوابُ،
هتي حُورون هيتريون، جن جو ناهه جوابُ،
ساري سُونهن ثوابُ، آجُر اوجارئي ٿئي.

○

اُتر انقلابُ، آٿيون سَٽ، سَنگت ۾!
جوڙيون جِيت پِريت جو نَئين ريت نِصابُ،
ڪشش، قرب ڪتابُ، سوچڻ، سُپ صُفحي صفحي.

○

اُڀو انقلابُ، آٿيون سِيمَ، سَمي ۾!
پوريون يَرَمُ اُپَ جو، دنيا جو دولابُ،
قُلزم مان ڪولابُ، قطري مان قلزم ڪريون!

○

آڻي انقلابُ، هاڻي شُعبو عشق جو!
ٿڏا ساهَ، رَڏا هِنيان، بند ٿئي هِي بابُ،
جفا سائ وفا جو هر جاءِ هوءِ حسابُ،
جلوا ڏِين جوابُ، جذبا ڪِيئن جلائيون؟

ڪولاب: تلاءَ، چشمو.

○

عظيم انقلاب، آٽيون عشق، حُسن ۾!
کامِل حُسن قصاب جو، کامل عشق کباب؟
ناهِي نِينهن عذابُ، ناهِي سُونهن نهوڙڻي.

○

قصاب: کاسائي.

وايون

جوڙيُون جوڙَ سَجوڙَ، ڏاڍي لوڙ لڳي!
جوڏا جوڀن، بانڪا جذبا، نِينهن بنان ها نوڙ.
ڏاڍي لوڙ لڳي!

نُوري، جام نہ ڄاپن هر هر، يَنئرا، ڪَنوَر ڪروڙ.
ونڻن ويسيون، ڪَٽڪن رنگيون، خوشيون تَر پر ڪوڙ.
ڪنهن سج ڪارڻ تارن پر ٽا، روز وجهون ڪا روڙ.
خاص ڪتوري ڏوري ڏسجانءِ! واءَ هجيئي ووڙ!
جهنگل، منگل، ٽانگر، ٽيڙو، جاري آ، جاکوڙ.
بستي ڇو بيمار هجي؟ ڇو - ڳوٺن کي ڳاموڙ.
سِير تہ ڇا سنسار سڄي تي، سُورن لاتِي سوڙ.
محبت کي "استاد" مڃائين، ٿُنهنجي پيت پلوڙ،
ڏاڍي لوڙ لڳي!

●

منگل: آسماني سيارو، مريخ. (جهنگل منگل - مراد زمين کان آسمان تائين).

•

طَرحين ترڪِيبون، مُحبن ساڻ ملڻ جون.

ڪهڙيون راهون ڪير ڪَٽيندو؟ واهون ٿيون ويهون!

ساڳيون منڊون پاروٽيون ٿيون، نِيج نَيون نِينڊُون!

نِيچو سوچي وِرچي پوندين، اُوچي سوچَ آڇُون!

ڳالهيون ڪي ڳائيندي گذريون، ڪي چيخون چيخون،

لونءَ لونءَ کان لوءِ لوءِ تي پهتيون، تُنهنجون تاريخون.

سُونهن، سچائيءَ لاءِ هلايون، تو مون تجربيڪون.

تَدبيرون "استاد بخاري" تُنهنجون تحريرون.

محبن ساڻ ملڻ جون.

•

نينڊون: دعوتون.

بَنگي ڪير بَهُون، روڪئي ڪين رَهُون، او،
روڪئي ڪين رهون!

سانگي سُونهن اسين سدا، وانگي عِشَق وَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

هڪڙي سِندي حُور لئہ، سهسين سُورَ سَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ووڙيون: توڙي وَنگجُون، ٻوڙُون: ڇاهي ٻَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪوشش، ڪاوِش، ڪَشمڪش، تنهي کان نہ ٿهون،
روڪئي ڪين رهون.

پُوٽيُون جهاڙيُون جهَنگ جون، ڪَپَه ڪوهہ ڪَهون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪُڏِي لاهَ ڪَيون، مِنا، ڳائي ڳاهَ وَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڏاڙهِن چورَ، چَندالَ جي، بَنجي بيتَ بَهُون،
روڪئي ڪين رهون.

ڪونڏَرَ ڪنڊَ ڪٽِي وَڏون، واهَرَ ٽين وَهُون!
روڪئي ڪين رهون.

"استاد" اُتُ، اُٿي هَلِي! لوچي لالَ لَهُون!

بَهُون: تمام ڳهڻو. ڪيترو ب ڳهڻو. وَهُون: وَڻيون زالون.

●

واسيو چو نہ وڃين! منهنجي منٽ مڃين، جي—
منهنجي مت مڃين!

جيئري بنجين جَنّتي، سچي سُونهن سَڃين!
منهنجي منٽ مڃين جي ...

ڪارنهن ڪوري ماڳ تان، ڳاڙها ڳوٺ رڳين!
منهنجي منٽ مڃين جي ...

پائرَ ميڙي پُونءِ مان، پالا، پولِ پڃين!
منهنجي منٽ مڃين جي ...

تو ڇا اوسَرَ، طئہ ڪيو! مون تان مؤج مَگين!
منهنجي منٽ مڃين جي ...

"استاد، اوچَ نہ چيڙجان! چئجين چيز چگين،
منهنجي منٽ مڃين جي.
منهنجي مت مڃين!

●

اوچ: خسيسپائي، نيچپائي.

جانِ جِيارا، ساهَ سَهارًا، مائِي ڦُوهَ جَواني جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

هيلهَ آلا او، ٻيلهَ ونيو هَلُ، دُولهَ، هِي ديواني، جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

ڪاريون چوڙيون ڪارائيءَ ۾، ڳاڙهِي ڳل ۾ ڳاني، جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

ڪَلهَ ڪينجهر تي آج منجر تي، مارُن وڃ مهماني، جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

بادلُ بنجِي، ٻِٽ ٻِٽ بَرسِي، ساه سندُمَ سيلاني، جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

دِلداري "استاد بخاري"، نِينهنَ مُڪي نِيشاني، جاني!
بِيلي آهيان مان تنهنجي ٻانهي!

●

لالِي لاتي لاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽَ، دُولَهہ دؤرُ سدورو.

سوڍا، سوڍيُون سامَهُون، آڏو اوٽَ نہ آٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

واٽِين، ٻيٽِين، چيٽ تي، موتِي ورڇيا ماٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

مَهڪايُونسُون موسمُون، جَرڪائيسُون جاٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

نَيُون نَهرون روشنيون، گونجارا گَڙگاٽَ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

ليزَر شُعاعَ لڌا بَشَرَ، گهيري ۾ گهرَ گهاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

سو جِي سُونهن اُجهِيَ وڃي! ڪُرُو ڪاري ٻاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

اِيندا ويندا قافلا، وَهندِي رهندِي واٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ، دولهہ ...

"استادَ" آدَمَ آرَ جا، چوڌاري چَمڪاٽ،
اُوچا ڳاڙها ڳاٽ،
دولهہ دَور سدورو.

●

ڪُرو: ڌرتي، جهانُ.

اڱڻ آيم اُوءِ

○

اڱڻ آيم اُوءِ، جَن جي بُوءِ بَهار ٿِي،
سَرءَ لاٿِي سُوءِ، پهرِي ويسَ وَسنت جا.

○

آيم اوءِ آڱَڻَ، ووڙيم جيڪي واءَ ٿي،
نِڱي جَن کي جِندڙي، مُلڪان مُلڪ مَڱڻ،
منهنجو رُوح رڱڻ، پنهنجو پيارُ کڻي پُڳا.

○

اڱڻ آيم اڄ، صديون ساريَمِ سَهجَ جي،
اسان جي احساسَ جا واڄا، آجو وَڄُ!
رهندو هاڻي رَڄُ، لنگهڻَ ڪالهه لنگهي ويا.

○

اڱڻ آيم اُوءِ، مَڱيم جيڪي مُدتان،
سُنگهو منهنجي سَهج مان، خوشين جي خوشبوءِ!
جَرڪي هرڪا رُوءِ، مَرڪي سارو مارڪو.

○

اڱڻ آيم عِيدَ، آءٌ سڄوئي آجيان،
دَرَ ۾ جنهن لئه دِيدَ، ڀَر ۾ ڀيڙو سو پرين.

○

اڱڻ هڪڙي عِيدَ، آکئين عيدون آڻ ڳڻيُون،
دوستاڻِي دِيدَ، عيدون ئِي عيدُون ڏنيون.

سگهڻَ: فاقا، بکون.

o

اِيندَم اِيندَم پئي اُتَمِ، آنت اُهي آيا،
سَدورا، سَڦرا ٽيا، سَندم سَپ سَعيا،
سَڄڻن سَجايا، پورهيا، پيارَ ڪري وڌا.

o

جُوءِ تَکي جيڪي، اکين جي اوکاس مان،
سڄڻ سهڙيم سهي، آگَڻ اوجاڙ اِجهو!

o

جُوءَ تکي جَن لاءِ، ساهُ سِکي جَن کاڻِ،
اگَڻ آسَوَندن جي آلا، اُهي آڻ!
سوجهرو، سُرهاڻ، سُهٽيون جَن جون صُحبتون.

o

گهوري ڏي گُهربلُ، آيو، آءٌ گُهران تہ چا!
صدين جي سَهڪار سان پَلئہ پيو هي پَلُ،
پَر اُهو پَرجهَلُ، جو مون ڏيهين ڏوريو.

o

آخِر آيا اُوءِ، ساندَهَ، ساريا سِيمَ جي،
تَتي، ٽڏي، پئي تَکيو، جَن ڏي ساري جُوءِ،
رَهسِي راڄن رُوءِ، وَهسِي ڪاجَ وڌا ڪيا.

o

سَڄڻ چَندُ، چراغُ، چوپاسو چمڪي گهڻو،
دِل منهنجي جو داغُ، جانِيءَ جهولِيءَ جهَرڪندو.

وڪاس: دروازو، لنگهہ. رهسي: راضي ٿي. وهسي: خوش ٿي.

○

وريو اُتر واءُ، سياري سوريا سِيئڙا،
ٿڌن ٿوري ٿاڪَ تي آکيان توکي آءُ،
سرديون ڏينديون ساءُ، هونداسي هڪ هنڌ جي.

○

آيو ان پر اوچتو طالب گهر مطلوبُ،
آئيني ۾ چنڊُ يا محفل ۾ محبوبُ؟

○

سڄڻ سَڀُ سڀاڳُ، مِلي جو معلوم ٿيو،
ايندي آءٌ آڀاڳُ، ويندي ڀاڳ ڀَلا ڏسو!

○

سڄڻ سارو سُونهن، آڇايون آڇي پيو،
ديدون، دليون دُونهن، ايندي ٿو اُجرو ٿيان؟

○

آرپيَمِ ٿڌا ساهَ، اوريَم ڪي آنسُو،
مون چو: مِلياسُون، اِنهيءَ ريت ۽ ايترو.

○

هوڏان نان، ۽ هان؟ هيڏان آرداسون سوين،
دِل، آڌ گُونگي سان، ڦاسايو، ڦٽڪان پيو.

○

هوڏان ڌرتيءَ کوٽَ، هيڏان سُوالَ سوين اٿيا،
ماريو اهڙي موٽَ، جنهن جو ناهه جواب ڪو.

○

سَپني ۾ نِڪتا پرين، هيڏي هَڻي سَٽَ،
سوچُن ۾ مون پئي سُئِي ترين جي ترهَٽَ،
جاڳي پيا جهَٽ پَٽَ، سپني ۾ ساڀيان ڏسي.

هونداسي: (هاسڪار هونداسي، اُتر سنڌ جو لهجو رکيو ويو آهي، جو سردين جو سچو پچو مزو اتر سنڌ ڏي آهي، لاڙ جون سرديون به معتدل آهن.) نان ۽ هان: ناڪار ۽ هاڪار.
ترهٽ: هلڻ سبب پيرن جي ترين جو هلڪڙو آواز، آهٽ.

○

خوشبو هٽي ڪَٽِ، سَڄَڻ سُتا ها اُتي،
مَهڪِي مَسَهري هِتي، مون ڀانيون مون وَٽِ،
ويڙهيو هُيس واسَ ۾ گهڙي گهٽ ۾ گهَٽِ،
چُهٽِي چاهيَم چَٽِ، ساري رُت ڪُلي وئي.

○

ڪاوڙ جا لوڙها، هَر هَر هانءُ چڙهيا اچن،
تو ڳاڙيا ڳوڙها، لوڙها منجهه لُڙهِي ويا.

○

اوڙاپو آڙاهُ، مون پاران ڀڙڪيو پوي،
هُن جو ٿڌڙو ساهُ، هڪڙو ڳڙڪايو وڃي.

○

لُڪُون: هيرُون پرهَ جُون، ڪِڪُون: خَستوريون،
خواريون، مشهوريون، سرتيون، ساڻ پريَن مون.

○

دلبر تنهنجي ديد، مُشڪل ۾ موجُود ٿي،
عاشورن ۾ عيدَ، محبت تنهنجو معجزو!

○

ٿانڊا، مَهڪنِ گُلَ، چِڻنگون، چَمڪي ماڪَ،
خُوشيءَ ۾ ماپَنِ ڪُٿي، نہ ٿا ٿاٿا، ٿاڪَ،
هنڌي ماڳين ڌاڪَ، مُنهنجي، مُون گهر مُون پرين.

○

مسهري: پلنگ. چَٽ: چٽ چُم. ڪاوڙ جا لوڙها: ڪاوڙ جا هانءُ تي دورا، اورهٽ.
اوڙاپو: ڏوراپو، طعنو. ڪٿو: خانو، ڪجائي جو هڪ پاسو، ڪٿي نہ ماپڻ معنيٰ خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ.

وايون

سُونهن ڪَئي سَنسارَ، سَڄڻُ، سَچُ سَنبري آيو،
سَنبري آيو، نَهِي جُڙي آيو.

شوقَ وڏِي شڪرانا ڳايا،
سُونهَن لَڏِي سِڪَ سارَ سڄڻ ...

مِينهَن خوشيءَ جا نِينهن وَسايا،
ڪنوڻ ڪِلڻ ڪيڪارَ، سڄڻ ...

گهِٽيءَ گهِٽيءَ گوگاءَ ڳُلابي،
هَٽ هَٽ ٽِي هيڪارَ، سڄڻ ...

هَٽَ هَٽَ مَهڪِي ميندیءَ ٽاري،
لَب لَب لالَ تَنوارَ، سڄڻ ...

جَلوا، جَڏيا جُهومَن بيٺا،
نَظرَ نَظرَ نَچڪارَ، سڄڻ ...

مَهڪيا ڏِينهن، مَهينا، صديون،
ٿَهڪيا ٽاڪِي ٽارَ، سڄڻ ...

ماڪِي بينَ مُحبّت واري،
لَهرو لَهرو لارَ، سڄڻ ...

سِينگاري بازار برهہ جي،
واهہ وَڏيا واپارَ، سڄڻ ...
سچ سَنبري آيو، نَهِي جُڙي آيو.

●

اوري آءُ تہ توسان اوريان! هوريان هوريان.

تَنَ مَنَ تُون تُون، رڳ رڳ رُون رُون، سِڪَ جو سرندو پيو ٽو سوريان،
هوريان هوريان.

تارو تارو نينڙ نظارو، ساري راتِ سُمرٽي سوريان،
هوريان هوريان.

اکڙين کي آکاڙ بنائي، چوماسي جي موسم چوريان،
هوريان هوريان.

پيلهُنِ وانگر پاڻ پچايان، ڪِرڙن وانگي قُربُ ڪَکوريان،
هوريان هوريان.

سُونهن سَموند تہ عِشق صحارا، ڪنهن کي توري ڪنهن کي توريان،
هوريان هوريان.

سَوَ سِرَ ناهن يار، "بخاري"، هڪڙو آ، سو هر هر گهوريان،
هوريان هوريان.

سُمرٽي: مالها، تسبيح.

آج اِئين اِتفاقي،
ياڪِي ئي ياڪِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

ڄڻ ڪنهن نُورَ نِڪور کي، کيڪاريو خاڪِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

جيڏِي، مون نہ ڏِٺي اڳِي، هيڏِي حُسناڪِي!
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

آءٌ جا اُنَ جي گهير ۾، اُو جو آفاقِي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

پئِي ٿِي پياسَ پيارَيئين، سَمجهيُم ٿِي ساقي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

جيوتَ جهاڳَ اَجهاڳ، مان، رولو روهاڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

چالاڪِي چَڪچُور ٿي، باقي بيباڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

اديون ڙي "استاد" کي، ڀُونءِ وِڌي ڀاڪي،
اَئِي ڙي، مون سِين مُحبُ ملاقي!

ياڪي ئي ياڪي: اڪيلو ئي اڪيلو. روهاڪي (روهہ جي): جابلو سانگي پکي.

•

يارَ ڳنڍيا يارانا،
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

آيا ڏاها ڏينهن اڳُڻ تي، دَوَرَ وَيا ديوانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

موسمَ هَٽڙا ميندي، رَتڙا، ڳاڙها پاتا ڳانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

جو دَمُ جيئان پَل پَل پيئان، پڳ پڳ تي پيمانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

واءُ ورهايا گهر گهر مُنهنجي آسُنِ جا آفسانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

جوبَنَ جوبَن گڏجي جهُومَن، جَواڻ پَرن چو جانا؟
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

چَنگَ وَڳا چنجُورَ اُتي پيا، پينُون، ڏاتا، پانا.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

سِيم، سَپيتا، ساجَن سَمجهن، مُنهنجو مَطلبُ معنيٰ.
شوقَ ڪيا شُڪرانا.

وِيهين سَنَ جي باک "بخاري"، گُونجَ گلابي گانا.
شوق ڪيا شڪرانا.

•

نينڊيون: دعوتون. جانا پرڻ: هٿ ٻڌڻ، ٻانهون ٻڌڻ، نياز نوڙت وارا اشارا ڪرڻ.

ڪا جا ڳالهه ڳڻي

○

ڪا جا ڳالهه ڳڻي، سَڄڻ ماڻهو موڪليو،
مون وٽ مَرمَ مڻي، ڪهڙا ڪيئن ڪڻي وڃان.

○

ڪا جا ڳَڻَ ڳڻي، مُحبن مُڪي ڪانڍَ،
جهُومن هتي جهانجهرون، لُڇَن مون وٽ لانڍ،
ڍَڍَر سانڍي ڍَانڍ، ڪَنوَل سامهون ڪِيئن ٿيان؟

○

ڪا جا ڳالهه ڳڻي ڪري، قرب ڪرايَئه ڪوٺ!
تو ڳر شهر شُعاع ٿيا، مون ڳر ڳڻتيون ڳوٺ،
موتين چاهيا موٺَ، صدقي اهڙيءَ سَڌ تان!

○

سُونهارن سَڄڻن، ڪوٺايو ڪا جا ڳڻي،
تارا تارين، گُل گُلين، سوچيوسون سُونهَنِ،
وو هي وکريل وَنَ، سامهون ڪيئن سُهان ڀلا!

○

پريُنِ رکي پَنُ، ڪو جو ڪانڍيو موڪليو،
هِيئون بَرپٽ بَنُ، باغين، ڀينگ نِيان ڪِئين؟

○

هوڏان مامَ ميارَ، ڪاڻيارن کي ڪوٺجي،
هيڏان هورَ هزارَ، ڪهڙي ليکي موکجي!

ڪانڍَ: دعوت. ڍانڍَ: آڙاهه. موٺ: دال جو قسم.
وَن: وَرن، رنگ. ڪانڍيو: دعوت ڏيندڙ، ساڏو.

o

نازَ مُکو نوتو: آيو گُهرجين اوچتو،
پيار چيو پُهتو، آيو هان آواز ٿي.

o

سُونهن نسورو نازُ، چوڌاري چمڪار ٿيو،
آءٌ اُهو آوازُ، پاتاران، پولارَ جو.

o

اسان جي ڪنهن عيب جي، ڏنين ڪارَ خَبَرَ،
مُرڪِي محبوبن چيو: پَتو اٿئون، پَر،
اهائي تہ اسان ڏني خاصِي اُن ۾ خَرَ!
ياري اهڙي يَرَ، خامِيءَ کي خوبي ڪري.

o

اسان جي ڪنهن عيب جو پَيُس نيٺ پَتو،
نہ ڪِي چرڪيو، ڪُرڪيو، نہ ڪِي تيز تَتو،
سمجهيائين تہ سَتو، ڪوئِي ڪونهي مُلڪ ۾.

o

ڪنهن جا ڪالهہ ڪئي، منهنجي پَڇَرَ محب سين،
اکيون کوليئين اُن ڏي، ٻُوتي ڪَنَ ٻئي،
تَڪي، جڏهن ٽاٽريو، هٽِي، گَچُ گَئِي،
چُڪُس هيئن چئي: جيڪس جِيءَ جري پوئي!

o

اڄ سڃوئي ڏينهُن، جانِيءَ جُڃُ هلي پيو،
وسي پيَڙو وَڏ ڦڙو مٽان منهنجي مِينهُن،
نِرجو ڪٽي نينهن، نيئان ڪيئن نيند ري.

نوتو: نياپو. ڳئي هٽئ: يَخ هٽئ، جاڙي هٽئ. جُڃ: ڪاڃ جي ماني، وغيره.

o

هِتي تَندُ نہ تانَ، هُتي قِيلَ ڪمالَ جي،
پاڳل پريت پُڻي وئِي، سُرت، سَمَرَ، سامان،
ڪا ڪُجهہ سُجهي ڪانہ، جا سُڌِ ساڻ کڻي وڃان.

o

منهنجي مُنهن لِيڪا، پيشانِي جهيرون پرين!
پو بہ نہ ٿي ري پيار ڙي، سوچ سُجهي ٻي ڪا،
وک ٿڪِي ٺيڪ آ، تانگهہ تکي ٿيندِي وڃي.

o

ويٺو وڄرين جيئڙا، اڏري وٽن وڃ!
سِڪ، سڪڻ سان سونهندي، ڀول "بخاري" ڀڃ،
ميڙ اکين جي مڃ، جن جي جُوهَ اڳي اُتي.

o

ڪا جا ڳَڻ ڳڻي ڪيو، چاهہ اچڻ جو چاڳ،
اڀاڳي "استاد" جو، بره وڌايو ڀاڳُ،
سڄڻ سڀ سُهاڳ، ڏسڻ ساڻ ڏهاڳ ويو.

o

آسَ ڀڳو آرَسُ، سامهون سونهن اچي چُڪي،
ديد "بخاري" عيد ٿي، روح پرايو رَسُ،
پاسي ۾ پارس، سو مان سون لڳان نہ ڇو؟

o

اگهيو اگلڙو، سڄڻ پاڻ سڃاڻ ڪئي،
"استادَ" انگلڙو، محبوبن موکيو کڻي.

وڄرين: پڄرين، پڄين.

○

انهن جا احسان، وِسري ڪين وساريئون،
اندر جا "استاد" چئي، اوجاريئون ايوان،
سڄڻن جا سامان، سونهن، ڪٿوري، سوجهرا.

○

اڱڻ تي آيا، سڄڻ منهنجا سوجهرا،
انڌارا "استاد" چئي جَلوَن جرڪايا،
محبن مرڪايا، مَنهن ماڳ غريب جا.

○

وايون

سِڪَ ۾ ساڳيا ساڻ نہ سيلَ، تُون تبديل يا مان تبديل؟

تون مُنهنجي جَرَ جَرَ جو جاڻُو،
توکي ڪهڙا ڏيان تفصيل! تون تبديل يا مان تبديل!

مون کي تُنهنجي دِل تي گهرجي،
دِل ڏي دلبرَ، ڏي نہ دليل! تون تبديل يا مان تبديل!

شاهُ شهنشاهہ سو بہ گداگر،
ڪاڻي ڪيهر، ڪاڻي ڪِيل! تون تبديل يا مان تبديل!

مَحبت ڏاران ماڻهوڙَڙي جو،
نانءُ ننائون، ذاتِ ذليل، تون تبديل يا مان تبديل!

عِشق برابر بيماري، پر
اُنَ بِن آءٌ بِنهہ آڻ ڪيل، تون تبديل يا مان تبديل!

عِشق عقل جو بحث "بخاري"،
ڪوبہ ڪري چو ڪنهن جي اِيل! تون تبديل يا مان تبديل!

●

جَر جَر: آب، آڪ. اڻ ڪِيل: بيمار، ناچگو، اڪهو. اِيل ڪرڻ: آئي مڃڻ، هار مڃڻ.

•

پـيل ڪرين يا يال! دِل جا حال اِهي ٿئي!

توکي چاهيم تنهنجي مَرضي،
قُرب مُنجين يا ڪال! دِل جا حال اِهي ٿئي!

چال ڏئي چڪتاڻ وتي مون،
جهُومَ ڏئي جنجال، دِل جا حال اِهي ٿئي!

تنهنجي سرخيءَ ميندي جهڙيون،
لاتُون منهنجون لالَ، دِل جا حال اِهي ٿئي!

سُونهن سَوار ۽ پيار آ پيادو،
چاهت شطرنج چالَ، دِل جا حال اِهي ٿئي!

هِڪ سِڪ آتي، بي سِڪ لاتي،
سِڪندي ماٹيم سالَ، دِل جا حال اِهي ٿئي!

هُوڪَ سياڻي تائين هوندي،
ڪُوڪ ڪيَم جا ڪالَ، دِل جا حال اِهي ٿئي!

ساييان، سَپنا کوڙ "بخاري"،
ميڙيَم ملڪيت مالَ، دِل جا حال اِهي ٿئي!

•

طعنا، تِيرَ، تُكيون، مون ڏي يار مُكيون،
اوكيون سوكيون سوكڙيون.

سوچُون ساري رات پئي، ديولئي ڏانهن ڏُكيون.

پنهنجي دل جي درد جون، پُوجهُون سمجهه پُكيون.

ڪاتيَر چار گهڙيون ڪڙيون، چاڙهيم چار چُكيون.

باهُن ۾ به اچي بَچن، سائين منجهه سُكيون.

يُتيون يتيون پولَ جون، تاڪي نيٺ ٽُكيون!

سارو ساهَسُ ڏئي ونُون! آڇُون مَوجُون اُكيون.

قائم قومُون ڪيتريون، ڏهندي، پو به ڏُكيون.

"استاد" آندازي اڳيان، جوتُون ڪين جهُكيون.

●

مون ۾ مَچُ مَچن،
آچن يا نہ آچن! آءٌ تَنِي ڏي تاڻيان!

تاڻي پيرَ پُچو ٻہ چو؟ جاڻي پَنڌَ پَچن،
اچن يا نہ اچن! آءٌ ...

چوڏهن سال چَٽيون پيون، ورچيا ڪينَ وَچَن،
اچن يا نہ اچن! آءٌ ...

هِيءَ تان هِڪڙي ناهہ ڙي! ڏولِيا ڏيهَ ڏَچَن،
اچن يا نہ اچن! آءٌ ...

ساجَن سَنگَ سگهو ڪري، رُچيون رَنگ رَچن!
اچن يا نہ اچن! آءٌ ...

باتيُون باقي يُونءِ تي، بوتا ڪِينَ بَچن!
اچن يا نہ اچن! آءٌ ...

"استاد"، آسَ اُميد تي، نِيت، نِرهَہ نَچن،
اچن يا نہ لچن! آءٌ ...

●

رُچيون: جبلتون، فطري خواهشون.

كامن پلي كر

○

دوستي دعويٰ، كافي ناهي قرب ۾،
سڪ "بخاري" سائيان پير مچين پايا،
سِر ستون، سعيا، سائي، گهرجن سوپ لئہ.

○

پاراپا آيا، 'پُهچو پوءِ پريتڙ'،
رقيبن راهون رندبون، كِل، كندا، كايا،
پهتا جَر - جايا، ساجارا ٿيا سرخرو.

○

كِندڙيا كپُر كَر، 'مُنهن كاري' مُنهن مير ٿي،
اڏري هلجي هوت ڏي پيار بنائي پَر،
جاڻُو بتجي جَر، ساڙيندا ساڙُو هلو!

○

سوچيو سَچ سجڻ مون، مچريا ككَر كَر،
اڏري ڏنگ هڻڻ لڳا پائي ٽَرڙا پَر،
"بخاري" پُلكَر، اُڏاري آڏو. چڏي.

○

ظاهر توكي كَر، پاسن بَحرَ علم جا،
دقيانوسي دِل اندر، دُبا ٽٽي دلبر!
چيڀي هاڻي جَر، بهران بهكائِي اٽن.

پاراپا: ٽپا، سنيها. ساجارا: واقفكار، دوست. ساڙو: ساڙيندڙ.
چيڀي هاڻي: ككي، بدبودار.

○

پريل پاڻ، پڙاس سان كوكا، كاٽا كَر،
"بخاري" پيلا چڏي، پَلڙو ڪڻ بهتر،
دقيانوسي دَر، ڪوبہ تڪيندو ڪيترو؟

○

سڪٽا ڪَڪر كَر، ڪڙڪن، وسن ڪين ڪي،
اسان جا "استاد" چئي جهجها پنهنجا جَر،
آوارا آدر، ڪبا ناهن قرب ۾.

○

مُنهن ڪارو موڏي مري، تَر ۾ جِجَ نہ جاءِ،
پٽائي بابي چئيو، "ڪر ڪي ڪَپر ڪاءِ"،
ڏنگ چتي ڪي ڏاءِ، گندي گِگَ گهُٽي چگي.

○

"الا، كَر جيَنِ، مدي جن جي من ۾"،
"بخاري" هن پُونءِ تي آجا اوج اچن!
سڃڻ، سيڻ وهانوَ ڪنِ، هر ڪنهن هانوَ ٿرن،
ڏسن ڏيهَہ مبارڪون، ڏَمّر، دهل وڄن،
"تِهان پوءِ مرن، سڙي، انهيءَ سور ۾."

○

ڪامن پلي كَر، نئون نِينهن نِڪاريون!
نئون دور نيون دليون، نئين ناز نظر،
ايرادو "استاد" جو بهتر ڪان بهتر،
حسن، هيج، هنر، آجُون موجُون محبتون.

○

پاڻ: غرور، تڪبر. پڙاس: ساڙ، ڪينو. جِج: ڪِك، مچلو، مصيبت.

دلبر جو دربان

○

دِلبرَ جو دربانُ يا دوزخ داروغو؟
چيتي جو چوغو، ڪُلّو ڪاريهَرُ مٿان.

○

دلبرَ جا دربانَ يا دوزخَ جا دربانَ؟
ڪارا تارا ڪانَ، ڳاڙها دوڏا ڄڀيون.

○

ديدون ٿَئِي دربانَ يا دوناليون گوليون؟
ٻوڙيون ڀتيون ٻاهران، ٻاجهُون ڇا ٻوليون؟
ڳٿا پيا ڳوليُون، پهچُون ڪاٿان پيارَ ڏي.

○

دلبرَ جا دربانَ، مَڃُ مِنٿون ۽ ميڙُون،
ڇَڏِ اوڇون ڇيڙون، تو ڇو چاهَہ ڳليون جهَيلون!

○

دلبرَ جا دربانَ، مان تُنهنجا پيرَ چُمان!
گهيرو ڇَڏِ گهُمان، آجو باغ عجيبَ جو!

○

دلبرَ جا دربانَ، ٿو ٻانهون آءٌ ٻَڌان،
واهُون ڏي تہ وڌان، اڳتان درسن دوس جو.

○

نِرڄا نگهبان! سَمجهين پو بہ مُڙين نہ ٿو!
هُتان وڇّ وراڪڙا، هِتان تِک طوفان،
ڪِيئن ٿا تيرَ ڪمانَ، روڪِنُ ڪِرڻا عشق جا.

اوڇون ڇيڙون: ڪميڻپايون، خسيس ڳالهيون. نِرڄا: پَڪا، بي نڪا.

○

چريا چوڪيدارَ، چاهتَ تي چَونڪِي رکين!
پَهري مان پکڙيو وڃي حُسن جي هُٻڪار،
چيريو نِڪرن چوڪسي، اُهاءَ آهِن آر،
تو واري تلوارَ، روڪيندِي چا روشني!

○

تُنهنجا نَوان طورَ، نِگهبانَ نِڪورَ جي!
سِر سُوڏو مان گهورَ، جي تون جانيءَ گهٽگهرو.

○

چوڪيدارَ، چَمن ۾، گُلن چنٽا گورَ؟
سُجهن سَجڻ سِيم ۾، بَگهڙ، سيڙهون، سورَ،
مارن ڪونجون، مورَ، هِيسن روجهُون، هرٽيون.

○

: چوڪسي: نظرداري، سنيال. گورَ: آجا، آزاد، چڙواڪ.

هٿ ۾ ڏيئي هٿ

○

ويجهو ٿِيءُ وَٺانءِ، سُورَ ورهائِي سانورا!
مَهٽي مايُوسيون مِٺا، آسُنِ ساڻ اُگهانءِ،
اوتِي ڏاتِ ڏيانءِ، جِيڪا مُنهنجِي جوتِ ۾.

○

اوري آءُ اُگهانءِ، آنسُو، آسَ مِٺيءَ سان!
سڏڪا سُرهِي ساهَ مان، پَلٽِي سَڀُ پيانءِ،
سورِي سُورَ ڪڍانءِ، جانِي جيءَ جُٺِي منجهان.

○

اوري آءُ اڃان، وٿِي ٿي ويري ٿئي!
سوڙهِي تنهنجي سَڱَ سان ڀيلا اڱَ ڀڃان،
وڇڙي ڪين وڃان، توڙِي موتُ مڃان کڻي.

○

هَٿ ۾ ڏيئي هَٿُ، ويتر ويجهو ويهُ،
مَنهُن "مَن - مراد" جو، پريَم تنهن ۾ پيهُ،
تنهنجي منهنجي تانگهه جو ساڳيوئي ساڻيهه،
ڏوريون گڏجي ڏيهُ، سَنگت، ساٿ سگهو ڪري!

○

هَٿ ۾ ڏيئي هَٿُ، ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍُ!
وَهيو ويري وقت ڏئي وَڍن مٿان وَڍُ،
ڪَرٽ مٿي مان ڪَڍُ، واهَر ڪَر، ويجهو اچي!

آسُن: اميدن، آسرن.

o

هتَ ۾ ڏيندي هتُ، جرئت يار جهجهي ٿئي،
ڦيٽو ڦيٽي سان جُڙي، ٻوڙي جيوت رَتُ،
وِٿي آ وٿرٽ، وصل، وت وڏي پرين!

o

هت ۾ ڏيئي هتُ، محبت مرڪايو!
جرڪي جيڪو جندڙو، ويتر جرڪايو،
پال نہ پرڪايو، جيتر جان جهان ۾.

o

هت ڏي سيري هت، سچي سِڪ ڏي سِرُ!
اکين اکين کان رکيو ناهہ "بخاري" اِرُ،
تو لئہ وٽي تِرُ، مون لئہ موت مفاصلو.

o

هت ۾ پيڙي هَتُ، محبت ڪر مضبوط،
مومل جي ميلاپ سان راڻو ٿئي رجپُوت،
وهم وڏيرو پُوت، پر ۾ ويهہ پڄي وڃي.

o

هَت ۾ پَڻي هت، پرين حال پُڇيا،
ڏارَ "بخاري" ڏک جا هڪڙي ميڇ مُڇيا،
توڙي ڪين ڪُڇيا، آڇي ٻاڇَ وڏي ويا.

o

هت ۾ سوگهو هت، اچا اڳتي اُنُ،
ٻيڙو، ٽيڙو ٻُرُ، جهيڙو جهَت جهُريو وڃي.

وٿرٽ: بي مطلب، اجائي. پڻي: ڪنديءِ ملائي. ٻاڇَ: مرضي، خواهش.

o

هٽ ۾ ارڏو هٽُ، جُنگ "بخاري" جوڙ،
پئجي ويو پرمار ۾ ڏاڍو ڏنگو ڏوڙ،
ماٺهو لوهَ - مروڙ، موڙي سگهندو مامرا.

o

هٽ ۾ همدم هٽ، سمجهيم سگهه، سَمڪ،
چار ئي پار چَمڪ، نِکري نينهن نکوربجي.

o

هٽ ۾ سُونهون هٽ، هاڻي هلندو هَلُ!
ٻانهون ٻانهُن سان مليون ٻيڙ "بخاري" ٻَل!
جانِي گڏجي جَلُ، جيون - جوت جهجهي ٽئي!

o

هٽَن چميا هٽ، اولانبيون ٽيون آگريون،
کنهن کي کهڙي ڪٽ، رڳين آگ لڳي چُڪي.

o

هٽ ۾ تامي هٽ، اُدَم، عَزم وڏاءِ،
اسان سنان "استاد" چئي اُونهون عشق ڪماءِ!
نشانبر نياءِ، دلبر، دل جي ديس سان.

o

هٽ ۾ همّت هٽ، جوپ ڪريون جُرئت،
پٽون ٽي "استاد" پيا، پيار اڳيان پربت،
محبت ۽ محنت، موڪيندي سپ مامرا.

○

هٽن سان گڏ هانوَ، مَلهنِ پوءِ مهانتا،
آزاديون استاد جي ڏورِن ڏاتيون، ڏانوَ،
هي جي نُوري نانوَ، سي سپ سات سهائتا.

○

هٽن سان گڏ هيجُ، رُجون ڪجن ريجَ،
ڏِجن ڏيهَنِ ڏيجَ، موجون، ڪيجَ، مبارڪون.

○

دلبر، ديد ۽ دِل، شامل شوقَ، شعور سان،
آگاهيون "استاد" چئي، ساگر ڪان ساخِل،
منزل تي منزل، سِڪڻ سانده سرسلا.

○

مهانتا: عظمت، وڏائي. ڪيجَ: خوشيون.

وايون

نِينهَن نَئين كي هَتَ ۾ هَتَ ڏي، سوچج سُونهن سُجاڻ!

هاري تُنهنجي لالَ ڳَلن تي، هيڏِي ڪَنهن هيڏاڻ؟
سوچج سونهن سجاڻ!

بُرڪي مُڪڙي مُڪڙيءَ تي چو؟ واءَ وَري پيلاڻ،
سوچج سونهن سجاڻ!

سوگهِي ڪيئن ٿِي هيسَ هوا جِي، سَنگهر ۾ سُرهاڻ؟
سوچج سونهن سجاڻ!

اِيندي پَر ڪنهن عِشق پڪي سان، ڳل ڳل تي ڳاڙهاڻ،
سوچج سونهن سجاڻ!

هَتُ هَتَ ۾ "استاد بخاري!" سَيُ ڪُجهه ساڻيءَ سان،
سوچج سونهن سجاڻ!

●

•

اک اک سان اورينِ، جانِي، آءٌ اُنهن جي ٻانهي!
آءٌ انهن جي ٻانهي!

آهن ڪي جي تفريحن سان، تڪليفون تورين! جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

هو جي ڪاري رات ڪِنيءَ جي، ڪارنهن پيا ڪورين، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

راتو رات تَلاشون تاتِي، ڏِينهن ڏِٺِي ڏورين، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

اَهنجايُن جي دُڪَ مان ڌاڳا، سَهنجايُو ن سورينِ ، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

ڀيلا، توڙي ڀيمَ، تڏهن بي، ڀينڊ ڪري ڀورينِ، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

ٽاڻِي ساڻ ٽُرڻ جي بدران، ٽاڻِي کي ٽورينِ، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

آسُنِ واسيُون هِيرون، ڌِيرون، چوڌاري چورينِ، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

جيءُ جيئنِ "اُستاد" اُهِي جِي! جهوراڻا جهورين، جاني،
آءٌ انهن جي ٻانهي!

•

دُڪ: سئي جو پاهو، پاکڙو. ڌِيرون: دلاسا، دلداريون.

•

لفظن کي ڇڏ لالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

مُنهن کان مَن جي مرضيءَ تائين،
کولي خولَ، خيالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

عشق ڪَيَئه اِحسانَ يڪا يا،
ڀانئين ٿو بَنبال، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

ڪالهه ڪَهي ويو، ڏُور سڀاڻي،
فِڪر ڪري في الحال، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

سونُ سُٺو پَر سيڻن سان گڏ،
محبت مالا مالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

وينجهارن جي جيءُ ۾ جَلسا،
پندا پيارَ پندالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

پَدَ ۾ پُستڪ اوتڻ وارا،
پَل ۾ پالِن سالَ، ڀلو ٿئي،
ڳالهه کُلي ڪر دل جي!

پَد: هڪڙي اکر وارو آواز، رڪن، تنڍڙو حصو. پُستڪ: وڏو ڪتاب.

اُن کان اڳ جو ڇارَ، ڇَبرَ ٿين!
چمڪائي وٺ ڇال، ٻلو ٿئي،
ڳالهه ڪُلي ڪر دل جي!

اُن کان اڳ جو ٻاڻ، پٽر ٿين!
پُورَل ڪر ڪي ٻالَ، ٻلو ٿئي،
ڳالهه ڪُلي ڪر دل جي!

پنهنجا پيارَ سَٽيار "بخاري"!
پَٽر جا ٻاپ نه ٻال، ٻلو ٿئي،
ڳالهه ڪُلي ڪر دل جي!

•

•

ليكَنِ مَنجهہ لِكين،
سو تون كيئن نہ سِكين، مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

جَنم جَنم ۾ جِت كٽ پٽكين،
ٽاڪي وَٽ نہ ٽِكين! سو تون كيئن نہ سِكين؟
مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

نَرگ سَرگ جي ناسُورن ۾،
چار ئِي پَهر چكين! سو تون كيئن نہ سِكين؟
مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

سُهڻيون، سونيون تنهنجي تَر ۾،
ڏَكليُنِ لاءِ ڏِكين! سو تون كيئن نہ سِكين؟
مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

سيكي ساڻيان هوندي دل كي،
دوكي ڏانهن ڏِكين! سو تون كيئن نہ سِكين؟
مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

گُوندر ۾ غلطانَ "بخاري"،
چَن چَن ڏي نہ چكين! سو تون كيئن نہ سِكين؟
مون چو: ماڻ ميان، هي جو هاڻ ميان!

•

ليكن: تقديرن، لكڻ. ڏكليُن: لكلن، ڳجهين.

موكي متارا

سري ري نہ سري

○

اَمرت، اَمرس، سومَ رس، هڙني اِهو هنڌ،
جُونگي، جاني، جندڙي، سڀني جو سوگنڌ،
ڪَلا، ڪوتا، ڪنڌ، سِڪن سونهن سَرو مَلي.

○

هيڏانهن مرڪي مُنڌ، هيڏان مَهڪي مَڌُ،
تڪي طرف ٻَئي ٿئي اندر اڌواڌ،
اُٿِج، اڳتي وڌ، پائج پيچ پريتڻو!

○

ڪالهوڪو ڪَڪوهُ، اڄوڪا ڏوڪي چُڪا،
اڄوڪو اِنبوهُ، سُڀاڻو سوچيو وجهي.

○

سانوڻ برسي ڇَر ڪري، پارا پلٽي پوهُ،
مُند نہ مٽي موهُ، مُدي تي ملهبي هلي.

○

سَرو، سُر ۽ سِرُ، واءُ سَري ۾ وترو،
ڌڙ، سِسيءَ سوڌو ڏجئين، تو جي مِلي تِرُ!
ساميءَ تائين سِرُ، ميخاني ڏي مُنهن ڪري!

○

سَرو توڙي سُرُ، سُونهَنِ ٻَئي ساهَہ سين،
جيئڻ ڪارڻ جهُر، مرڻ پوءِ مُنهانئتو.

اَمرت: آب حيات، اَجامر. اَمرس: انب جو رس. سومَ رس: جيڪا آريا استعمال ڪندا هئا.
ڪلا: فن، هنر. ڪوتا: شاعري. سرو: شراب، مڌ.

○

سَري سان گڏ سُر، سنڌو، سرسوتي ڪٺي،
جيڏي، جامُ اچي مڃي، پيئي، جيئي اُرُ،
ٻنهي وچ ۾ ٻُر، جهِرڻي ۾ جيئن ترورا.

○

سَرو آڇي سُر، پو ڇا گهُرجي پيار کي؟
وکين، اکئين ونگجين، سِڪڻ سان ئي سُر،
پيئڻ ڪارڻ پُر، جهوري اُڃَ جيئڻ جي.

○

سرو توڙي سُر، سَهج ٻنهي ۾ سونهن جو،
ويڙهج وڌِ وجود کي عجيباڻو اُرُ،
تانگهُنِ سوڌو تُر، پئجي نيڻ - پُڙن ۾.

○

ساقي ڄاڻي سُرُ، ڳالهه ڳڻائي ڳت جي،
گهُوري گهُرج نه سمجهي، گهُرجي پو به نه گهُر،
ڪوجهو ڪج نه ڪُر، ڀلي اُڃ ڀَرم جي!

○

جهَلي هَٿِ جَمنُ، اٿيو خيال خام ڏي،
"ڪانئر جي تون ڪوپري؟ يا ڪو گهوٽ گهَمَنُ؟"
"يا تو ۾ ڪو طائفو؟ يا طرحدار تُمنُ؟"
"يا تون ڪنهن جو مَنُ؟" يا تون رهزن راڄ جو؟"

سرسوتي: نديءَ جو نالو، راڳ ۽ فن جي ديوي. گهمَن: بهادر، پهلوان.
طائفو: فنڪارن جو ٽولو، ناچو ٽولي. تُمن: وڏو سردار، اِنبوهه.

○

سوڻي، نوري، بُوبنا، مان سهڻي، سبسئي،
پيدي بنجي اوچتي پُٽڪي پئي پيُئي،
سرلي سُرت سُئي، گهري پريت چُمي گهڻي.

○

يَلي اُڄ يَرم جي، شال نہ مري شانُ،
پني، مَنگي پيئجي، ڪچيءَ ڪُهجي بانُ،
پنهنجو جام جوانُ، پاٿهي چو نہ چني ونيا

○

سَرو ٿئي سونهن يا ٿئي سونهن سرو،
پيئان پوئين پَل ٿئين، تَڪي تِڪ ترو،
هجان هِڪ ڪرو، سدا ويجهو سونهن جي.

○

مُرڪ، مِهر، ماڻو، ملائي ڏي مَنڊ مِرا
ديدن سان دُهرو هجي دِل وارو داڻو،
ساغر سان سَنيري وجي، جيءُ جُڙو ساڻو،
نينهن، نظر، ناڻو، سِر سوڏو صدقي ڪريان.

○

چِڪڻ سان ئي چوتَ، چُرڪ لڳائي چاڪ ڪي،
رگ رگ سُور، سُرور جي لڳي لوت ۽ پوتَ،
بُڌاسون برڙوٽ، رَڙي رنج ڀجي ويا.

سوڻي: سوليتي. بوبنا: جراڙ جي يار. پيئي: ڪهڪي (پاڻيءَ جي).
بانُ: ڪانُ، تيرُ. چُرڪ: سُرڪي. چاڪ: زخم، ڦٽ.

○

پيتي ري پرڪڻ، ماڻهو اوڪو مامرو،
پيالي تي پيالو هلي، جوش لڳي ڇهُولڻ،
چاهه سچو چُوڻ، پاڻهي گَوڪَ پياڪ جو.

○

پيئندي پَٽ ۾ ٽي، چاهت چُوٽئين اوچتو،
پنهنجي گهِري پيار جو وينو پوتَ پَٽي،
سوچي، ڳالهه ڪري، لُڇي، سٽَ هانءُ سَٽي،
هر هر هٽ وٽي، وِسڪي، چَپ چَٽي وجهي.

○

سَري ريءَ نہ سَري، ساقيءَ ريءَ سري وڃي،
تاسارو تڙپان، دِڪان دَدر ڏاند ٻري،
پرينءَ پنڌ پري، پيئان، مانَ پُڄي پَسان!

○

سهڻا سورج ڏڄ، سانجهيءَ ڪي سورج ڪٽي!
پياري پوءِ پسج، جوت ئي جوت جهان ۾.

○

سوچي سوچي چُر، سُوري سيج، سَري ڏي،
دُهرو روپ دَهر جو، سانجهي ۽ ساجهُر،
ٻنهي پاسي ٻُر، سِجُ سريکا سوجهرا!

چُوٽڻ: پنهنجو راز پاڻ کولڻ، باسڻ. گوڪ: پُور، زنجڪ. پَٽ: پيالا، جام.
پوتَ: پستڪ، وڏا ڪتاب. سٽر هانءُ سٽي: سٽر ۽ سيني تي هٿ هڻي.
دُهرو: ٻتو. دَهر جو: زماني جو.

○

موکي، نيٺ مَرون، ڪنڌ لڪايون ڪيترو!
پيئون جِيئون گورُ ٿي، پنهنجي چاهَہ چَرون،
ڪهڙي ڏوهَہ ڏرون؟ پينگهون، جهُوٽا پانهنجا.

○

”پهرين جيوت جوت ڏي، جهجهڙ ٿي پوجهُر.“
گونگي شمع گُر، ٻَرندي، ٻوليندي وڃي.

○

تنهن کان اڳ جو ڀاڻ ٿي، ساٿي پاڻ ڀُرون،
اوتي جام جمن ڏي، چاڙهيون چاهہ چُرون،
ٻهڪون ٻيلهہ ٻُرون، ڳايون، رانئيون روح کي.

○

تنهن کان اڳ جو روڳجي، ڳڱجي نيٺ ڳَرون،
اچُ، مچايون چاهہ کي، ٻاري پوءِ ٺرون!
ٽاڪي ڌُنڌ ٽرون، تان ڪِي جوت جئي پئي.

○

گورُ: آجو، آزاد. رانئيون: رڳيون.

وايون

نوان نوان سوٿهن نظارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

مستي مُند ملهار ۾،
موڪي، مَنڊ، متارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

ساگر، اوٽ صراحيون!
صحرا ساهَ اُجارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

پيئڻ، کائڻ پَهريان،
پاڇي پوءِ پسارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

دنيا دوڊ، دغا ته بِي،
دنيا ڏيک ڏُلارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

جيوَن، جاني جُوءِ ۾،
آڇي ڪونہ اُڏارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

محفل ماري مَنڊ ڪرِ!
قاتل زهر ڪسارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

دُنيا، ديس ۽ - ٻولڙيا،
بَڊي، سمجهَ ٻتارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

"استاد" آهن ديد ۾،
اُو جي دَور اُجارا، نوان نوان نينهن اسان جا.

●

پسارا: واڌارا، نظارا، مشاهدا. ڏُلارا: پيارا، لاڏلا. ۽ - ٻولڙيا: ۽ ڳالجي ڳالهڙ وارا.

●

جيوَنَ ناهہ جوابُ، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

هيءَ مَئي مستي، هيءَ لئي لستي،
جوين راڳ رباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

شوق شفق ٿي چُلڪيو ڳل تي،
شيشي منجهہ شراب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

پاڻيءَ پاسو، تڙپي تاسو،
هئہ هئہ هيءُ حجاب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

غوطا کاوان، تاريون پايان،
سمجهان ڪيئن سُراب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

ڪاهڪشائون، تڙڪا، چانئون،
سيڪجهہ قرب ڪتاب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

جيئن جرڪائي، تيئن جرڪائي،
شعلو آهہ شباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

چمڪيس چوليون، جهوميس لهرون،
ها، مان هوس حُباب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

بي حد عشق "بخاري" آهي،
ناهي حُسنَ حساب، او جاني! هُوندو، هيج هجي جي!

●

هوندو: دولت، ملكيت. هيج: شوق، چاهت، محبت. سُراب: رَڄ. شباب: جوبن، حساب: پاڻيءَ جو ڦوٽو، بوڑيو.

•

تاساري ساري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

تَتل ريتِ،اُٺل برساتون، تاس پَلر پياري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

ساگرُ، بادَل ۾ پيو گَرجي، پايَل پَٽهاري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

او مَٺهيارا تو لئہ ماندي! ڪائي مٺهياري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

منهنجي پريت پگهاري تُنهنجي، ڪاوَڙ ڪوٺاري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

باهہ، ڀلي چَئو اَئِي ڙي اديون! بِرهہ نہ بيماري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

سِنڌُو سَرتِي، سانگهَ جيڏِي، ساگر سين ياري،
آءٌ اُڃاري ٿَرَ جي واري.

اديون ڙي "استاد بخاري"، ٻاري دِل ٺاري.

•

ڪوٺاري: سون، چاندي پگهارڻ لاءِ سونارن جو برتن. سانگاهہ: ٿر ۾، ننگرپارڪر پاسي ڍنڍ.
جيڏي: سهيلي.

●

موڪيون، ميخانا، جيئن پو تِيئن توانا،
موڪيون ميخانا.

تاڙيخاني تي تڳن، دانا ديوانا،
موڪيون ميخانا.

فرزانا فِڪري پيئن، مِرگهي مستانا،
موڪيون ميخانا.

پَنَ - چَٽِي پَرويز ۾، گُلبُو ئي گانا،
موڪيون ميخانا.

ميرانجهي موسُومَ ۾، ڳاڙهانجا ڳانا،
موڪيون ميخانا.

چاهتَ، چنگ، چَنجُورَ سان، پينون ۽ پانا،
موڪيون ميخانا.

اوتايو اِنصاف سان، پُورا پيمانا،
موڪيون ميخانا.

اديون ڏي "اُستاد" جا، اُجرا افسانا.

●

موڪيون: موڪيءَ جو جمع. موڪيون ميخانا: ميخانا ڪامياب ڪريون، ميخانا ملهايون.
تاڙيخاني: ميخاني. فرزانا: ڏاها، سياڻا. مِرگهي: چريائي، بيماري.
پَرويز: رسر، ريت، دستور.

موڪي تنهنجي منڊ ۾

○

موڪي تنهنجي مَنڊ ۾، جنم جنم جا جَلّ،
صدين جي سوداء کي پلٽي ڏي ڪي پَل،
چوڇي ڇڏج ڇَل، ويلو هٽڙان ويندڙو.

○

ڏينهان ڏينهوڪي پيان، راتيان راتوڪي،
تڙڪو تنهنجي تات تي، ڇاهت چاندوڪي،
ريتِ نہ مون روڪي، ساقي، پريت پيئڻ جي.

○

موڪي، تنهنجي مُک ۾ شمع، شَبُو ٻَئي،
پتنگ ٿيان، پوپٽ ٿيان، ڇِڏو ڏيج ڇئي؟
ڏُوٽي ڏات ڏئي، ٻيٽو ٻهڪايو ڇڏين.

○

شمع تنهنجو شَمُ، گهاٽي دونهين گهيريو،
اکيون تنهنجو آلڻيون، شَبوء تي شبنم،
گهُسي آيو غم، خوشيءَ هاڻي ڪيج ۾.

○

موڪي تون ميخوار، متارو ميخوارُ،
اڳئي عشق الهوٽ پيو مٽان سونهن -خُمارُ،
جهومي اڄ جهان جو ڪُل ئي ڪاروبار،
'ساغر ۾ سنسار'، ڇوڻ چارو ناهہ ٻيو.

چوڇي: سست، ڪاهل. ڇَل: دولاب، دغا، ٺخرا. شَبُو: گل جو قسر. ڏُوٽي: ٻيٽي.

○

عقل ۾ اڌ هوش ۽ عشق ۾ وڌ هوش،
شمع، شيشا، جامَ ڪن ڪيڪارون خاموش،
جوانن جو جوش، مِڙي ميخاني گهِڙيو.

○

چوڪيءَ کان چوڪي، موڪي، مون کي ڏيج تون!
ڪالهوڪي ڏوڪي چُڪس، اوتج اڄوڪي،
چُلون چانڊوڪي، مِلائي مُرڪي ڏجئين.

○

ميلاپي ماڻو، ملائي ڏي مَنڌ ۾!
گهڙيءَ لئہ گم ٿي وڃي ٽاڻو ۽ ٿاڻو،
هُڳائن هاڻو، سياڻي سوڌو وتان.

○

سوچُن ۾ سپنو جيئن پيالي ۾ پُونم،
موکي مرڪي مُهُت ڏي، غار ڪريون اڄ غَم!
جامَ اندر ڪو جَمُ، سا ڪا سُرت نہ ساهہ کي.

○

ڪامَڻ، کڻي ڪَرُ، گهُوگهي، گهُر نہ هر هر!
انگورن انگي مُغي، سَري جو تون سَرُ،
اوتج اُجامَرُ، اِتان ئي ٿي اورتي.

○

ٽمڪن ٽانڊاڻا، گهچلي گهاٽِيءَ ٻاٽ ۾،
ٿُلڪن ڪاري نِير تي دَنگين جا داڻا،
هيڏي هول، هراس ۾، هُن جا هاواڻا،
موکي، ڇڏ ماڻا، "ڏٺو ويندو" ڏي پيان!

پونم: چوڏهينءَ جو چنڊ. غار ڪريون: گم ڪريون، غم غلط ڪريون. جمُ: موت، اجل.
ڪامڻ: سهڻي ناري. مُغي: نوجوان ساقي (ڇوڪري). اجامر: آب حيات.

○

ڇوليون ٿيون ڇُلڪن، ڇُهندي توکي ڇرڪڻي،
ساغر ساگر، ٿهڪڙا، کوليو سِڙهه ٿُلڪن،
اولاڪن، اُلڪن، ٻيڙا ڏُور ٻڌي ڇڏيا.

○

هُن پَر تنهنجون آگريون، هِن پاسي منهنجون،
ساغر، ساگر ٿي چُڪو اوقيانوس وِچئون،
اٿئون لِيڪ اڳيون، سمجهِي سِير، سڪون پيا.

○

هڪڙي هنڌ هجون، وچ ۾ پَنڌ وهم جا،
سهسين ڪوهه پري سُجهون، ڇرڪيو انگ ڇُهون،
ٻيئي ٻار ٻُڌون، سمجهون پاڻ سُڪيءَ اڃا.

○

هي جي هورَ، حيا، سکڻا سنسا سامهان،
وکري وَهم ويا، پيتي جام پريت جي.

○

اڀريا انگ امنگ جا، نِکريا ڏانوَ، ڏَيا،
ڪيڏا قرب ڪيا، مون سان ميخاني ميان!

○

هي جو هو به حجابُ، اوتيو آبُ، اُٿي ويو،
شَڪي شِيڪو دُور ٿيو، بچيو شوق، شباب،
ساقي، منهنجو خواب، سُرڪيندي ساڀيان ٿيو.

اوقيانوس: سنڌلانڪ وڏو سمنڊ. ٻار: تار پاڻي، آواهاڳ پاڻي.
شيڪو: حقارت، حذر، حجاب.

○

رڳون برف، رجاءِ، ڳيتي شعلا شوق جا!
ڳاڙها لِڳَ ڳڳاٽيا، مَڳر مَچَ مچاءِ،
مُون تو: وَڄُ، وڄاءِ! هٿان وَجهُ وهيو وڃي.

○

ڪوسو پيارُ پيار، ساقي، سِيءَ رُهِيءَ ۾!
چوڪس چونڪي چاهه تي، کٽڪو خوف سمهار،
جوڌو جوش اڀار، گِيدي هوش هَپِي ڀلي.

○

پَلٽج اڄ پارا، هارجِ سردي سيج تي!
موکي، گهوگهي گود ۾، مَچَ اسان سارا،
سيءُ، رُهِي، سيارا، پرينءَ سين پيارا لڳن.

○

پارو ڪڙڪي پوهُ، ڇَنو ٺالُهه ٺنڀي ڇڏي،
موکي، مَد موجود پو ڏوڪڻ ڪهڙو ڏوهه؟
جِتي ڇهاءَ - ڇوهُ، اُتي مَچَ مچيو پوي.

○

"اڄ نه پوان ڪڏهن پوان"، سهڪي چيو سيءَ،
"اڄ نه پيان ڪڏهن پيان"، جهومي چيو جيءَ،
هئه هئه مهل هيءَ، موکي، مَدَ، ملاپ جي.

رُهي: سخت سيءُ، سنهي بوند ۽ ٿڌيءَ هوا واري سردي. هَپي: هٽي، دٻجي، گهٽجي.
ڇنو: ڇپر. ٺالهُ: سخت ٿڌ.

o

ڪو پَلُ ڪيپ خيامُ، هونئن سدا سقراط مان،
تيڏِي وڏي ترشنا، جيڏو پيتم جامُ،
منجھن ڪاڻ مدام، مَلهجڻ لاءِ مُني صدي.

o

هَستي، مَستي، نيستي، مڙئي وَر ماٹيامَ،
جيڏيون جيوَن جامَ، پل پل پياري ترشنا.

o

ملڪ مڙئي محفل، هڪڙي، تنهنجي هيجَ جي،
تڙپي ديد ۽ دِل، پَسان، پايان ڪيترو!

o

ترشنا: تاس، آج، خواهش.

وايون

چاهَت سُرڪَ چڪِي، ڄَڻ ڪِي باڪَ بکي
پيارا، پيئبِي، پياربي!

جيوَنُ جوڳُ نہ روڳُ جِي، ٻهڳُڻَ ٻانهن ٻکِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

دَريا وارا وَهڪرا، دِل هيءَ ناهہ دَکِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

هُونديون هينئر، هاڻ جِي، صديون ساک، سکي!
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ڌوڏيا ڏارَ ڄمارَ جا، اُڏريا پيارَ پَکي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

هووَڻ، هووَڻ هارَسين، ياري يارَ رَکِي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ٽاڻي، ٽاڻي، ڄاڻ کي مون ڪا مَهڪ مَکي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

ناسُوري "اُستاد" جي، لوري ڪنهن نہ لَکي،
پيارا، پيئبِي، پياربي!

●

دکي: ٺڪر جي ننڍي چئنري. ڌوڏيا: لوڏيا، جهنجهوڙيا، لڏيا. ٽاڻو: زمان.
ٽاڻو: مڪان. ناسوري: بيحد شوقين، نہ ڇڏڻ وارو، خفتي.

●

تَـڙپُون تُون ۽ مان، موڪِي، ميخانو آڪيو!

سِبنو ڦاٽو سانتِ جو، راتِ رتِيءَ واتان.
تڙپون تون ۽ مان.

ڇَٽِي ٽاڻي ٻِـيٽ تي، ٽِـٽيهر 'ٽان ٽان'.
تڙپون تون ۽ مان.

راڳِي ڪاٿان راڙ ڪئي! ڀاڻي ۾ 'ڀان ڀان'.
تڙپون تون ۽ مان.

اچِي پئِي اوڳِي اڃان، موڳن مان 'مان مان'.
تڙپون تون ۽ مان.

اُٿَ ٿِئِي "استاد" ڪا اوراران، پاران!
تڙپون تون ۽ مان.

●

اڪيو: ڏِسيو. ٽـٽيهر: ڍانڍي پکيءَ جو قسم. راڳو: شينهن (چيٽو)، ڀان ڀان: ڳنڻن، مينهن جو خوف کان آواز. مان مان: الڳ الڳ هجڻ جي وائي، اجائي آنا. اوراران، پاران: هِن پار کان هَن پار کان، دريا جي هن طرف کان هَن طرف کان.

•

ڏوڪِ تہ ڪريون ڏوٽَ! کول، تہ نڪرون خولَ مان!

ڇَن ڇَن تارَن ڇانوَ ۾، اَڱڻ ٽارَن اوٽَ.
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

ڏوٿين ٻاريا ڏيئڙا، ٽِم ٽِم ڏونگرَ چوٽَ،
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ کان، چيٽن ۾ ڦڙڦوٽَ،
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

”ڏِٺو ويندو ڏينهن ٿئي،“ ٻيلي ڏي ٻرڙوٽَ،
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

سالو سالَ صِلو مِلي، پَلڪَن جي پالوٽَ،
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

اوتِي جوتِ ”استاد“ تي، جانِي تنهنجي جوٽَ،
کول، تہ نڪرون خولَ مان!

•

ڏوڪ (اصل شايد ڏوگهہ): تمام گهڻو پيءُ ۽ جلد پيءُ! صلو: نيڪ بدلو، انعام.
ڏوٽ (مصدر ڏوٽڻ): جهَوم، جهُل. جوٽَ: (مراد آهي جهولي، قرب، ويجهڙائي).

سري تي سايو

○

سَري تي سايو، ساڻي، تنهنجي سُونهن جو،
سايي سُوڏو پي ويس، ڇاتيءَ تي ڇايو،
ائين تنهنجو عڪس مون لُونءَ ڪي لايو،
اکين ۾ آيو، ساڳيو سُرخ سُهاڳ ٿي.

○

جامَ وجهي جهاتي، گهُور گهڙي وئي اڳيري،
هڪڙي چولي چرڪٽي، پي مَوجي مَدماتي،
هڪڙي سُرڪَ سنجيڏڙي، پي جا جَذباتي،
اُجي دل آتِي، چاهت ڪي چُهٽي وئي.

○

جيئن تو چُهيو جامُ، حُسن وَندي هَٿ سَين،
ٿي پيو روپُ شراب جو گلابي، گُلفامُ،
منهنجو تَنُ، تمامَ، سُرڪي، سُرخُ اُهاڳ ٿيو.

○

سڪ ۾ سُرڪارَ، ساغَرَ تي سَرَ سَرَ هوا،
چَپن ۾ چُرڪارَ، لهرُون چهري لالَ تي.

○

چَپين چُپ چُپات، لُونءَ لُونءَ ۾ لهرا،
چهرا چاهَ وتن جا، چُرڪَ ڪيا چَهرا،
ساهيان ۾ سرگوشيون، سَپن ۾ سهرا،
پاڻ مٽان پَهرا، اُمنگ اورانگهي ويا.

سايو: اولڙو، عڪس. مدماتي: نشيلي، خماريل، شرابي.
حسن وندي هٿ: حسين هٿ، سهڻي هٿ. سرگوشيون: سَرَپاٽ.

○

تِيئين تڙپن چَپ، جيئن جامرُ ڇُهين مِنا!
سِدو ڇُهندي سُونهن کي، ڏُوهِن پنتي ڏَپ،
ڏِينمر تہ ٹرن ٹَپ، ٻَرن چَپ تِکُون تکيو.

○

ڪَچَ ۽ ڪارائيءَ، گهاگهائي گهُوگهِي جهَلي،
ساري سُونهن سَميٹجي سيني ڏي آئي،
جيتر جهُڪِي جامَ ۾ پيتَم پلٹائي،
ايتر آتائِي، صُراحي سُرکِي چُڪِي.

○

گوري پيار گهٹو گهٹو، اَڄ اَٹم دِل ڳوري!
پٹر جهڙي پيڙ ٹئي، هَوا کان هَوري،
آنوکي آوري، مَنجهان، مُنڊ ڪڍينمر تون!

○

ڏاڙهُون رَنگو ڏي پري، تُون ڏاڙهُون ڏاڙهُون،
پَئي ٹي دِل درياهہ ٹئي ڇُهڻ لئہ ڇاڙهُون،
تون مان پَئي ماٹهو، ماٹهوءَ موهُ، ڇوان تہ ڇا؟

○

اکين ۾ اُوشا لڳين، وَرن ۾ وِينَس،
اُهاءَ انگ اُمنگ ۾، ڇُپين وسي چَس،
رُجهي ڇا ڇا رَس، پيتم تنهنجي پريت مان.

○

ڪٹوريون کيرون ڏَين، هِيرون پائِن هار،
سنڇڻ تنهنجي سُونهن جي برسي روز بهار.

ٹپ ٹرن: زخر پرجن. بامِ اجهامي. اُوشا: صبح جي ديوي. (خوبصورت).
وينس: زهرو. شڪر ڪرهہ. (چمڪِندڙ چهرو).

○

محفل موجَ مَتي، سامهون جهُومي اُڀ، ڀُون،
تون جو منهنجي هَنج ۾ تارا، چنڊ، ڪَتي،
بِره آهه بَتِي، ساڻ سدائين سوجهرو.

○

محفل ڇا ته مَتي، جهُلي ڪَتي، ڪيتڪي،
وڻ ڇا، ويءُ ڇا، واٽ ڇا، بَستي واسَ وَتي،
تُنهنجي رنگ رَتي، منهنجي آسَ انگي ڇڏي.

○

محفل مست مَتي، جهومي ساندهه زندگي،
صديون هلي ميڪشي، ڪلِي ناهه کتي،
پنهنجي پُهُ پَتي، سمجهيم سرس سمونڊ کان.

○

جهنّمي جامَ ۾، جُوالائي جوشُ،
متان هستيءَ مان وڃي همالي جان هوش،
پرٿوي ٿي پوش، نئين پريت ننگي نه ٿئي.

○

نه ڪو شوق شراب ۾، نه ڪو نشي نينهن،
محبت تنهنجو مِينهن، ڪڙڪيو وڄُ ڪڪر ري.

○

موکي، مئي مُڪي، تو جا بَتي بَٺَ تي!
چڪي تنهنجي چاهه ۾ اُتان ڏينم چُڪِي؛
گهُوگهي اوت اُڪي، ڳُٽ ڳُٽ ڳيتي پي وڃان!

ڪَتِي – ڪيتڪي: (مطلب آسمان زمين). ڪلي: چمڙي مان ٺهيل پاڻيءَ رکڻ لاءِ ڳوٿري.
پُهُ: ماڪ ۽ ڪ ڦڙو پرٿوي: ڌرتي، ڀون ماتا. بَٺ: بَٺيءَ تي.

○

سُرڪيون ۽ ساغرَ، اُلٽو اُڄَ وڏيو وڄي،
ٻاهر، اندر ٻَرَ، وو ڪو مينهن وسي وڏو!

○

گهَڙي ۾ گهُٽڪي چڏيان، گهوگهي اوري ڪَر!
مَٽجي مَٽڪي مان ڪِٽي، جَرڪي رهندو جَر،
دُنگن ۾ دِلبَر، مون کي چيڪَ چڏين نہ چو؟

○

ڪُپو ڪَنان ڪَنِ، آڇيو، اُٽلين ايترو!
ساقي، گهوگهي سُرڪڙي، هٽڙي دُنگ هُجن!
ميخانا اڪجن، جُونگي، جُوءَ ٻُڏي نہ ٽي.

○

آڇي ماٽورو، موڪي، مَرڪُ نہ ايترو!
مان جو پلٽي پي وڃان ميخانو پُورو،
تو ليکي ڪُورو، دِل ۾ دوزخ پيو ٻري.

○

ماڪَ منجهان پُورَتَ، ڪاٽي مِينهن پياڪ جي!
پلٽي ڏي پَٽ پَٽ ۾، وِڃَ وِني صُورت،
اوهيرا الفت، اندر آگ اڇا ڏڳي!

○

گهُٽڪي: ڪٽ ڪٽ ڪري پي (چڏيان). دنگ: وڏا مٽڪا، شراب جا وڏا ٽانءَ.
ڪنان ڪَن: ٽپڪار. ماٽورو: مٽڪو. اوهيرا: مينهن جا ڇڇڪا، برسات جا وسڪارا.

وايون

ساغر سُرها ساهَہ، اِو، سجني، تنهنجا سانڍيا!

ڏِيئي تجلا ڏِيل تي،
آڳنڌ تي اونداهہ، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

ڇرڪيئن ڇمڪيون چوڙيون،
ٽاڻي ڪاڌا ٽاهہ، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

ڪَڪڙا: ڪِرڪِر، ڪِينرا،
باقي قربَ ڪپاهہ، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

اُڪنڊئي آڙاهہ کي،
ديدُن ۾ درياهہ، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

ڏوڪيم ڏينهان راتيان،
تاهم تاس اٿاهہ، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

اوتي ڏي "استاد" کي!
چپَين، چشمين چاه، او سجني، تنهنجا سانڍيا!

●

ڪڪڙا: ڪپهہ جو ٻج، جو سخت ٿئي ٿو. ڪينرا: (مطلب گهپي، ڪل ڪل).
ڏوڪيم: ڏوگهيم، پيتم. تاهم: تنهن هوندي بہ.

•

اُڪڙي اُڪڙي زندگي،
اُجڙي اُجڙي زندگي، سُرڪيءَ سُلجهائِي.

آڏيءَ ڏاريِ آسَ ڪي، اوباسِي آئي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

اُمنگَ اَنگَ اُتي ڏِني، آڳيان انگڙائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

چمڪي چمڪي چَمڪٽي، چاهه گهُگهي چائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

دُنگَن، دؤرن ڪي وِڏي، چَترڻ ۾ چائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

اِڇا چير بڏي نَچي، جامَن جهُومائي،
سُرڪيءَ سُلجهائي.

جانِي، جويَنَ، جامَ سان، "اُستاد" آجائي!

•

انگڙائي ڏيڻ: آرس پيڻ. دُنگن: شراب جي متن، پيالن.
چترڻ ۾ چائي وجهڻ: وارن ۾ ڏوڙ وجهڻ، مات ڪرڻ، جيتڻ، بيڙو ڪرڻ. اِڇا: آرزو، تمنا.

•

(تَڙ تَڙ)
(تَڙ تَڙ)
تَڙ تَڙ تند تَنبُورُ! موکي، گهُوگهي کَڙُ کَڙُ!
موکي، گهوگهي کڙ!

ماڻيون مؤج رَجُون، وَجُون!
روڙيون روجُ رَنجُورُ، موکي، گهوگهي کڙ کڙ!

ڪيسين قهر ڪلور جو،
آنگڻ منجهه آنبورُ، موکي، گهوگهي کڙ کڙ!

اکئين کيپَ نوان ڏيون!
کيتين پوک انگُورُ! موکي، گهوگهي کڙ کڙ!

ڏوريون پيئن، پريت لئه،
چوريون چنگ، چنجورُ، موکي، گهوگهي کڙ کڙ!

آئي اڄ "استاد" کي،
الائي ڪهڙو پُور، موکي، گهوگهي کڙ کڙ!

•

کيپَ: خمار، نشا.

ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ

○

مومل ڪي موڪي چوان؟ موڪيءَ ڪي مومَل؟
پُوري ڪاڪ، ڪَڪوهَ جي ڪنهن ڪي ناهي ڪَل،
تاڻي ڪهڙي تَل، تاڻو ناهه ٽڪو چو؟

○

ڪاڪ، ڪلالي ڪُوءِ، ڪافَ ٻنهي ۾ ڪُوپَ جو،
ڪَلجي نئين خوشبُوءِ، ڪڙجي تازي روشني.

○

خوشي ورني خُوءِ، غمگيني گهيري ڇڏي،
روئڻ رُوءِ برُوءِ، مُرڪڻ ڪي ماندو ڪري.

○

ڪاڪ، ڪلالِي ڪُوءِ، ڪافُ ٻنهي ۾ ڪوڏ جو،
حُسن، عِشق، هڪاءَ جي هِتي هردم هُوءِ،
جانِي، جيوَن، جُوءِ، مَچي، رَچي ماڻجي!

○

موڪي، مُنهن مومَل، هَئه تون ههڙي هُرتڙي!
لونئِي ڪي ڪوني وَئين، ٻانهون ڏيئي ٻَل،
چُوسين زهَر ڇپن سين، ڳٽيون ڳارنِ ڳَل،
دِلداريون درمل، تون ڏِين، توکي ڪير ڏئي؟

ڪڪوهه: شراب. مَدَ. تاڻو: زمان. تاڻو: مڪان. ڪلالي ڪُوءِ: شراب ناهيندڙ ۽ وڪڻندڙ جي گهٽي. جاءِ. ڪوپ: قهر. ستر. ڪوڏ: شوق.
هرتڙي (پاڻ هرتڙي): خودمختيار. پنهنجي راءِ تي هلندڙ.

○

موکي، مُک مومَل، توکي آکِ لَکي چُڪي،
مَرڪي مهمانن کي جرڪي پيارين جَل،
خوشيون خوشبُو کَل، اَندر آڳ اُلانبيون.

○

ڀَميي کڻ ڀَيُئِي، پي ۽ پيار پنهونءَ کي!
موکِي توکي ڪير چئي، سُهڻي تون سَسُئي،
هڻج پنهنجي هيجَ سان، منهنجي مَنجهه مُئي،
ڌوپي دَرد دُئِي، جرڪي جوت نئين سنئين.

○

دِل هوندِي دولابُ پر، رُوپُ ڪٿي دولابُ؟
تنهنجو قرب ڪچو کڻي، پڪو شوقُ شبابُ،
رَچڻ، مَچڻ ساڀيان، خام نہ هيءُ ڪو خوابُ،
هوندِي سِڪَ سُرابُ، پيتئہ، پياريُئہ پو بہ پئِي.

○

بابل جي قاتل، ڪامَڻ، ڪامِڻ ڪر ڀلي!
منهنجو مَنُ ملائِڪُ، موهي ڪَرِ مائِل،
ٿِڙڪي ٿي تہ ڏسان مان شبابين شامل،
هڙئي ٿي حاصِل، وِٿي وچ رهي نہ ڪا!

○

هِينئڙو هو هارُوت، مَنڙو هو ماروتُ،
منهنجو روح فرشتو، مون سمجهو مضبوطُ،
ڪُل ئي ٿي ويو قُوتُ، ننگِي، نازَ نِهارَ جو.

ڀيئي: گهوگهي. بابل جي قاتل: اها خوبصورت عورت جنهن ملائڪ منجهائي وڌا.
هاروت ۽ ماروت: اهي ٻہ فرشتا جي حسينا تي فريفتہ ٿي پيا.

○

موکي ٿيءُ نہ مَمَ، گوڏا چَٽِ نہ گهُگهہ جا،
ٿي ويا تنهنجي ٿانَ تي ڪيئي وَهَمَ، ٿَڙمَ،
تُون تان نورُ نئين جي، تُور پراڻا تَمَ،
ڀوري ڀَڄُ ڀَرمَ، ڪُهنا ٿانوَ ڪلالِڪا!

○

موکي ٿيءُ نہ مم، جانبَ جَل - پَري تون!
مِهري ڪُومَل ڪَل جي، قهري تنهنجا ڪَم؟
جامن اندر جَمَ، ڳيتايو ڳاريو وجهين!

○

موکي، ڍؤنگ 'ڊِلائلا' سَڙهيا "سيمسَن"،
هو گَد گَد تنهنجي گود ۾، تونُ تُنبين تَن جا تَن،
هو مَنگن توکان محبتون، تون ٻَنگي وجهين ٻَن،
ڀول وِڌا جي ڀَن، موٽڻ مشڪل تَن جو.

○

سورهيہ "سيمسنُ"، صورت گود سُتو،
ڪَپيس ڪُپت سان ڪلا، ٿي پيو ڀيمُ ڀُتو،
ڇوريءَ ڇَندَ ڇُتو، ڦاٿو ڦندَ، ڇُٽي ڪٿان!

○

موکِي تون مَڪريل، ڊوهي ڄڻ تہ "ڊلائلا"،
سورهيہ سيمسَن جيان ڌِڳَ ڌَڪيئہ ڌاڙيل،
گهَرڙايئہ گهوڙيل، ڌوڌاري دوکي هٿان.

ٿڙم: ڪٺا، گڏ، سٿيل. تور: وهي، ٽهي، ڄمار. ڊلائلا: خوبصورت عورت جنهن سيمسن سان ويساهہ گهاٽي ڪئي. سيمسن: (انجيل جو ڪردار) غير معمولي طاقت رکندڙ پهلوان. گهوڙيل: گهوڙي چڙهيل.

o

مٹان مَهكن مَتَ، هيٺ تليهر تَرَ ۾،
ككوهه اندر كَتَ، كُٽِ مَنجهه كلال تون!

o

مٹان پَدر پَتَ، سُهڻي پَسجين سادڙي!
آندر وَكڙ وَتَ، كاريهر جڻ كَندِ ۾.

o

چَپين مٿي چَتَ، سوچين سانيين چُوچڙيون،
لِڳن مٹان لتَ، وِدءِ لالَ لبيسَ جا!

o

گهڙيءَ گهِرڪائين، گهڙيءَ گهاگهايو ڇڏين،
اوچُون اوڳاڇين كڏهن ڪُوڙهيون ڳرڪائين،
موكي مِرڪائين، جَركي جيَ، چَپن كي.

o

گهڻو ئي گوري، جهومي آندءِ جام كي،
سري تنهنجي سپ پيو، چَندي، ڪو چوري،
ڇهندي ئي چوري، وڃيندو وهندو ويو.

o

ڪٽي اناپورنا، ڪٽي تون كالي،
ناري ديوي پيار جي تو پيڙ ڪٽان پالي،
اسان اڙيالي، موكي، تنهنجي ماڙ جا.

تليهر: نانگ ـ گوري: سهڻي، يَوري. (سوٽهن، مهر ۽ مروت جي ديويءَ جو هكڙو نالو).
چنڊي: ڀياڪي. نهس (ناريءَ جي ڏكوئيندڙ روپ جو ديومالائي نالو)
اناپورنا: (كاليءَ جو ضد) عزت جو محبت مروت وارو روپ.
كالي: موت، تخريب جي ديوي (عورت جو منفي روپ).

o

ديدن ۾ درگا نہ ٿي تڪڻ ۾ تارا،
آڇج اناپورنا، اُجامر آرا،
اسان جا آرا، مڃين تان موکي سُهين!

o

حسينا هيلن، سونيتيءَ جي سونهن تون!
پوڄا تنهنجي روپ جي اولهہ، اوڀر ڪن،
ڀُٽڪو ڀُونءِ آڀن، پاروتي جي پيار جو.

o

موکيءَ مَنڊيو مَنڊُ، چاڙهيو ڪڙو چاهہ جو،
پهرين ٻُڪي پيار جي، جوٽيو جذبن جنڊُ،
جيڪو ٿڪجي ڏنڊُ: جهُومِي جامُ ڀَرِي ڏئي.

o

سَرمد کان سقراط ۽ موکيءَ کان تہ خيامَ،
هڪڙي شام گڏي ڇڏيا مون سان هڪڙي جامَ.

o

دنيا، تنهنجي دؤر ۾ ڄَم ۽ جَم جا جامَ،
ڪڏهن منجهہ مُقامَ، ڪڏهن ڪُوءِ ڪلالڪي.

o

موکِي توکي آکجي، سوکِي، اوکِي سِنڌ؟
پَئي ٿِي ڄَم ۽ جَم ڏِين، جوڙين، جهورين جِندُ،
رِندن مان ڪو رِندُ، ماڻي مُندَ مَلهِي هليو.

درگا ۽ تارا: (ڪاليءَ جا ٻيا نالا) دک درد، پيڙائن جون ديويون. اُجامر: آب حيات، امرت ڌارا.
هيلن: يورپ جي حسينہ، جنهن تي ٽراءِ جي جنگ لڳي.
سونيتي: سنڌ جي جنهن تي وڏو چڪر هليو. پاروتي: شو جي زال. (تعمير ۽ تخريب، پيار ۽ پيترا جو گڏيل روپ.) تَہ: تائين.

○

موکي، دُنيا آکجين، دانا، ديواني؟
مَڙهِي، تنهنجي مَنڌُ ۾ جُڳ جُڳ جواني!
مَـئُہ ڀَئُہ مهماني، جاري تنهنجي جُـج ۾.

○

ڌاران سوچَ سَرو، مارو بنجي موکيَؤ!
لوڀي لِيلا جو ڪڍيو، تکي کيپ ترو،
ٻانيڻ کي بہ ٻَرو، بادي بيهوشيءَ ڏنو.

○

مئہ: مستي، غرور. ڀئہ: ڊپ. ليلا: چنيسر جي زال. ٻانيڻ: سسئي. بادي: شراب.

محفل ٿي ميدان

o

ديسي، پرديسي هِتي، پرديسي، ديسي،
هيءَ تو ڪُوءِ بنائي ڪلالِڻ ڪيسي؟
آهيان آبيسي، آديسي اوچي نہ چَئہ!

o

محفل ٿي ميدان، ٿيو چنئرو چوراهو،
ساهو، بي ساهو لڳي، واهو، بي واهو،
ڏاڍو سو ڏاهو، ڏاهو سو ڏوهِي وڏو.

o

محفل ٿي ميدان، ٿيو چارو چوواٽو،
مڇرجي "سَچ پَچ" وڏو، سَنسن ۾ ساٽو،
مروڙيو ماٺهن مِڙي، ڳاراڻنِ ڳاٽو،
"ڪوهيڙو ڪاٽو"، ڪِرٽو ڪِرٽو هُوڪرا.

o

محفل ٿي ماڻار وئي، بيتائي بوتا،
گُر گُر ۾ گوتا، لهرن کاڏا ليڙي.

o

محفل ٿي مانڊاڻ وئي، نغما ٿيا نالا،
روئيَ نڪتا روح مان آلاپ ئي آلا،
سرگمَ - سُرَ قلوڪٽا، چَم چَم ڪيَ چالا،
تارونءَ تي تالا، سوچون ڦاٽيون سَنگهرين.

ڪيسي: ڪهڙي. آبيسي: دل وارو، محبتي. آديسي: فقير، مٽو ٽيڪيندڙ فقير.
ڪوهيڙو ڪاٽو: ڪوهيڙو ڪٽجي ويو. بيتائي: راڳي، گلوڪار، شاعر.
گر: لئي، تال جي لئي. نالا: دانهون ڪوڪون. چالا: لڦون، قلوڪٽا.

○

محفل ٿي مانڌاڻ وئي، نغما ٿيا نالا،
اُلون، اوٻالا، چيخن مان چمڪي پيا.

○

محفل ٿي مانڌاڻ وئي، نغما ٿيا نالا،
ڀيرون سُر ڀيڪڻ لڳا، ڀيم بڻيا ڀالا،
اوزار ۽ آلا، دوتارا دُهليون ٿيا.

○

محفل ماٺ مُقام، ڪنڌَ ڪُٻا قبرون،
خيال ۽ خبرون، دعائون، درود ٿيا.

○

محفل ماٺ مقامُ، ڀانڊا ڀنڀ بُٺيون،
ٻاٿُون ڳاٽ اُڀيون، لُبيون، سِسيون لاٿَ جون.

○

محفل ماٺ مقام، ڀانڊا ڀنڀ بُٺيون،
چٻرا، ونڊَ ورهاستون، چمڙا کيڏ، خوشيون،
سوچون سانت مُٺيون، متيون مَنجهه مُسي ويون.

○

ميخانو مَرگهٽ بنيو، ماٽا گهيريا موت،
گهُوگهين ۾ گهوگها، گهُٽا، جامَن ۾ جمدوت.

○

مٽڪو ملڪ الموت ٿيو، ميخانو مرگهٽُ،
قدامت جي ڪَٽُ، ڪلالڻ جي ڪُوءِ تي.

اُلون: باه جا الا. اوٻالا: ٽهڪا، ٽِچڪا، ڀڙڪا. ڀيرون، ڀيم: راڳن جا نالا.
آلا: هٿيار، اوزار. بٺيون: قبرون. مرگهٽ: مساڻ، شمشان.
جمدوت: ملڪ الموت، موت.

o

متڪو ملڪ الموت ٽيو، ميخانو مرگهٽُ،
اگڻَ اگرَ ٻاهرا، تاندا - تاندا پَتُ،
جيڪو جِلهو جَتُ، هاڻوءَ هَٽ هجي ويو.

o

ميخانو، مستي، مِهر ٻنهي ۾ محبتي،
پيئڻ، پيارڻ ڪان متي اٽئي چا بَستي،
هُيئہ چا اڳ ۾ پلا، هوندءِ چا هستي؟
سُرڪ ڪٽي سستي؟ جَمنُ، جيوَن تي مليو.

o

ميخانو، مستي، موج ٻنهي ۾ محبتي،
پيتي سان پَلٽُو لڳي، پيئڻ بِن پستي،
لوڪ لڳا لستي، جاني، جوين، جام سان.

o

ناز پريون نظرون، اڇليون ناري نينهن تي،
نيٽن، نيٽن ڪي ڏنيون خوشبويون خبرون،
سُرڪيون ۽ سَڪرُون، ميخانو مهڪي پيو.

o

جيوَن جنهن جو نامُ، پُڇو تا تہ ٻُڌو پلا!:
جاني، جوين، جامُ، محبت، محنت مامرا.

o

جِلهو: سست، ڪاهل، ڍرو. هاڻو: ڏاڙيل، ڍاڪو، لٽيرو.
پلٽو: پلٽي راند، تلوار بازي. سڪرون: مِٺيون، چمڪون.

وايون

گهُوري گهُورَ اَگهُورَ، او! جامَ وجهِي جهاتِي.
ٿَڃُڙي وقتَ وَٿاڻَ تي، ڌرتِي پئِي ڌاتِي.
هلِي پئِي هابيل تي، قابيلي ڪاتِي.
جيڪو موتُ پيئو جيئِي، سو ڪو سُقراطي!
ڊوهِي سُونهن ڊلائلا، ڪاپائِي، ڪاتِي،
قلوپَطره ڪيتري، تانگهَہ ٻِٽي تاتِي!
سُهڻِي، ڏَمَ ڏنيِي تہ بِي، پيئِي پرياتِي.
سونِي، سَڌڙين سَٿَ ۾، چاهَہ چُمي چاتِي.
سَسُئي گِسڪِي گهوٽَ ڏِي، ڇلجِي پَئِي ڇاتِي.
ڪيڏِي ڄَرَ ڄَرّاٽ ۾، موسمَ مَڌُ ماتِي.
آتُرندِي "استاد" مُون، پِريت رَتي پاتِي.
جامَ وِجهي جهاتِي.

●

ڊلائلا: سيمسن سان دوکو ڪندڙ عورت. قلوپطره: جڳ مشهور مصري راڻي.
سوني: سنڌ راڻي، جيڪا مير باگي جي ساٿياڻي ٿي. (اصل نانءُ سونيتي).
آترندي: [illegible] بي چين ٿيندي، [illegible]ندي.

سَندرا جهڙا سُوئا، سُونبا، موكيون جهڙيون مَلهه، آلاها!
ميلهي منجهه ملهالا.

نِيلا حيلا، پِيلا پَكِڙا، گاڙها پيلا گَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

رُٺو روڳي رُوحُ جَني جو، كِلٽي خالِي كَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

لِگَين لائي كول كٽي كَنِ، سينا سَندَنِ سَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

چُوسِنِ زهر چَپن سين سارو، پيئن قاتِل پَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

جو جو آيو گهُرج اگهايو، كنهنِ كي كابه نه جهَل، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

ڏولِيل، ڏَنگيل رولَ مَتارا، شُعلا، شُعلا شَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

آندر هِكڙو جذبو جهوُمِي، باهر اُڏمن دَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

موسِمَ ميري أجري ٿئي پِئِي، پيلي ٿيندِي پَلّ، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

لوڪ سڃي كي لوچَ "بخاري"، اُنهن جي اڇلهه، الاها،
ميلهي منجهه ملهالا.

كول: ويجهي، پر ير. شل: پگهريل، ساٿا. دل: ڍنب، ميڙ.

●

رڳ رڳ راڳا، هو!
ڀَمڀي ڀاڳا وو،
ههڙا هاڃا ڇو؟

ڪُهَڙ آ ڪُوءِ ڪلالِڪي، ڪَنول ڪانا، هو!
ههڙا هاڃا ڇو؟

محنت جنهن جي مامَ جِي، مانِي معنيٰ، هو!
ههڙا هاڃا ڇو؟

بابا، ڀينر، ڀائرو! چاچا، ماما، هو!
ههڙا هاڃا ڇو؟

اوءِ اچي "استاد" جي، ميريون مانڃا، هو!
ههڙا هاڃا ڇو؟

●

راڳا: ليڪا، نشان (وڍڻ لاءِ). ڀَمڀي: سهڻي، خوبصورت. ڪُهڙ: ڪنڊيون، سَر ٻوڙا جي جهنگ هڻجن. پر انهن کي باهه ڏجي ته ان لڳل باهه کي به ڪهڙ چئجي.
مانڃا (مانڃڻ، مانجڻ): مهٽي، ڌوئي صاف ڪريان.

وٽو، وه ۽ وات

○

نہ ڪو مان سُقراط، نہ ڪا سنڌ 'گِريڪ'،
نہ محبت: منطق، فلسفو، نہ مَست، مگن: محتاطُ،
وٽو، وِهہ ۽ واتُ، ڪهڙي ليکي قُربَ ۾؟

○

ڏُکيءَ دل لَئہ ڏَڍَ، مَنگيَم مَحبت، مَڌُ ۾،
موکِي، وِڌءِ وَڍَ، ڪهڙي ليکي قربَ ۾؟

○

"وِهُہ تہ آهي وِهُہ"، مِلي توڻي مُحب کان،
قاتل مِٺو ڪير چئي؟ گهائُو ناهي گِهُہ،
ڳالهہ ڳڻائي ڳهُہ، متان پيار مَيارجي.

○

سادِي هئي سوکي، اُتان اوتي ٿي سگهي،
مَتارن جي ماڻ کي موکڻ لئہ موکي،
ووڙي ڪوڙي مئي وڃي هوڏي هَڏُ ڏوکي،
ٻاهر چانڊوڪي، اَندر اَنڌ ڌڪي وڌي.

○

ميان، مان نہ اُهو، جنهن کي چَٽَ چُڪي ڏئي!
اُبتي ڪاتَ ڪُهو، "سُبتو سُبتو" پيو سڏي.

گريڪ: يونان جو ملڪ. گهائو: گهائيندڙ، خطرناڪ.

○

ڪَوڙا ڪَسارا، ڏوڪيندي ڪي ڏينهن ٽيا،
اُڳري ڪان اُڳرا ڳٽئون، ڪاري ڪان ڪارا،
موڪِي، تو ماري وڌا، مَتِ ڏئي متارا!
وِهُ پِي ويچارا، پيئڻَ پَتِ رکي ويا.

○

ميخاني ۾ محفلون، متڪِي ۾ ماتام،
جيڏيون جيوَن جام، بينُون، نانگَ بغل ۾.

○

موڪي، ڪِلُ نہ ٽِلُ! پاپڻ، چا تو پياريو؟
ڪَڙا پيتم ڪيترا، ڪُتِي هيءُ قاتِل!
جهڙو ڪُڪِ ۾ ڪِلُ، جهڙو اڪ، آنبورَ ۾!!

○

ڪَڪي ڪَتورو، ڪاڪِي ڪُهتو، ڪاڪِڙو،
موڪي، چُوندَ چڪائيو، ڪو قاتِل ڪورو،
تڙپائِي تورو، گهوريِ هَٽ گهُگهيءَ ۾.

○

وِهُ وَڻيو وينگسَ، مُرڪِي پنهنجي مَرڳ تي،
ڏاهپَ ڏنگيس سَپ جان، چُوسيس رڳون چَسُ،
قلوپطره سان ڪيو هاجو حرص، هَوَس،
جيءُ جهجِي جيڪَس، هينئن ڪا سونهن هَجِي به چو؟

مت ڏيڻ (محاورو): سزا ڏيڻ، مار ڏيڻ. ڪکي (ککڻ): ڏنگي، ڪاڪي.
ڪهتو: گندو، زهريلو. تورو: تولو (وزن). مرڳ: موت.
قلوپطره: جگ مشهور مصري خوبصورت راڻي، جنهن آپ گهات ڪيو.

o

واهَر وِهَہ وِهاٽَ، ويري وِهَہ وهاٽَ،
چهري تي چَمڪاٽ، ڪُڪين ڪاٽَ قهر جي.

o

اندر اوندهہ زهر جي، ٻاهر اُلري لاٽ،
موڪيءَ کي موڪي هليا، ڳاڙها اُوچي ڳاٽ.

o

ڪبو ڪوهُہ ڪَڪوهُہ، سَوا ساقيءَ سَٽ،
اُڃيون اکيون اُن ۾ هيرايو جنهن هَٽ،
تان پوءِ ڪهڙي ڪَٽ، هَٿان هو ڏيندو هلي.

o

ڪُهنو جيئن ڪَڪوهُہ، موکي تيئن گهٽي گهڻو،
مِلي مَٽڪي ۾ چُڪو ڪو جو ڊَمڻ – ڊوهُہ،
عاشقن اندوهُہ، قاتِل زهر ڪَڪوهہ ۾.

o

سو ڪيئن سهانگو؟ ڪُسڻ بعد ڪڪوه جو!
ماڻهو مَهانگو، موکِي، تنهنجي مَنڌ کان.

o

اِهين اَجَل اَنگهہ تي، اَنگجڻ اَڻانگو،
ساٿارين سانگو، مَٿا، هَٿ سَٿي ڏِبا.

o

ڪُسڻ ساڻ ڪَڪوهُہ، سَهانگو سو ڇو؟
موکي ميخانو ڪَيُئہ، ڪيهُن جو ڪوڇو!
اِيءُ اوڇَڻُ اوڇو، لنڊِي لاهہ تہ لال ٿين!

ڊَمڻ: نانگ جو قسم. اِهين: آئيئين، بنا مقصد.

○

ڪُسڻ بعد ڪڪوهه، سَهانگو سو ڪيئن؟
اِهو هُوندو هِينئن: ماڻهو مرندو مانَ لئه.

○

وِهَه وٽي آئي، جڏهن جيوتَ هَٽ تي،
سرخي ريکَ تريءَ جي سُڪڙي ٽي سائي،
وِسلي وَئي وائِي، ڇرڪي حِسُ ڇهون پيو.

○

مُلهه مهانگو قطرو، مَد ڪان وَڌ ماني!
مُنڊون، رُتون مَنڊ سي جِيون سان جاني!
فاقا ڪن فاني، باقي قرب بچو ته ڇا.

○

ملهه مهانگو قطرو، مُوتو، مون به مجو،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڪاڻ جي ڪُسي سُک سَجو،
پولو، ياڻُ پَجو، سَولو سات ٽئي جي!

○

قطرو قاتل زهر ڪو قطرو ٽيو تریاق،
نسورو ناچاق ٽئي، ڇُڪي پيٽي چاق،
منگهي ٽو مشتاق، ساقي، توکان سو سَرو.

○

وَکڙُ، وِلوڙو، ڏنگيندي ڏاڍو ڏين،
ڪاريهر ۽ ڪال ۾، ڪاف زهر ڪوڙو،
وِهه ۽ وڇوڙو، واءُ ٻنهي ۾ ويل جو.

ريک: ليڪ. وسلي: بگڙي. فاقا: لنگهڻ، بکون. پولو: پول، غلطي.
ياڻ: آپو، انا، هٺ. وِلوڙو: وڻ، پيٽ ۾ وڻ. ڪال: اجل، موت.

○

ڪَڙهج، پيج ڪَڙو، ماڻج هيجُ مِٺو،
سو ڪنهن سُک ڏِٺو، ڏاڍو ڏُک سهڻ ري؟

○

هٿ ۾ وهه وَٽي، رٿ ۾ رَسُ امرتي،
اُجري جُوءِ اسان جي، ميري رُوءِ مٽي،
پيئڻ پاڙ پَٽي، جيڏيون، جاڙ جئڻ جي!

○

وايون

وَڃي زَهرَ وَٽي، سوچي پيو سُقراط ڪِي.

گهرو گهُورِي شهر ڏِي، گهُمي گهاتَ گهَٽِيَ،
سوچي پيو سقراط ڪي.

ڪنهن ٽي ٻاتَ ڪَٽِي پئي، ڪنهن ٽي لاتَ لٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

ڪنهن جي پيڙهه پڪِي لڳي، ڪنهن جي پاڙ پَٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

جنهن جي سوچ ڪَنو ڪري، تنهن جي ڪوٽ ڪَٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

انڈو ڪيتُ يقين جو، 'جو ڇا' سُرت چٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

سو مون سِٽ سچي ڪري، ساري عُمر سَٽِي،
سوچي پيو سقراط ڪي.

ائين ئِي "استاد" توُ، هاري راندِ ڪٽِي.

•

سُرڪَ سِکين جي سَچُ، سِيس سهائي اچُ!
او اچ اچ!
سيس سهائي اچ!

موڪيءَ مَٽڪن ۾ رکيو، مئي ۾ ويڙهي مَچُ،
او اچ اچ!

پيالا شعلن مان پري، پي پي، دِل تي پَچُ!
او اچ اچ!

سُوريءَ واري صحن تي، نعرو ماري نَچُ!
او اچ اچ!

ڳاڙهِي، ڳاڙهيءَ جي هٽان، ڳيتي، ريٽو رَچُ!
او اچ اچ!

ماڻيم، موکيم ڪو ڪَٽو، ڳوليم، ڳايم ڳچُ،
او اچ اچ!
سِيس سهائي اچ!

•

•

کيڏيا کاتا ها، ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

بورائي جي پيرَ ۾،
رهزن راتاهـا! ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

جَن جَن توتي اوچتا،
چاپا ۾ چاتا ها، ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

ميخاني کي مُهتمِم،
لِينگها لاتا ها! ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

ويرو ويرِ وهانوَ ۾،
ڏوها ڏاتا ها! ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

جورا تازي جوت جا،
پورب پاتا ها! ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

مون کي نغما ماڳ جا،
ڳاڙها ڳاتا ها! ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

ماڻهو آجيءَ موج لئه،
"استاد" آتا ها، ڦڙکيا ڦاڙا ها هتي.

•

بورائو: سونهون، وات واڦ. پيرُ: نمونو، ڍنگ، روپ. مهتمم: بندوبست ڪندڙ، انتظار ڪندڙ.
لينگها لاڙ: داغ لڳائڻ، ڏهو لائڻ. ويرو ويرِ: وقت بوقت. ڏاتا: ڏاوا، رڇا.
جورا: وڳا، ويس. ڳاتا: ڳايا.

•

گهوٽَ گهُرن گهاٽِي، اوتي اُوچي ڏي اڃا!
چمڪي چاندوڪِيءَ جيان، ٻَهڪي ٻَهٻاٽِي.
اَندر مان اُلري اُٿي، ڏوڪيندي ڏِياٽي.
پَل پَل ڄامُ ٿُٻاءِ، پي! مَهل اٿئي ماٽِي.
دِيدُون چار ڪريون، پرين، ٻاريُون چَولاٽِي.
پيڙي چاهت چيچڙي، چَنبيُنِ چيڀاٽي.
ڪاتِيءَ جهڙي هُوبَهُو، ڪالهہ آسان ڪاٽِي.
تيسين جوتِ جهَجهي ڏيو، جيسين جهُڙ جهاٽِي.
گولا، لوڪُ لُبي پيو! ڏِينهن هَڻن ڏاٽِي.
زبري زورَ جتئو هَنئي، لوءِ لوءِ کي لاٽِي!
ڳولي ڏي "اُستاد" کي، اڳتي آڳاٽِي.

•

ٻهٻاڻي: سَرهي، خوشبودار. چؤلاٽي: چئن لاٽن واري روشني. چيچڙو: گهاڻو.
چنبيُن: واڍَن، رسين. (جي هڪ ئي وقت ڳاٽي ۽ ٽنگ ۾ گڏ ٻڌل هجن.) گولا: ڌرتيءَ جا گولا.
لاٽِي: ناڪيلي (اٺ واري).

پيئڙ پيارڙ پُن

o

پيئڙ، پيارَڙ پُن، جيئڙ پاپُ پيئڙ ري،
هُئڙ، حُسن، عشق جو سَهجُ سري ري سُنُ،
گيتي تُنهنجو گُن، پيتي تو پَڏرو ٽئي.

o

ڏينهُن اُهوئي ڏوهُ، جيڪو جاني، جامَ ري،
پيئان، پياريان او پرين، ساندهه قرب ڪڪوهه!
تو بِن مون کي توهُ، ساقي سُونهن، سُجهي نه ٿو!

o

سُرڪَڙ سڪَ ثوابُ، هارڙ ڏوهُ وڏو ميان!
اڳيان عشق اُمنگ جو، وَنندو حُسن حسابُ،
جوپن ڏي نه جوابُ، پيچاڙيءَ پيچتاءُ ٽئي!

o

گونگو گَنجُ گواهُ، سَخي ناهين ساقيا!
چُلڪيو آچين چولڙي، اٽئي سَمنڊ اٽاهُ،
سڙي صحرا ساهُ، ساحِل لب لبيا ته چا!

o

محفل، مَدُ مَئو، مَستي، تنبَ، تنبورَ،
تُڙڪِي تِکيءَ تانگهه ۾، اُجو شوقُ، شَعورُ،
موجُن مَنجهه مَلورُ، اُپڙيو اوپارو هلي.

پُن: خير جو ڪم، ثواب. سُن: ساڻو، ٻي حس. گيتي: دنيا.
مَئو: جام، تمام ڪٿو موجود. تُڙڪِي: ٽهي، وهنجي.

○

موکي، مَدُ، ڪَدُو، ڪيڏي سونهن، سُڳنڌ او!
گونجي آدَ جڳادَ جي گهري گفتگو،
ديدن ۾ دارين جون حدون دُوبَدُو،
ڇَهه ئي پار ڇُهاءَ کي رَهڙن رُوبرُو،
جيوَتِ جُستجو، اُجامَرُ اُو جو ملي!

○

چنچل موکيءَ چالَ، اَجهل عشق الڙ جو،
هو پئي ڇُهندي ڇال ڏئي، هي پيو تڪي تالَ،
ناري، ساغر نال، ڳيرو ڳالهه نه نبري.

○

نِوڙي نگاهون، اُڇليون ناريءَ عرق تي،
جَمن ۾ جرڪڻ لڳيون ٻٽيون ٻه باهيون،
اچج اوراهون، پلٽي ٻيئي پي وڃان!

○

سُرڪڻ ۾ مُرڪڻ، مُرڪڻ ۾ سُرڪڻ ملي!
ڦٽڻ ڦوهه وهيءَ جو، ٻُورُ نئون ٻُرڪڻ،
ڪاوڙجڻ، ڪُرڪڻ، ڪهڙي ليکي قرب ۾!

○

تارن نيري نڀ تي آڇي ڇارَ ڇٽي،
چندُ سڙي سگريٽ ٿيو، رات آ رکوٽِي،
ايڏو آءٌ اٻاڻڪو، ٽاڻو ڄاڻ ٽٽي،
موکي کول مَٽي، مُرڪي پيار مُبارڪون!

اُجامر: آب حيات. الڙ: سيکڙات، نئون جوان.
رکوٽي: ايشٽري. ٽٽي: بارُ، چٽي، ڪاٺي لاش کڻڻ جي.

○

تو بِن ڪهڙو توهُ، مَستي، هَستي، موهَ!
ڏاهپ، ڏانءُ ڏيار مان ڏوکڙ ناهي ڏوهه،
اونداهو آندوهه، پيتي جوتِ پٽون ٽئي!

○

سُرڪِ پيون ساغرَ، چرڪ نہ شوق شباب کان،
گهِڙ نہ گهِڙون ساگرَ، ٽُڙڳ نہ ٽُڙڳون تار مِ!

○

سَنّاٽي جي سِيرَ تي خاموشيون چوليون،
تڙپن چُپ چُپات مِ بَڙها ٻُٽِ ٻوليون،
کول، پيُون، کوليون، دروازو نئين دَور جو!

○

ڏِيار: ڏات.

وايون

ساري عُمرِ سَرو، پيئو توڙَ – تَرو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

ڪُشتو جوڙيون ڪَنتري، ناهيون ٽيڪ نَرو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

ٽيڪيو ٽيڪَ نہ ٽيءَ تي، بيهو پُونءِ پَرو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

کولهي لاتَ اکيون، نَرو، ٻُوٽي نيئ، ٻَرو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

موتِي ميرو ڪير ڇئي؟ گوهرُ ٿئي نہ گَرو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

پرکي ٽاڻي ڪَسوٽِي، کوٽو خواهہ ڪَرو،
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

سانگي منهنجي ساهہ جي، وانگي واسَ ورو!
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

ماضي، حال، مُدام تي، پنهنجو پيارَ پَرو،
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

هرڪو اڳتي پيو هلي، ڇوهو، ڇُوٽ، ڏَرو،
ضايع ٿئي نہ ڏرو!

آدرش آدمِ ذات جو، "استاد" آڳيرو!

ڪنتري: ديسي شراب. ڏرو: ديسي سادو شراب. آدرش: نصب العين، نمونو، آئينو.

•

پلٽي پيار پُجي! سانديي ڪين سِکائجي!

تون تان رينگين رُنگ تي، دِلڙي دُنگ أجي!
سانديي ڪين سِکائجي!

او، ڇو، آءُ أجو اجا؟ سنڌوءَ سِيرَ سُجي؟
سانديي ڪين سِکائجي!

ڇڏيو عشق أکنڊ جي، مون کي پَڙکَ پُجي!
سانديي ڪين سِکائجي!

ڪوئي ڏيهه ڏُجو نه ٿئي، ڪائي ذات ڏُجي!

•

پُجي: سخي، فياض. رينگين: ڪِرڪر ڪرين. رُنگ: ڇڪو، ڏرو.
دُنگ أجي: مٽن جيتري اجاري.

•

پيءُ پيارج پيارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.
جهُومر تہ جهُومن جارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

پاتا ڪيڏا ٽُوٽِيءَ ٽُڙَ ڪي،
اُڏيهيءَ هي هارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

جنڊِي ڏي ڏس جهُومر جهَرڪن،
ڪوريئڙِي جا جارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

گهُنگهڻ، لاٽڻ ڪي پيو ڪائي،
چارَ ڪري چمڪارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

لِنبَ گهٽي پر سيڪَ وڌايا،
ڏيڏيءَ پت ۾ ڏارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

اوٽرُ تيز اُٿي جي ڪاٽان،
ٽِڙڪن تالهيءَ تارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

گهير، گهٽيءَ وٽ وَر وَر گِيها،
ماڳ وڪوڙيو مارَ، او يارا مهل ملي آ، پياري پياري.

"استاد"، آس اُداس ڪرين ڇو؟
اوتِج اُڏما آرَ، او يارَا مهل ملي آ پياري پياري!

•

جارَ: شوق، عشق. اُڏيهي: جيت جو ڪاٽ، ڪتابن کي ڪائي ٿو. جنڊو: لاڏيءَ جو.
گهنگهڻ: جيت جو قسر، جو ڪاٽ کي ڪائي ٿو. (ڪاٽ سَرو). لاٽڻ: لاڏيءَ جي وچ واري ڪائي.

ڪاهوڙبن ڪيڪار

o

مڙيئي ماڃي، موڪي، ميخانو، مَٽيون،
ڃاڻ آيا ڃاڃي، متارا جي محبتي.

o

مَنهن محبتي، مَرڪي اڪج آڃيان!
پهتا پاهَت تي اڃي ماڻهو محنتي،
محفل هيءَ مَتي، پگهر، پريت، پتوڙ سان.

o

سوپي سِڪ سُوڏي، ڪري اُيي آدرياءُ،
"يَلي آئيو ذَر - ڏُٽيا، يَلي ڃٽيو ماءُ!"

o

اٽيو ڪري آڃيان، صدين جي ساڃاهه،
"هُجن سَوين ساهَه، مان تان، آن تان واريان!"

o

اڪئين ڃوان آڃيان، ڃَپين ڪريان ڃاهَه،
سِڪڻ، سينو، ساهَه، اُتَن: سَدا آئِيو!

o

اٽيو آس نئين ڪري، اوسرَ آدَرياءُ،
سونهاري ساڃاءَ مان صديون وڻندیون ساءُ.

ماڃي: 'ڃاڃي' جو ضد، ميزبان. پاهت: معاهدي جي حالت، موافقت.
ذر - ڏٽيا: ذرتيءَ چونڊيا، ذرتيءَ جو انتخاب. سونهاري: سونهن پري، خوبصورت.

○

مارڳ محبتي، ڪاهوڙيُن ڪِيڪار، جو،
اُن جي اَرڳ، امنگ سان ڌرتي رنگ رتي،
ٿڌي يان ڪِ تَتي، ڏوڪيو، ڏوريندا وتن.

○

ڀميي ڀَليڪارَ، اٿي آکِ ادب سان!
اڳڻ تنهنجي آئيا، سڄڻ سرجڻهارَ،
ميخانو موکين پيا، ڪُلي ڪلاڪارَ،
مڙيئي ميخوارَ، متان ڀانئين ڀورڙي!

○

ڪلاڪارَ ڪلا، سُوڌا، تو در سهڙيا،
سُپنيائون سُر، سُرت جا بيحد دَور ڀَلا،
ايڏو اَنڌُ اَلا! بَلا، بادي - دُنگ ۾.

○

هٿن ۾ هٿيارَ، نيڻن ۾ ناتا نوان،
پانا، ڏاٽا، بيلچا، مُترڪا مَڻدار،
ڪاهوڙين ڪيڪار، ڪرڻي پوندءِ قرب سان.

○

وَستيُون ويرانا، محبت، محنت ساٿ سان،
گلِي گلِي گانا، آن جي گونجَ گلابَ جا.

○

سِيءَ ڪراين سارَ، ٽِپهري نِيري ٿَري،
دُولهه تواري دُوارَ، ويندي واٽ وري پيا.

ارڳ: عرق، پگهر. ڀليڪار: آجيان، خوش آمديد. ڪُلي: ڪل ئي، سڀئي.
بادي - دنگ ۾: شراب جي مٽڪي ۾. تواري دوار: تنهنجي در، تنهنجي اوتاري.

○

موکيون، ميخانا، ماکيون، کِير، رَسُون، چَسُون،
پينُون، چَنگ، پانا، ڪُونڌ اوهان جون ڪِيرتون!

○

ڏِينهَن ڏينيُو تِي ڏنگيو، مُندُن بنجي مارُ،
اوتج ڪو اوتارُ، پيتي پيڙ مري پوي

○

تڙپئون تارو تار، رکيو آڳ رڳن ۾،
پلٽي آڳ پيار، لوهُ ڪَٽيندو لوهه کي.

○

مُلڪُ نہ محفل مَٽُ، ڪئي جا نِينهن نويڪلي،
"مرسان مرسان سنڌ نہ ڏيسان"؛ حال نہ پر مان هَٽُ،
جاليان توسان جهَٽُ، باقي جيوَن ڀُونءِ جو.

○

مون کي آڇ نہ مَٽُ، موکي، مَدُ مهراڻ تون،
ڏِينهن ڏٺي ڏيئو کڻي، ڄاڻو يا ڪو ڄٽُ؟
پڙپي پَڌر پَٽُ، گهُرجي گهر ڀلا ڇو؟

○

جَلون سان جي جي چوان، ڏيان جذبن ۾ جايُون،
هِنئين هيجن هنجَ ۾ سيجُون سَجايون،
اکين تي، آيُون، جيڏيون، منهنجون جيوَتون.

پينون: قلم. اوتارُ: اوتارو. ترياق، ٽوڙ. پڙپي: ملي، حاصل ٿئي.
گهُر: چَر، زمين ۾ جانوراڻو گهر.

o

ڏنڀايا جي ڏاڍَ، جَلايا جي جُوءِ،
ڪَلالڻ تو ڪُوءِ، مَچي پهتا مينڌرا!

o

خوشي ۽ خُوشبوءِ، اوتي ڏين اِتان جِتان،
رَچي ريٽِي رُوءِ، مَتارا مهڪي هلن.

o

جيڏيون منهنجون جيوتُون، اَڱڻ مون آيُون،
اَرهايون اُکڙي ڀڳيون، سَهڙيون سَرهايون،
وَسندِيءَ ورهايون، خوشيون، کِينءَ مٺيون ڀري.

o

ٿاٻَن مُڙسَ ٿڪائيا، ٽچڪايا ٽاڻي،
ٿڙندي ٿاٻڙندي رسيا، تو تاڻي تاڻي،
ميخانو ماڻي، هاڻي جُوان جَري هليا.

o

ماڪُن مَنجهان موسمَئو، ڍَنڍُون ڪي ڍايُون؟
مِينهَن مَهڪايُون، ميخاني جون موسمون.

o

ميخاني جون موسمون، مِينهَن مهڪايُون،
ڪَڻ ڪَڻ جي آڪارَ مان اوريڪُون آيُون،
ويرمَ ورڇايون، ڪنئين صديون سَهجَ جون.

کِينءَ: صحت، سگهائي. جري: جوڌا، پهلوان. ڪڻ ڪڻ: ڦڙ ڦڙ، بوند بوند.
اُوريڪون: وسڪارا، وڏيون برساتون. آڪار: روپ، صورت.

○

ڳوٺاڻن ڳيُرنَ، ڪهڙي ڪَل ڪلال جي؟
دلبا هُن جي ڏُنِ ۾ گفتن ۾ ڪي گُنَ،
ڀيرِي ڏياري ڀُنَ، ويرِي ٺاري هينئڙا!

○

ڳليون، جوڌا ڳگَ، ساڙو پارا سِيم ۾،
ساغر سُوڌي ساٿ ڏي، سوڙها ڳنڍيون سَگَ،
آءُ، ڏڳائي آگَ، سرديون، سُورَ پگهاريون.

○

موکي، هي ميخوارَ، جُڳن جا جهُونجهار ٿِي!
اوتي آتشدان ٿمان، جامَن ۾ وجهه جارَ،
آڻي ڄڀيون آرَ، ڀنڀٽ ٻار، ٻِتاڙ ٿئي!

○

صديون ڪُهني سار، تازي اڳ ۾ تاڙ ۾،
اوتي مَتَ اِتهاس جا، پلٽي مَت پيار،
موکي، سَپ سنڀار، ميخانو ڪيئن موکجي؟

○

ٻُوساٽيل ماحول ۾، دُونهاٽيل بادل،
ميخاني کي گودڙي اونداهي پاتل،
ٻانهون، ٻوجهون، ٻَل، نِجهرڻ کان نڪري هلو!

○

هوائن ۾ هئونڪَ، ڪاٿان ڪوسَ - گهرن جي؟
بينُن بدران ڀَئونڪَ، ڇو، هيءَ موکي، ڇَپرين؟

ڀيري: ڦيرائي، ڦٽو ڪري. ويري: ڪنهن وقت، بعضي. آتشدان: باهه جي ٻٺي، چلهو.
جار: عشق، شوق، جستجو. ٻتاڙ: هل هنگامو، گوڙ شور. مَت: سمجهه، پرجهه.
هئونڪ: اوسني بانس، بدبو.

○

ڪاسائڪي ڪُوءِ، تي ڪيئن ڪُوءِ ڪلالڪي؟
ڇو هيءَ ڇَتَ ڇَپر ۾؟ بادي ۾ رَت - بُوءِ!
وسيل هر وَستُو، چَنئرا، چهرا، چاهتون.

○

ڏوڪيندي ڏينهن راتِ، ڏُور نہ ٿئي ڏوگهو،
لَڪُ نہ ڪو لوگهو، ڪلالاڻي ڪُوءِ ڪي.

○

ڏَجهي، ڏاڍَ ڏُهي، موڪي توڙي موڪليا،
قابِل، تو تہ ڪُهي، ڪَرنگهر اُڇليا ڪين ۾!

○

تڪڙا تاسَ تَتا، پُرجهئون ڪين پَراپتون،
سَري لئہ سُرڪي ويا، وو، هو زهر وڻا!
مَٽن وَٽ متا، هُيَن جامَ هَٽن ۾!

○

متارا مَتا، ساڻي، سَت - سَري تي،
پيڙ ٿي پَڙڪي اُٿيا، ڪاڪڙ ٿي نہ ڪتا؛
توڙي رَت رَتا، پيالي پَت رکي ويا.

○

چٽ: ڪڪي بدبو، باس. رت بو: رت جي ٽپ. وستو: وٽ، شيء، چيز. ڏوگهو: وڏي اڃ، سخت تاس.
سٽ - سري: سچي سري، طاقت واري سري. ڪاڪڙ: چلڪا، ڪلون، خسيس.

وايون

متارا مزدورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!
تو دَر آيا اَنڇَرَ آيا.

تَنبَن هَٿ ۾ هاجَ هٿوڙا،
چَمڪن چَنگ، چنجُورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!

داڳ لَٽن تي، ڊاڳ اَکين تي،
وارين ٻُونگر، ٻُورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!

کِلندي کِيڪارين کٿوري!
روحَ اَٿن رنجُورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!

هي پَل حال سَلِي وٺ تن سان،
صدين جا ٿَن سُورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!

اوجارا "استاد" اِهي ئي،
گهَري گهُرجي گهُورَ، اَپڇرَ، تو دَر آيا!

●

اَپڇر: پري، حور، سهڻي، اَنڇر: تمام گهڻا، جهجها، جام، ڍوَ، ٻونگر: ڪچڙا گونج، ٻور.

●

جاڻي ڪاڻي جُڃَ او، هو جي هِن هَنڌ هيروان.

نہ ڪي لولي لنگهڻا،
نہ ڪا آبي اُڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

سو مان ناهيان سَسُئي،
سِندُو ناهي سُڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

تارا ناهِن تِرورا،
راتيون ناهن رُڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

مَحبَت موڪيا مينڊرا،
مُورَ نہ ٿيندا مُڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

تُوتئي مان ترياق ٿيا،
پاپڻ پاران پُڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

اديون ڙي "استاد" جا،
اِيهي اهَم أهڃَ او، هو جي هن هنڌ هيروان.

●

جڃ: ڪاڄ، وهاڻ؛ جي ماني. لولي لنگهڻا: مانيءَ جا بکيا. مڃ: ناس، نابود.
توتيو: زهر جو قسم. پُڃ: نيڪ ڪر، سخا. أهڃ: نشان، پار پتا.

●

مهمانِي مَرڪِي، پيارين پاڻان جي ڀرِي!
جهاتِي پاءِ جهَروڪَ مان، جُوءِ سڄي جهَرڪِي!
سُرهِي تُنهنجِي ساٿَ سان، ماٿَر تِي مَهڪِي.
مُرڪِي پَئُہ نِي موهنِي! پُونَم ڪَر پَل ڪِي!
تُنهنجِي تَن جي ريسَ تي، چانڊوڪِي چَمڪِي.
جهَنڊو جهولِي جيت جو، ڦُوهَہ وَهِي ڦڙڪِي.
عِشق ڏنا "استاد" کي، ڀنڀرڪِي ڀَرڪِي.
مهماني مرڪِي.

●

مرڪي: خوش ٿئي، فخر محسوس ڪري. جهروڪ: جاري، دري، سوراخ.
ماٿر: ماٿري، وادي. موهني: من موهڻي.

●

جَرڪِي جَرڪِي جايا، تڙپي تَڙپي آيا،
تو پڻ تڙپايا!

گهَمسانن جي گهير ۾، طوفانن تايا،
تو پڻ تڙپايا!

تاسارا آرا ڪٽِي، اوتاري آيا،
تو پڻ تڙپايا!

ميخاني جي مَهڪَ چو؟ چيچيءَ جي چايا؟
تو پڻ تڙپايا!

ٽنيَن، بُرجَن ٽيلهيا، ڳَلِيُنِ ڳل لايا،
تو پڻ تڙپايا!

اونداهيُن اُجلائيا، چاندوڪيُن چايا،
تو پڻ تڙپايا!

ٽٽرجي، مَجري اُٽيا، ساڻ اٽن سعيا،
تو پڻ تڙپايا!

ايرادا "استاد" جا، گهايا، گهاگهايا،
تو پڻ تڙپايا!

●

گهير: گهيرو، چڪر. چيچي: بدبو، گندگيءَ جي ڦٽ، پري بانس.
ايرادا: ارادا، قصد، عزم. گهاگهايا: اڪتي وڌيا، ڪڌيا، خوش ٿيا.

پيئندي پَئينڊَ پيا،
اڙجي آونڊَ ويا، موڪي، موڪِ متارا!

ساغر، ساز توانا تازا،
رمزون، راز پيا، موڪَيَ، موڪِ متارا!

ڏِيل ڏياتيون، لونءَ لونءَ لاتون،
ڏاتون ڏيهَ ۽ ڏِيا، موڪي، موڪِ متارا!

يا ٿِي ڪِرڻا يا ٿي جهِرڻا،
جهومي جواڻ جِيا، موڪي، موڪِ متارا!

ايندي تَنبيا، ويندي تڙپيا،
ٿهَرمَ ڪين ٿِيا، موڪي، موڪِ متارا!

محفل ماڻي هاڻي اُسريا،
خيرن ساڻ ڪِيا، موڪي، موڪِ متارا!

تَهيا پهتا پار "بخاريَ"،
ٻوڙي رُوپَ ريا، موڪي، موڪِ متارا!

آونڊ: پي سمجهه، سادا، پي ڏوهه. موڪ: آجا ڪر، سرخرو ڪر. جِيا: جيئا، زنده رهيا.
ٿهرم: ڏيرج، صبر، تحمل. ڪيا: مخمور، ميخوار. تَهيا: پڪا ارادا، عزم.

وسڪي، جن، وُڊڪا

○

وِسڪي، جنّ، وُڊڪا، جڙجن جَن جي جانِ سان،
اُنهن کي اُڊڪا، ڊوڊي کان وَڌِ 'ڊوز' جا.

○

وَندجي پئي 'وسڪي'، 'ڪونڊر' ناچَ - ڪلب ۾،
هڪڙي ڪوني ڪوٽسي، هڪڙي ۾ ڪِسڪي،
'ايور، نيور' کي چيو: 'اوڪي، نو رِسڪي'،
وِينگس چيلهه وَڪڙ ۾، ويتر دِل وسڪِي،
خاص ڇُهاءَ ڪِسڪي، سَهڙيا، خاصَ حِصن تي.

○

ڪٽي 'ڪِي ڪلبون'، ڪٽي ڪُلف، ڪُنجون!
ڪٽي مُنڊ ڏي مَنڊ ۽ ڪٽي موت مُنجون،
پُڄي وَسُ پُنجون، جُنيون توسان جُوءِ جون!

○

'هيروئن'، حشيش، موکي، تُنهنجي ماڳَ ۾!
ڳٽتي ڳوناڻن لڳي، شهرن ۾ تشويش،
تاهم ڪا تفتيش؟ وِگهريو وِهُه وڪر ڇو؟

○

پينگين وٽ 'بمبارٽ'، تاڙي، ٽرو، ڪنٽري،
پيٽي پيٽ ڦٽي وجهي، هڪ ڊڪ هڪ ڊڪ 'هارٽ'،
اُجو سُڇو آرٽ، اُگري آڳ ڳِهيو وڃي.

وسڪي، جن، وڊڪا: ولائتي شراب جا نالا. ڊوز: (انگريزي شراب جو) هڪ وزن.
ڪي ڪلبون: (Key-Clubs)، هيروئن، حشيش: نشيداز شيون. تفتيش: جاچ، پيچا ڪاڇا.
هارٽ (انگريزي): دل. آرٽ (انگريزي): فن (فنڪار.

○

هنڌ هنڌ 'هيروئن'، پنڊن ۾ پکڙڻ لڳي،
'گهرڙن' منجهه گهڙي جڙ، 'پن ڪُشن' ۾ پِن،
دٻليون، دٻلا، ٽِن، وندجن وستيءَ وچ ۾.

○

هر جا هيروئن، هر جاڳه هيرا،
آڇن أتر ڪان ڪَريو ڪَڪرَ اوهيرا،
ڪارا ڪوهِيرا، بَر، چَرَ وڃن چانٽبا.

○

'گهرڙن' : جيو گهرڙن، خلين. پن ڪشن: تاڇني ڪڍي.
هيرا: طنز طور، هيروئن واپرائيندڙن کي ڪوٺيو ويو آهي.

وائي

ميخاني جو مانُ نہ ڄاڻن، چچ، وِچلا ويچارا،
آوارا، آوارا!

وِکُ ڇا چکندا، کوکا کِلڻا، سَچُ پَچُ سُکڻا سارا،
آوارا، آوارا!

خيرَ کٿوريءَ جي ويڙهي ۾، کِکَ کِنديڙڻ وارا،
آوارا، آوارا!

سُونهَن کڻي پَئي ساهَہ ٿڌيرا، شوق ڀَري شُوڪارا،
آوارا، آوارا!

موکِي ويٺي ڳوڙها ڳاڙي، ساري مورَ متارا،
آوارا، آوارا!

گهُوگهِي، جُنگ جيالا ڳولي، جامَ مَنگي جهُونجهارا،
آوارا، آوارا!

ڌرتي توکي ويڙهي ويندا؟ وِيرَ ڀَريا ورتارا؟
آوارا، آوارا!

ڀيلن کان بيزار زمانو، اڄڪلهہ کي اوڪارا،
آوارا، آوارا!

آوارا "استاد" ٿِين مَن! آئيندي آسارا.

●

وک: وِهہ، زهر. ورتارا (ورتارو): ڍنگ، ورتاءُ، برتاءُ. آسارا: سهارا، آسرا.

دردن دوائون

بيمارين جا پيد

○

بيمارين جا پيدَ، سمجهايو سُرتيا سگهن،
پڑهن پَنڌ نوان سنوان، ووڙن وِڃا ويدَ،
دردن جا دلدار ڪن، چندبي، چاٽي چيد.
مرد ڪريندا ميدَ، ندوري ناسُور ڪي!

○

ڏيهاڙا ڏاها، ويڳن ويڳاڙا ڪيا،
هڏن هڏَ سڃي تي روڳي راتاها،
وِهرا واءَ هڳاءَ ڪي پيارن ڏاها،
مايا جا ماها، ڪايا قهر، ڪَلور ۾.

○

دانهون منجهان دُڪَ، نِگي، روهَ رگي ويون،
صدائون صدين جون اڃان سيني سُڪ،
باهر ڪِيان ٻُڪ، ڏرتي هوند ڏُڏي وڃي!

○

سِيمر سموري سُور، سُورُ سموري سيم ۾،
اَسان جي اِتهاس جو چَمڪو چمڪو چُورَ،
ڪهڙو تارَ ڪٽئي منجهان ٻَهڪِي ڦُٽي ٻُور!
تڙپي تازو تُور، ته ڪو نُور ننڍون مچي!

پيد: راز، ڳجهه. پنڌ: طريقا، رستا. ميد ڪرڻ: ميدو آڻو ڪرڻ، پينهڻ.
ويڳ: متي ۾ سور، زهر جو اثر. وِهرا: چيڙاڪ، زهريلا. واهو پيارڻ: تڪليف ڏيڻ، ڏکائڻ (ڪوڙي شيءِ پيارڻ). ماها: قتل، خونريزي. دڪ: سٹيءِ جو پاهو، پاڪڙو (تمام سنهڙو سوراخ). تازو تور: نئين ٽهي.

○

ڏُکن ڏريا ڏِيل ڙي، پيڙُن ڪڙيا پِنڊَ!
اسين عين عذاب ۾، نيڻين ڪهڙي نِنڊ!
گهاوَ وڄائي گهِنڊَ، جاڳائن ٿا جِندُ کي.

○

پَون آنڊِين وَٽَ، ٺوڪ نہ سُيون ماٺِ جُون!
ڦولِين ڇا ٿو ڦٽ؟ وِوِيڪ آهِہ وڍيو ميان!

○

سُيون، 'ٿيلهيون' سانتِ، پَهَر پيڙ ڇَپي تہ ڇا!
ڀينگين ڀانڊِي ۾ وڌيون لوڇُون ڀاتين ڀانت،
تَپن، تَڙپن تان تہ، ڪِنجهيو، ڪُوڪاريو وجهن.

○

وِيلو، وَٽَ وَلوٽَ، لوءِ لوءِ پَٽ تي ليٽڙِي،
ڦِيٽن ۾ ڦڙڦوٽ ٿِي، ٻَنِن وٽ ٻرڙوٽ،
محلن وٽان موٽَ: "چوڏس ڪيڏو چهچهٽو!"

○

وِيلو، پيٽَ - وَلهوٽَ، "لُولُو نينگر" ليٽڙِي،
ڏِسيو ڏاهو ڏڏ چئِي: "چريائيءَ جي چوٽَ!"
سَرتا، ڀائر، سوٽَ، ڀينگئِي ڀيڙو ڪير ٿئي؟

○

نِهوڙيو نڙگهٽُ، ڪُوڙيون ڪَليُون، ڪاڪڙو،
گَلو آجو ٿئي، ڪريون گجگوڙون گهُوگهَٽُ،
تڙپِي تَنت تنت ۾، ڪَهڪايل ڪُوڪَٽُ،
ماٺِ مُنجِي مَرگهٽُ، متان مفت مري وڃون!

عين عذاب: خاص عذاب، رڳو عذاب. وويڪ: ضمير. 'ٿيلهيون' : (گلوڪوس وغيره جون بوتلون، ڊرپس). مَرگهٽ: موت جو گهاٽ، مساڻ (مقام).

○

گهُٽيا گهِٽَ خُناقَ، نِپوٽِي سَرلِي نِڙي،
ڇوڇي ڇَنِ ڇڏي اها آنڌاري اوطاقَ،
جاڄ جتي ترياقَ، پهچ جتي پوئواريون!

○

نزلو، ناسُون سُڪ، واسُ، وڪوڙيو ڇا وٺي؟
لوءِ لوءِ ليس لڳي چڪو، ٺوهئي ٻڌي ٺُڪ،
مُلڪين مَهڪون ٻُڪ، هِيرون ورڇينديون وتن.

○

نزلو، ناسُون، بَندُ، بُوءِ سُنگهي ڇا ڀُونءِ!
گهچلي واچَ کِنديڙيو گهٽئين، گهاٽين گندُ،
لڳي ڳنڌُ، سڳنڌ، ساڳي ڳالهه سماج کي.

○

نزلو، ناسُون بند ٿيون، مَهڪ سنگهي ڇا ماڳ!
ويڙهي کي ويراڳ نه ته چَمن سارو چاڳُ.

○

واهُون وهمن روڪيون نه ته راهون ڳائن راڳ:
ڀليل، ناهي ڀاڳ، بدبو، خوشبو ڪوششون!

○

ڪوڙهيو ڪُوڙ چُڙي پيو، پيَس چيلهِ چُٽا،
ڦڦڙيس ڦٽ ڍڪڻ سان، ڇُپيا ڪين ڇُٽا،
ڦيڦي منجهه ڦُٽا، اندر گَندَ وِرُون ڪري.

خناق: گلي جي بيماري. نپوٽي: گهُٽي، نپوڙي، مروڙي چيپاڻي ڇڏي. ترياق: اڪسير، اوتار.
نزلو: زڪام، اکين ۽ نڪ مان پاڻي اچڻ. گهچلي: گندي، ميري. ڳنڌ: بُوءِ.
سڳنڌ: خوشبوءِ.

○

ڇَپر ۾ ڇاليوُن، ڪَجل، ويڄُ ڪُڌو وجهي،
ڌاران هيجَ حبيب جي، اکڙيون اٻاليون،
الا، هي آليون، اُگهي ڪير اُنهي بنان!

○

اوندهہ ۽ اَنڌاڻِ، پکڙي ساري ڏيهہ ۾،
ٻيڙي ٻوڙي جُوءِ جي، ٻاٻن جي ٻوڙاڻ،
گگدامي گُونگاڻ، رهندو رَنڀَ وڌيڪ ڪئي.

○

”آڄُ جي اکِ اُٿِي“، ڀُومِي، ڊوڙ، بِلو ڪجي!
سُکي ڪين سُتي تَتي، لُونءَ لُونءَ منجهہ لُڇي،
ڪائِي صحت سُتي؟ ڪوئِي ٻُڙو ٻُوجهہ جو؟

○

تَر ۾ تاپولِي، سَرءَ، سِيم سَڙهي ڇڏي،
سيئي ڏڪڻِي، تَپُ، تَئہ، ڇَن ڇَن ڇاڇولِي،
ڌرتي ڌانڌولِي، ڏڏَن ڏنڀ وَڏا ڏئِي.

○

ٻاهر بَئونٺ بدن تي، اَندر باهہ بَٺو،
ڪَوڙو ڪَٽُ ڪسابَ، جو ڪَليُن منجهہ ڪَٺو،
صديون ساهَہ سَٺو، هاڻي هيجُ حبيب ڪو!

ڇاليون (ڇالي): اکين جي بيماري. ٻاٻن: وڏن (ڀوتارن).
تاپولي: تپاولي، سرءُ تپ جي هلچل. بئونٺ: بخار، تپش، هلڪي ڪڻس.

○

ٻاهر ٻَڙهه ٻَرن، اندر ڍانڍَ، اُلاَ!
مٿان ماٽَ مِهر سان، ٽانڊا ڪيئن ٽرن؟
تڏهن ٽَپ ٽرن، جڏهن هيجُ حبيب ٿئي!

○

جهوراڻي جي جِهيڻَ، جهوريندي هوري رهي،
ٻرو ٻِيڙ ٻيڻ، هلڪي ڪڻس هلي ڪري.

○

ٻاهر ٻَرن ٻَڙهه، ڏِسيو ڏِيل ڏريو وڃي،
هنئين اندر هَڙهه، انهيءَ کان اونها گهڻا.

○

ڳاراڻن جا ڳڙهه، جيڏا، منهنجي 'جِند' ۾!
ڄاڻو، ڏاها، ڄَڙهه، ڪڏهن پٽبي 'ڪوڙهه' جي؟

○

مٿان نمڪ ڇَٽ، هيٺان ڦڦڙَ ڦَٽ،
انهيءَ کان ته اُڦٽ، ماري، مارين ها چڱو!

○

مٿان ٻَڌل پَٽَ، هيٺان ڇُپيل ڇَٽ،
ساٿِي ماري سَٽ، ڪِکون کوليو ڇو نه ٿا؟

○

هُڳاءَ – مُنهان هَٽ، ڀانڊا بَدبوئين ڀريا،
سامهون مُنجهن ڄَٽ، ڄاڻُو مَنجهه سُنگهيو ڀَڄن.

ٻڙهه ٻران: تيز تپ، تپ جا ڪَهڙ. ٽپ ٽرن: زخم ڀرجن. جهيڻ: جهيڻو، هلڪو تپ، سنهو پر نه ڇڏو تپ. پَٽ: ريشمي پٽيون، ڏيکاءُ. ڇَٽ: ڌپ، گندي بدبو.

○

ڪَل اندر ڪُوري، ٻاهر خوشيون خوامخوا،
تون چا سمجهين تانگهڙا، مَن جي مجبوري!
نُڳرا ناسُوري، گهاوَ اسان کي گهُرج جا.

○

ڦوڦيندا، ڦُرڙيون وڏي، ڦُندِي ٿيا ڦوڙا،
رڳون روڳ لڳيون، سُنديون ڳنڍيون ۽ ڳوڙها،
جهاپا جهُور جراح، ٻيا ٻوڏا ۽ ٻوڙا،
ڏُک، ڏجها ڏوڙا، 'سڃڻ سَرجن' هيج ڪن!

○

بستيءَ جي بستي، بيمارين ويڑهي وتي،
سهسين سائِيءَ زهر ۾، سَون کي سَهڪِي،
ٽوٽر ٽولهه ٽَنين کي، ٽُوٽين کي ٽي ٻي،
'شُگر' شامل عيش سان، پين سان بي پي،
ميڙي کي مِرگهي، جهاپُو چئي: "جهومي پيو!"

○

ڪَل اندر ڪُوري، ٻاهر خوشيون ڪوڪليون،
سپنا سيج سُتا تہ چا، ساڃيان کي سُوري،
پيڙن ۾ پُوري، چوري چيجَ وجهي تہ چا؟

○

ڳڙهَ، لڪايو ڳَڙَ، نعرو مارين "نوبنو"،
ڏارُون تنهنجي ڏيل ۾، پاندِي ۾ پايَڙ،
جهُريل جُڙتو جَڙ، سَڻون سهندِي ڪيترو!

ڦوڙا: ڪڙ، وڏا ڦٽ. جهاپا: جهانورا، ٽمڊا، ٽرڙا. ٻوڏا: موڪا، بي سمجهه، معمولي، جهڙا تهڙا.
سائِي: ذرڪان، ڪامڻ. سَهڪي: سهڪڻي، دم ڪشي. شُگر (انگريزي): مِٺن پيشابن جي بيماري. بي پي: بلڊ پريشر. جهاپُو: ڪر نظر، اڌ آندو. نوبَنو: تازو توانو، تمام صحتمند، سپ ٽيڪ. پايڙ: وڏا سوراخ، ٽنگ.

○

فِکرن کي ڏُرڙيون، ناسُوري نکرڻ لڳيون،
گھمندیون گھٽين ۾ وتن اڻ - روکيون اُڙيون،
دِيدَ پري دُرڙيون، بيماريون بُڇڙيون ڏِسي.

○

مِڙي مامُوريون، پکڙيون پائُرَ پَٽ تي،
مِڙئي مجبوريون، اُٽيون مُلکَ مَليرَ تي.

○

بُرجَ، پتيون بوکرَ، پِندِي پاپَ پناهَ جا،
ڏڙکن هانوَ دَرن جا، ڪَنبن ڪُنگرن ڪَرَ،
اُٽن پيا اوڙَ، ٽنيا، ٽاٽا، ٽَرٽلا.

○

هيڏِي جھڙپَ جھپيتَ، هرکو هانءُ هَجِي پيو،
ڪيڏِي لُڪَ لڀيت! ڪيڏِي جَلَ جھُڳن ۾!

○

سو تون صحت مَنڊُ، جي تون پرينءَ پَندَ سين،
سوچي وٺ جو صُحبتي چَون چڱا چنڊُ،
رَمڙُ اُهوئي رندُ، جيڪو سَتُ سگھو ڪري.

○

(اُڙيون: (ارڙي) ماتا جي نموني جھڙي ٽگري بيماري. ڏُرڙيون پرڻ: خوف، نفرت يا ٻئي ڪنهن جذبي کان جسر جو جھنجھڪڻ، ڇرڪڻ، لرزڻ. مامُوريون: وچڙندڙ ۽ مهلک بيماريون. پَند: صلاح، نصيحت.

وايون

هونئن تہ هرهنڌ سُور سجهن ٿا-
دردن جا هِت دُنّ، الاڙي! دردن جا هت دُنّ!

اولهہ، اوپر باهہ هري پَئي،
پوندءِ ملي پئي پُنّ الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

دُک سُک ۾ دِن رين نچائي،
ڏرتي تنهنجي ڏُن، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

گونگي ڏرتي، گونگا ڏونگر،
گونگن ۾ ڪي گُن، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

اک ۾ آنسُو، تَن تي طعنا،
چئ تہ چَلهي ۾ چُنَ، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

بهلائڻ سان يار نہ پربا!
تُنبيل دل جا تُن، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

اُلري رُڄ اڻي، اُڄ ڪُوڪي،
سُڄَ نہ سمجهو سُنَ، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

مس مس مارا، تنهنجا لاتا،
منهنجي مارُن مُنَ، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

جنهن ڏاريو احساس "بخاري"،
اُڻ تڻ ماڻِي اُنَ، الاڙي، دردن جا هت دُنّ!

•

دُنَ: مرڪز. دِن رين: ڏينهن رات. پُنَ: پَڄ. بهلائڻ: پرمائڻ، وندرائڻ. تُنَ: سوراخ. ٽنگ. سُنَ: ماڻ، چپ، بي حس. مُنَ لاهڻ: گهٽتائي ڪرڻ، زور گهٽائڻ. مانَ لاهڻ.

•

جيئڻ ڪارڻ جهَتَ،
سياڻا مازن سَتَ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

پاپي، پاڳل، چئي بَدن،
ڳيرو ٿوڙن ڳَٽ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

پيارَ پتوڙي پاڻ کي،
پِندو، لَتا – پٽ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

جهُولن ڏِيل جلال ۾،
ڦُولن وانگي ڦَٽ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

او، چو، ڪاچي، ڪچ ۾!
چو چي، ايڏي چَٽ؟ ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

هِيءَ جا هِير نئين هلِي،
خوشبو تنهنجي ڪَٽ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

آزادي، "استاد" ها،
پنهنجا آڃا پَٽ، ڏاڍا، ڏِيل ڏَنيينِ لا!

•

لتا – پٽ: جوش ۾ ڪپڑا پٽڻ يا ڪپڑا ڦاڙڻ. چوچي چٽ: بيڑي بانس، بيڪار بدبو.
ڪٽ: سوپ. پَٽ: ميدان، ماڳ.

•

هڪڙي گهَر آزار هزارين، ٻئي ۾ عيش اپار،
توريو توراڙو.

ڀُونگا ڀُنءِ تي بار بڻيا، يا بنگلا آهن بار،
توريو توراڙو.

ڍاتي ڍِنگر ڍار گذارن، پاپيءَ پهريدار،
توريو توراڙو.

ڏاڙهن ڏاڍَ ڏهاڙي دَر تي، ڀَونڪن بيت ٻه چار،
توريو توراڙو.

ٻوڙا گهوڙيسوار، الاڙي! گونگا دڳ، دُوارَ،
توريو توراڙو.

بيٺا ڪَن اغيار بَغاغا، اورن يارَ عَيّار،
توريو توراڙو.

آءٌ ۽ آهُون آر لڇون پيا، پريَم تڙِپيا پار،
توريو توراڙو.

اونداها اوڙاهه گهڻا، پر، چوراها چمڪار،
توريو توراڙو.

دوار: گهر، لنگهه، در، ديس. بغاغا: بغاوت، دنگا فساد، گوڙ، شور.
عيار: مڪار، دغاباز. مار: نانگ. آر: درياءَ جي اورئين پاسي.

سِيم نوان سينگار ڪري پَئي، آئينا آثار،
توريو توراڙو.

ڪالهه لڪاسين ڏونگر - ڏَر ۾، اڄ آڪاسَ پسار،
توريو توراڙو.

آجهاران انڪار "بخاري"، اوراران اقرار،
توريو توراڙو.

●

آثار: نشان، اهڃاڻ. ڏونگر - ڏَر: جبل جو غار. پسار: سير، گشت.

روئڻ ۾ به رهاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

دل ۾ درد ڇَپيو ڇو ڇيڪي؟
اکڙين ڏانهن اُماڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

جهڙو سانجهيءَ ڏاري صحرا،
اهڙي آءٌ اُباڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

پورائيءَ ۾ پال ڪٽي ڏي!
اوڳي، ٽيءُ نه اجاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

اڻ ترٽو آواز اٽاري،
چيڄن ۾ چڪتاڻ، او پينر،
بعضي بعضي!

مرضيءَ جو مختار "بخاري"،
ڪيندو آهي ڪاڻِ، او پينر،
بعضي بعضي!

اُباڻ: اِباڻڪي، اداس، ويڳاڻي. ڪاڻ: غرض، محتاجي.

•

هوڏي ناوَ ڪجن، وو، هيڏي هانوَ هجن.

ڪوڙا مينهن وسي پيا، ننگا نينبهن نچن، وو ...

جيئن ٽا چاهُ چٽو ڪريون، تيئن ٽا مَچ مچن، وو ...

ڳاڙها ويس، مَٽا رَتا، رينا رَٽ اٽن، وو ...

سوريهه ماريا گهير تي، ڪانئر ڪيئن بچن، وو ...

ڪٽين ڪيرا ڪونگهرا، پَٽين خواب گجن، وو ...

گهوريم جانِ تَني اُتان، جن کي جَن نہ ڪَن، وو ...

او شل، روشن آسرا، چيري ڏُنڊ اچن، وو ...

شايد اپـل، الول جا، پولا هيلهه پچن، وو ...

"استاد" آجي دَور جا، در در ناد وجـن، وو ...

•

تانءَ ڪجن: تالا پڪارجن، تالا لڪجن. رَٽ: گاڏي، جنگي گاڏي، بڙچين لڳل گاڏي.
ڪيرا: (خيره) ساٽا، بي سَتا. اپـل: نظربندي، تابعداري. الول: بيماري، چريائي.

•

باھہ وِچائي، نانگ، بَچائي، چير بَدوَ چَمکايان!
چا چمکايان؟

ھو کجھہ ہوڑو، مان کجھہ گونگو، سپنو پيو سمجھايان.
چا سمجھايان؟

ھُن وَت ڦَٽکا، مون ھَٽ، گجرا، ڦھکائي، ڦھکايان!
چا ڦھکايان؟

روڑن رَنگ، کلائين خوشبو، پيلاٽا پھکايان!
چا پھکايان؟

کَک خزائون، کِک ھوائون، موسم کِي مھکايان،
چا مھکايان؟

جنّت جُوءِ، جھنّم پولا، مُونجھارا مرکايان،
چا مرکايان؟

گھنگھَر گھيرنو چاھُہ "بخاري" آءٌ چوان چمکايان!
چا چمکايان؟

•

پيلاٽا: گھٽن وڌن، گھٽن پيلن وارا ھنڌ. **کَک:** تمام پوڑھيون، کراڙيون، جَنھر جھوَر.
کِک: بانساريون، بدبودار. **پولا:** پَلون، غلطيون، وسوسا وھر.

اندر ئي انسان، اندر ئي حيوان

o

آندر ئي انسانُ، اندر ئي حيوانُ،
شيطان ۽ رحمان، ماڻهو پاڻ بڻيو وڃي.

o

اندر اوت زهر جي، اندر ئي اوتارُ،
مَدو سوچڻ مارُ، سُوڏو هارُ سُڌارُ جو.

o

طبيعت ئي وِهُ وڌو، طبيعت تَرياقُ،
نفرت مان ناچاق ٿئي، چاهت وچان چاقُ.

o

عيدون اندَر ۾، پلجن، پکڙن، پُورجن،
پنهنجي ئي پَر ۾، ماڻهو ميلو، هيکلو.

o

جلوا، جوت، جمال، ڏِسيو ڏوسو ڏَنيجي،
ايڏا زهر زوال کي، جيڏا کِرت کمال،
خلق پسيو خوشحال، حاسِد هانءُ جَليو وڃي.

o

بي چيني، بيمارَ، چولي، چاچر ٿي لُڇيا،
هُوڪَ ٻنهي ۾ هيکڙي آچارا آزارَ،
آچارَ ۽ ويچارَ، سُرپُر سِيمَ سَڄي ۾.

مدو: (منفي) سوچڻ. سُوڏو: (مثبت) سوچڻ. نفرت: (منفي نفرت).
چاهت: (مثبت چاهت). آچارا: وهڪرا، گهيرا.

○

بعضي بزدل ڊَپُ، بعضي ڪُونڌُ ڪروڌُ،
لرزي نوڙُ للهنگ ٿئي، اُلري سُورهيہ سَپُ،
ڪاٿي قلم ڪَپُ، ڪاٿي ڪُندري اڳنٽي.

○

موسم ورتو محرقو، وِڦلي پيو وايو،
بيهوشي بيجا بڪي اوڇڻ اڇلايو،
سِياڻا سعيو! بِگڙي ساک بنائجي!

○

چاهتِ چيهاڙي، چاوَت باز ٽِڙي پوي،
ٺاري هانءُ ڪٺورتا، سُندرتا ساڙي،
ڇِيهڙ ڇيڇاڙي، اوڇو اَنڌُ، بَڇون ڪري.

○

ٿَهڪِي 'ٽوڪَ' ٽِڙي، مجبوريءَ جي 'مُونجهہ' تي،
جيئن جيئن کستوري کِجي، تيئن تيئن خارُ کِڙي،
ٿَهمُر ڇو نہ ٽِڙي، ٿَڦڪِي، ٿَڦ هڻي ڪڍي.

○

زوري روز رُسين، پنهنجي پَرتي پيار کان،
مُنجهي صبح مُسي وڃين، سَهمي سانجهہ سُسين!
ڪوٺيو رنجَ ڪُسين، کوهيو کِينءَ جهِڄين، ميان!

ڪروڌ: غصو، ڪاوڙ. محرقو: سخت تپ جو قسم. وايو: واچ، وايومنڊل.
چاوت باز: دغاباز، دشمني پاليندڙ. ڪٺورتا: سنگدلي، سخت طبيعت. ڇيهڙ: لڇن، گمڀيرتا، بردباري. اوڇو انڌ: بي ڍنگو، بي واجبي ظلم. ٿڦڪي: پيار ۽ دلاسي واري ٿڦڪي، پٺي ٺپرڻ يا منهن تي پيار ۽ دلجاء جو هٿ هڻڻ. کينءَ: خيريت، صحت.

○

چيري، ڦاڙي چاهہ کي، چرچا ڪري چاتَ،
ٺاري هينئون ٺاٺُ ڪو، جلاڻي جذبات،
واهياتن جي واتَ، ڪيئي تِير ڪشي هنيان.

○

ڇاتيءَ کي ڇاڪاڻ، ڇلين ٿو ڇڪتاڻ سان،
ٻَهڪين هڻِي ٻُوجهہ کي، ٻُڏتر سندا ٻاڻ،
ميان، مونجهہ نہ ماڻ، ڏيئي، سنسا سُونجهہ کي!

○

ڪُک هڻي ڪاتي، اُن کان اڳ ۾ کولِ اکِ!
مان تُون، تُون مان، اَئنٿرا، جاچي وجهہ جهاتي!
ڇليندي ڇاتي، پنهنجي، پَنبين، ڇا چوان!

○

پيڙين پنهنجو پاڻ، ڇو ٿو خامَ خيال ۾!
احساسنِ ايذاءَ ڏئي، ڇيڙين ٿو ڇڪتاڻ!
سرچي سُورنِ ساڻ، ماڻِي زوريءَ مامرا.

○

آرزوءَ آزارَ، پو بہ، صلاحون سانت جون؟
مُرادون مانڌاڻ ۾، مَن ڪاٿان ماٺار؟
ڪاتِي منجهہ ڪپارَ، سوچون ڪيئن سُڪون ۾!

○

ڪيتر چَپ - ڀڪوڙَ؟ ڪيتر پيٽَ - وَلهوٽَ؟
ڄڀي ڄِڀ نہ ٺِنڀ ٿئي، ٻِٺ ڪٿي ٻَرڙوٽ،
ٻيلي، ٻاٿُنِ اوٽ، لاٿُون ڪير لَٽي سگهي!

چات: چاوت، دشمني. ٺاٺ: دٻدٻو، شان شوڪت. ٻَهڪين: خوش ٿِين.
ٻُڏتر: وسوسا، دل من هڻڻ جي حالت. سُونجهہ: تلاش، جستجو، ڳولا. اَئنٿرا: ڏِنگا، جهيڙاڪ.
پَنبين: ٺينگ ٽپا ڏين، نچين. چَپ - ڀڪوڙ: سُورَ پچائڻ لاءِ صبر ڪرڻ واري حالت.
ڄڀي: شعلو، باهہ.

وايون

اکڙيُنِ آلو،
تارُونءَ تالو،
پريَم تون پُورالو، چَئہ چئہ!

پيارُ اَگهامي پو پَئُن ٻارهن، چَوپڙ وارو چالو، چئہَ چئَہ!

سِٽَ سِٽَ سُرَ ۾، پَد پَد گُرَ ۾، بيٽُ ڀلي بيتالو، چئہَ چئَہ!

گَهَنگَهَرَ گهيريو گائُون گائُون، گُونگن جو گؤشالو، چئہَ چئَہ!

گهُور تہ گهوٽيان، ڳاءِ تہ ڳاريان! گُوندر جو گهوٽالو، چئہَ چئَہ!

وايُون يا واويلا سمجهو، نغمو هو يا نالو، چئہَ چئَہ!

پيار وڏو آزارُ سڏين ٿو، ڀاڪُر ڀَل تون ڀالو، چئہَ چئَہ!

دِل ڀَرپُورُ تہ بَرٿُو ميلو، پورو پيارُ تہ پالهو، چئہَ چئَہ!

مَت وارو "استاد بخاري"، محبت جو مَتوالو، چئہَ چئَہ!
پِريَم تون پُورالو، چئہَ چئَہ!

•

پورالو: پورن وارو، سودائي، چريو. پئن ٻارهن (محاورو): سڀ سٺائي، سوڀ.
گائون گائون: ڳوٺ ڳوٺ. گؤشالو: ڳائين جو واڙو. ڀل جان: ڀلي (اتر سنڌ).
برٿو ميلو: ڀريل ميلو.

•

سُونهَن، سِڪڻ جِا سُورَ پرين!
سَچُ پَچُ ڏِين سُرورَ پرين!

گُوندرَ سارا غارُ ٿِين جي، گهاگهائي ڪَن گهُورَ پرين!

دَهندا، نَهندا وڌندا رَهندا، چاهہ نہ ٿيندا چُورَ پرين!

جَهڙي سوچَ، سچائي اهڙي، ٻُوٽا تَهڙا ٻُورَ پرين!

پُورَ اَنڌارا، پُورَ سِتارا، پرهہ بہ پَنهنجا پُورَ پرين!

آءُ سڻاوا واوَ گهُلايُون! ويلَ ڪريون وَهلُورَ پرين!

جهُوپي جهُوپي جَنّت بنجي، هرڪا ناري، حورَ پرين!

مَتِ وارا مُختارَ "بخاري"، ماڻهو ڇُو مجبورُ پرين!
سَچُ پَچُ ڏِين سُرورَ پرين!

•

گهاگهائي: للڪاري، اڳتي وڌي، خوش ٿي.

ڏاڍو ٿيو ڏکندو

o

ڏاڍو ٿيو ڏُکندو، جَنهيو جِند جهليو وڃي،
جيسين پنڌو پيڙ ۾ تيسين پيو جُکندو،
ڪوجيءَ کي ڪُکندو، ايڏو سُور اُڏو ته ڇو؟

o

ڏُکندا، ٿيو ڏاڍو، ڪميو ڪِينءَ ڪنيون وڃين!
ويجَ، بنيو واڍو، آرُ چڏيو، آرو وجهين!

o

هر صدمو هاڻو، لُوهيو چَين لُٽيو وڃي،
مسئلا ماڻهو، اچي اٽڪيا پاڻ ۾.

o

'دِل – هڪو' ڏاڙيلُ، ڪهڙي وقت به ڪڙڪندي،
سارو ستُ ڦُريو وڃي، ڪُوندن ڪارڻ ويلُ،
حڪيمن کان هيل، دل جي ڪاڻ دوا ٿي.

o

پيڙون، چُڙن پنڌَ، ريهون، ڪيهون راڄ ۾،
گهٽين ۾ گُڙندا وَتن، گهنگهر ڪنيون گهِنڌَ،
گهر گهر نشو، نِندَ، وتن ويج وندون ڪندا.

ڪوجي: جاچيندڙ، ڳولا ڪندڙ (ريسرچ ڪندڙ). ڪُکندو: سُڃهندو.
ڪيڻ: خيريت، تندرستي، صحت. آرُ: پيار، محبت. آرو: ڪَرت. هاڻو: ڏاڙيل، لوڙائو.
دِل – دهڪو: دل جي دهڪي جي بيماري.

o

دردَ، هنيون ڏاڙو، صحت، سَگهہ سڙهيو وڃين!
اڇڪلهہ اِن آزار ۾ آڙو ۽ پاڙو،
آهنجن آکاڙو، اڇي اڏيو اوڏاڙو.

o

ڪائو يُونءِ يلي، ييئو، ڳاڙهي ڳُڙ جِيان!
ڳري پوندوَ ڳلڦڙا، مُوذي مرض مَلِي،
اڳتي آنت هلي، ڦيڦا، ڦڦڙ ڦاٽندؤ!

o

وچڙندڙ ويڙهي ويا، پاڙن جا پاڙا،
ڏرتيءَ تي ڏاڙا، هر هر درد هٽي هِريا.

o

وَنگيو آجا انگ، موذي مرض مزا ڪرين!
لاڳت لک لڳيو وڃي، وجهين وڏا ونگ،
سَگهيا جَن جا سنگ، پريو ڏنڈُ بچيو اڇن.

o

تَر سين ٿي تادي، بيماري بُڇڙي وڏي،
ٽڙڪي ڏَڙڪي درد ڪان، هَر نَر هرَ مادي،
ڏڏَن خوشي ڏيبَ جي، بَرٽر بربادي،
وڪوڙي وادِي ماموري، ماها ڪري.

o

ڪينسر ڪاتڪُو، جنهن تي ڪڙڪي ڪُوڪريا،
وڙهن ويري، واهرو دَر دَر دُوبَدُو،
آلا، آرڙُو! او، تو ڪو تہ علاج ٿئي!

مَلي: گلي جي بيماريءَ جو قسر. وادي: خطو. ميدان. ماموري: وبائي بيماري، وچڙندڙ بيماري.
ماها: قتل غارت، وڏي مصيبت. ڪينسر (انگريزي): سرطان جي بيماري، ناسُور.

○

’ڏَهڪو‘ جِت ڊاڪُو، سَهڪو تِت، سُڪون ڇا؟
منهنجي مَنَ جي ماڳ تي، تباهيون تاڪُو،
موڳا ناڻي موهَہ ۾، حڪيم ۽ حاڪُو؛
ڪئنچون ۽ چاڪُو، ڪٽڻ ڪاڻ ڪٺا ٿيا.

○

ڏاها جڪرا جُوءِ جا، يا لاڪا لوڙائُو؟
ڀلائي ڀُون گول جي يا ڪَنڊن جا ڪائُو؟
مُوسيٰ، مِن، مائُو، يا نيرو، نادَر، سامري؟

○

مڃون ٿا دل – ديسَ مان وئي وديسي وائي،
سائِي، اُلي سيم ۾ سَمراجي آئي،
ڄَر مئي، ڄَرَ ڄائي، آسان ساڳيا آگ ۾.

○

ڏَهڪو: دِل جو دهڪو. سَهڪو: سهڪي جي بيماري. لاڪا لوڙائو: لاڪو ڦلائي، جو لوڙون بہ ڪندو هو. موسيٰ: حضرت موسيٰ. مِن: هوچي مِن. مائُو: مائوزي تنگ. نيرو: روم جو ظالم بادشاهہ. نادر: نادر شاهہ. سَامري: جادوگر.
سائي ۽ اُلي: بيمارين جا نالا.

وائي

سُورُ ڏِي سُورَا!
سُورُ ڏِي سُورَا!
خيما وينو كوڙِي، سُورُ، جايُون پيو ٿو جوڙِي سُور-
سُورُ ڏِي سُورَا!

چَڪِ چَڪِ كي چَمكايان پيو پَر رڳ رڳ كي ٿو روڙِي سُور-
سُورُ ڏِي سُورَا!

نَنهن كان چوڻيءَ تائين سائين! وينو سَنڌَ وَكوڙِي سُور-
سُورُ ڏِي سُورَا!

لَهر لَهر چاڇولي حِيلا، سوچون، سعيا هوڙِي سُور-
سُورُ ڏِي سُورَا!

آئيو ڪو اوتارُ "بخاري"، تاكِي تاكِي ٿوڙِي سُور-
سُورُ ڏِي سُورَا!
سُورُ ڏِي سُورَا!

●

اوتارُ: زَهر جو ٽوڙ، تریاق.

ڍوليا ڊاڪٽر

○

ڍوليا ڊاڪٽر، ڳولا ڳوٺ، ڳليون سندءِ!
ڪلا واريون ڪِلنڪون، دارُون ڊَرمل دَر،
اکيون تنهنجون ايڪسري، آڱريون آڌر،
مَشورا ماهر، کاڌا، ڪِريون، قاعدا.

○

ڏاها ڊاڪٽر، هيڻن جا همراهہ،
سنگهيو سڃاڻيو سگهين ساوا، سُڃا ساهَہ،
آتيتن جي آهَہ، توکي تڙپايو رکي.

○

ڏاها ڏاڪدار، دردوَندن جا دوسَ!
جَتَنَ اُتنِ تون ڪرين، بدنَ جي بيمار،
واهر، وَسَ، دَوا، دُعا جانِي جيءَ جيار،
حيلا، هيجَ هزار، صِحت قدرت ڪارِ ۾.

○

ڍوليا ڊاڪٽر، غريبن غمٽار!
ڏِسيو ڏِيل ڏسيو، سگهين اندر جا آزارَ،
تو وٽ سازِ سڀن جي، سکڻا، ساهوڪار،
ڪهڙو ڪُنبو، ڪُڙم پر بيوس سڀ بيمار،
انساني اطوار، توکي طِبّ ڏئي ڇڏيا.

ڪلا واريون ڪلنڪون: ڪارائتيون، ڪامياب اسپتالون. **ڪِلنڪون (انگريزي):** اسپتالون.
ايڪسري (انگريزي): جسم جي اندر فوٽوگرافي ڪندڙ مشين. **آتيتن:** سڃن، ڪنگالن.
دعا: نيڪ خواهش.

○

جُٿو جاچ جَرّاح! پئي پُونءِ پِنڊي ۾،
وَڍڻ، ٿُڪڻ ويڄ کي موڪل آهہ مُباح،
سعيو سَنجهہ، صُباح، چيٺي گهَاوَ چڱا ڪري.

○

نوان ويدَ نهار، نوان دَرد، دوا!
ڪِٿي واسَ وَسنتي، ڪٿي واءَ وَبا،
حيلا ڪوڙ ڪَبا، پاپي پيڙ پلي بہ ڇو؟

○

تازا دَؤر طبيبَ، تازي طور دوا ڏي!
موذي مرض سمي کي، قهري گيس قريب،
اتي هرجَ هزارها، اتي هيج حبيب،
تنهنجي ريتِ عجيب، ويرِي، واهي ويدَ تون!

○

هيٺا ڇَڏِ حجابُ، حاذقَ هَڏِ نہ الجي،
ڏُڄڻ منجهہ نہ ڏيج ڪو، سڄڻَ سَل عذاب،
جنهن جو ناهہ جواب، سو ڪو سوال سُجهي نہ ٿو.

○

هيٺا اورج حالُ، سڄڻ سُور نہ سانڍجي،
هڪڙو پنڊو پاهہُ ٻيو پل پل پوُرنِ- پالُ،
هڪڙو کيجن کوٽ ٻيو قربن ڪٽن ڪالُ،
ڀائرَ ڪريو ڀالُ، مڙئي مرض مُڇائجن!

جراح: وڍ ٽڪ ڪندڙ، سرجن. ويد: حڪيم، ڊاڪٽر. منجهہ: ڳجهہ، راز.
پورن پال: پور پاليندڙ، سوچون ويچار ڪندڙ. کيجن: مزن، خوشين.

o

هيڻا سلج حالُ، حاذقَ رازُ نہ رکجي،
تنهنجو سارو سالُ، هُن جو لمحو هيڪڙو.

o

حڪيمن هنڌ هنڌَ، ڪيئي ڪوڙهہ ڪڪوريا،
چيٺڻ سان چڱا ٿيا گوڏا، ڏوڏا گندَ،
سعيٻي ڪندي سَنڌ، سُڪا، ساوا ٿي چُڪا.

o

تون جي تَرَ طَبيبُ، سوچي سَتَ سُتي ڏي!
جاني، جيوَتَ، جڳَ جي، زهري زنگُ قريبُ،
هڪڙو 'غور' گهڻو غني، هڪڙو غرق غريبُ،
هارجِ نِرهہ نصيبُ، پيارج اَوجُ اُجامرو!

o

جاني، جوت، جمال سان جيوت ناهہ جنجال،
محبت، مَڏيون، مالَ، هجن جال هميشه جي!

o

عجيب آهِ، علاجُ، دُنيا، دردَ غريبَ جو!
اَگهو عام اجا گهڻو، سَگهو ڪيئن سماجُ؟
راهوُن رَدُ رواجُ، واهون بند وڙول جون.

o

گهِٽيون، گهاٽَ اگها، ڇَپَرَ، ڇَنِ سگها ڪئين؟
ڏورج، ڏيهہَ- ڏگها! سوچِج، سيِمَ سڄي ڪري.

o

ڏاها، ڏَسُ ڏيو ڪو، پنڊِي ۾ پيڙون!
چَڳُون چيهاڙيون ٿيون، رَڳُون سي ريِڙون،
لوڪو، ڀِڪوڙُون، سُکُ سمهون ڪئين؟

o

ڪُري ڪَينسر، 'سُپر پارو' سوچيو!
ڪوڙهيو ڪلرَ ڏرت کي، سهڪي کي ساگر،
فضا، زهري گئس سان وڪوڙي ويتر،
ڊوليا ڊاڪٽر! ڪاروُن، داروُن، ڪوششون!

o

ويجَ وجهوُن ووڙوُن، ڳوليون سَتَ سَگهي کي!
گوليون، گئسون، گندگيون، گجڪارون، گوڙوُن،
اڳ نہ سمِي، سيم تي اِئين اهڙيون سوڙهون،
لوءِ لوءِ تي لوڙون، ويدو! لوڪو! ٽوڙُ ڪو!

o

ڪُري ڪينسر: دنيا کي ناسور لڳو. سپر پاور (انگريزي): تمام وڏيون طاقتون.
ٽوڙ: اوتارُ، ترياق.

وايون

دَردَن لاتي دَڙ او، ووڙيو ويدَ، وِڃائون!
او ويدَ وڃائون، دوستَ دوائون!

چتڙيُون چولا، ليرُون لويون، پَٽ پَٽيهَر پَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

انسانِي احساسَ ڏکيندا، انساني اوگهڙَ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

بَنگلا هوندا پَڙگ برابر، يُونگا ڪاٽي پَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

هِي ڇا کيتَ بُکارا، هِي ڇا، تاسارا تَڙ تَڙ او؟
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

ڏاڏائيءَ جا ڏِيل ڏِسو ٿا: پنيَ آندارِي بَڙ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

ڪاٽي ڪُنَ ڪِنارا، ڪاٽي، اوتارا آوتڙَ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

ڇو ٿا يُونءِ بَدنَ تي ٻاريو، بَمن ساڻ ييڙ او،
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

هيڏو سُورُ "بخارِيءَ" اوريو! هي بہ تہ هڪڙي هڙ او.
ووڙيو ويدَ، وڃائون!

●

پَڙگ: مضبوط، هوشيار.

•

ڪنهن ڪنهن کاڻ ڪُڇان؟
ڪنهن ڪنهن لاءِ لُڇان؟
ڏاها، ڏَڏُ ڏيو، (مَتان) پاڇَل ٿِي نہ پوان،
جُنبَش، جوش، جُنون ۾، ڏُنڊ ڪان ياڪِ ڏُکان؟
روئڻ ريجُ ڪرڻِ وجهي، هَئہ هَئہ هَڙهہ وَسان!
واڪا واهَہ پَٽين مَن! ڪُوڪان ڪِيئن نہ ڪيان!
سهڪِي ساهُ سرِي ڪري، لاڙيُن لاءِ لُجهان!
چيخان گورک تي چڙهي: ايشا آمُن، امان!
اوٽِي، آنور وانگيان، مان چو مُفت مَران؟
سانگِي سڪتِي سانت ۾، باقي ڪيئن بچان؟
سُرپُر آسَ، نراسَ ۾، اُڻ تُڻ ساڻ سُٽان!
"استادَ" عِشق اُمنگ سان، چو چا چرکَ چنان!
ڏاها، ڏَڏُ ڏيو، متان؟...
پاڇَل ٿِي نہ پوان!

•

ٿورک: جبل جي چوٽي، کيرٿر (ضلعو دادو). اوٽو: نماٿو اوٽو. آنور: پروفيسر انور علي.

●

ڏينهان ڏنيجان،
راتيان رَڏجان، چينُ، ڪٽان آٽيان؟

مُکڙي ناهيان، ماکَ رُئي مان مُرڪايان مَنڙو،
روئي، روئان،
ٿهڪي، ٿهڪان، چينُ، ڪٽان آٽيان؟

مُنهنجو جِيوَنُ جگ مَگ جاني چوماسي وانگيان،
بعضي باران،
بعضي طوفان، چينُ، ڪٽان آٽيان؟

نينڌ بہ لاتم، پيچَ بہ پاتم، پيارَ بہ ماڻيم پَر،
تو بن تڙپان،
تو سان جهُومان، چينُ، ڪٽان آٽيان؟

سوچَ، سِکَڻُ سيمابُ "بخاري"، سو مان سيمابِي،
هلندي صَدمان،
سُمهندي سَپنان، چينُ، ڪٽان آٽيان؟

●

سيماب: پارو (بي چين).

●

دوستَ مَٽيو دَرمانَ، دَم دَم درد مَٽِن ٿا دؤرو!

مُنهن مُنهن جي مَضمون مٿان هي، آنسُن جا عُنوانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

هِتڙي هيرَ – پَري ڪيئن هلندي، دڳ دڳ تي دُوفانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

گهَر گهَر ۾ گهَمسان گهُسِي پيا، دَر دَر تي دَهمانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

ماڳ مَلارُن لاءِ اُڪاسِي، تَڪ تَڪ دِيپڪَ تانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

ڪاهِي پيا ڪَلياڻَ مَحل ۾، ڪيڏارا ڪيڪانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

تو، مُون کان پو تُنهنجا، مُنهنجا، او، ناهيون مهمانَ!
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

کنڊَ گهَروندا، هٽندا بَمَ جي، اَبهَمُ ٿِي اِنسانَ،
دم دم درد مٽن ٿا دورو!

آڇِي ڇَڏ "استاد" عوامِي، آنڇَرَ اَمُن، امانَ.

●

آنسو: ڳوڙها. ڪيڏارا ڪيڪان: ڪيڏارن جا گهوڙا. کنڊ: براعظم.
گهروندا: مٽيءَ جا گهر، مٽيءَ جا ڍڳ، ناپائدار گهر.

•

سو مون کي سَجنيءَ بنا، چَئہ تہ اچي ڪيئن چينُ!

ليليٰ لُونءَ لُونءَ، قيسُ پُڪاري،
مَجنونءَ کي مَجنيءَ بنان، چئَہ تہ اچي ڪيئن چين!

واهڙُ ڪهڙو ڪَنڌيءَ ڌاران،
ساهَڙ کي سُهڻيءَ بنان، چئَہ تہ اچي ڪيئن چين!

مارُل مالُ، مَلير مِڙئي هِڪ،
سانگين کي سِنڌڙيءَ بنان، چئَہ تہ اچي ڪيئن چين!

اوتُون، جوتُن ريءَ اڌوريون،
بادل کي بجليءَ بِنان، چئَہ تہ اچي ڪيئن چين!

گيتَ سوا "اُستاد" نہ سوچيو!
ڪرشن کي بَنسيءَ بنان، چئَہ تہ اچي ڪيئن چين!

•

قيس: ليليٰ جو عاشق، مجنونءَ جو اصل نالو.

ڊوها ڊاڪٽر

○

هرجا هيجَ حڪيمَ، هاڻُو پڻ هَٽ هَٽَ،
جَر ٿر، پڌَر پَٽ، 'دارُون - دارون' هُوڪِرا.

○

ڳؤرا روڳي ڳَٽَ، ڳچيءَ ۾ ڳڻ ڳوت کي،
اوڇي، ڇوڇي ڇَٽَ، سُرها سهجَ ڳهيو وڃي.

○

هَٽ هَٽ نيمَ حڪيمَ، هاتِڪ پڻ هَٽ هَٽ،
گهايل ڳولن گهڻگهُرا، گهاتڪ روڪن گهٽَ،
ڪاٿي ڦٽڪن ڦٽ، ڪاٿي مَرهمَ قيد ۾.

○

هنڌ هنڌ آڌ حڪيمَ، هنڌ هنڌ وڌِ هوڪا،
دوائون دردن وتيون، دلاسا ڌوڪا،
ڇَني ۾ ڇو ڪا، سگهائِي سِرجي نہ ٿي؟

○

هڪڙن وٽ هَٽ جَسَ، هڪڙن وٽ هَٽ کسَ،
پرکڻ تنهنجي پُرجهہ ۾، وسهڻ ويسه وسَ،
ڏوري پُورا ڏسَ، پيڙُنِ پاڙَ پٽائبي!

○

هَڄين نيم - حڪيم! رَڄين نہ ٿو روڄ مان؟
ڀرمائي ڀوپا ڪرين، ڀسم دودا، ڀيم،
اهڙا دؤر عظيم، ٽئوڻن ۾ ٽاريو ڇڏين!

هاتڪ: حاذق، قابل حڪيم. گهاتڪ: قاتل، جلاد، خونخوار.
هَٽ جَس: شفا، هٽ شفا، سَڀ. هَٽ کس: ڦر لٽ، ٺڳي.

○

جاچڻ جراحن چڏيو، جهُوڻيو وجهن جهاڙ،
پيڙ نہ پَٽِن پاڙ، تاڙنِ مَلم تاچرا.

○

ڊوها ڊاڪٽر، تنهنجون قَهر 'ڪِلينڪون'!
ڏنئرا ڳوڏن جا ٻَڌين، سوگها منجهہ سنگهر،
سيني سرڪايو چڏين، ڪارا ڪاريهر،
"ماڻ ڪريان تہ مُشرڪ ٿيان، ڪچان تہ ڪافر."

○

ڊَوَڻگي ڊاڪٽر، ويري تنهنجا وَنگ!
ڦاسائين ڦندا وجهي، اُڏرندا اڙينگ،
انجيڪشن جي آڙ ۾، ڏنيين، مارين ڏنگ،
پيارين زهري زنگ، پيلو پنڌ ڪريو چڏين.

○

انڊا عطائي، ڪُوڙا ٽئوٽا ڪيترا؟
سُرڪا، سِيرُون، مالشون، سيڪا سَنسائي،
ويڃاڻي وائِي، تون ڇا ڄاڻين توہرا؟

○

ڪُهنا قاصائي، وي تو، سُونهن ودي چڏي!
دقيانوسي ڏوڙ جي، تنهنجي چتن ۾ چائي،
گهِڻي گهڻي گهائِي، ڪَڻي تنهنجي ڪات ڪان.

جهاڙ: ڦيٽو. شوڪارو. **تاچرا:** اتاچرا، سطحي علاج.

o

تعدي ياڻء تُڪا، ڏنئرا ڏڏ ڏنيين جي!
هٽج هِڪ تِڪ حاذقا، تيٽي مرض تُڪا،
يُلجي ڪين يُڪا، سُيون، سُرڙيون سوچ ري.

o

اندر چِلر چَتَ، بَهڪن پَتيون ٻاهران،
جاڻي واڻي جَتَ، ڏاڏا ڏاها ڏيهه جا.

o

'وَڊ ڪَٽ تئيٽر' هي جڳت، ويتر تئي وَڊ ڪَتَ،
وَڏن ويڏنَ، ويل مان، ڦٽن منجهان ڦَتَ،
پوپي پيڙن پَتَ، سا ڪا دؤرَ، دوا ڏجي!

o

تُڪا: ڪن درگاهن تي مريدن جي ڏورن کي ڏنيي مُهر هڻن، تن کي 'تڪا' چئجي.
تيٽي: جاچي، چڪاسي. سُرڙيون: ماتا کان جيڪي سيون تڪن طور هڻجن.
تئيٽر (انگريزي): جڳهه، ڪوٺي، ماڊو.

وائي

سُورَ سُٹا سَهسایان! چو سَهسایان؟

نَنگا نِینهن، اُگهاڑا اُلکا، پَڑویلا پَهرایان!
چو پهرایان؟

وڇڑیل، وکریل چچریل آهیان، چئنچل دل چورایان!
چو چورایان؟

پیارُ ملي دِل پَرچي، پَرجي، پِیڑُن ۾ پرچایان!
چو پرچایان؟

آجو هیجُ "بخاري" جهُومي، جهوبُن ۾ جهُومایان!
چو جهومایان؟

●

* پڑویلا: پردا، اولا. جهُوبن: ڏکن، زخمن، گهاون.

ويڄ وڏا وهوا

○

ويڄَ وَڏا وَهوا! نُسخا تنهنجا نانءَ چڙهيا،
لُونءَ لُونءَ جي لُڇَ پُڇَ کي آڇين نَحس نشا،
وَهمن ۾ ويڙهين، ڪرين لوچيندڙ لاشا،
ڇو ڇو ۽ ڇا ڇا، ويچارن وسري ويا.

○

ويڄ وڏا وهوا، بانوَر تنهنجا بي بها،
ويهينءَ صديءَ تي وجهين پهرينءَ جا پاڇا،
ڄاڻين، ٻُجهين ڇا نہ ٿو: سُرڳ، سڳڻ، سنسا،
بيشڪ تون باشا، داڙُو، دعويٰ، دعي مدعي.

○

وهوا ويڄ وڏا، ڏَڏَن جا ڏاڏا،
اچي آڏو تو آڏيا، ڪيڏا ڏَنڀ – آڏا!
جوڏا، جُنگ، جَڏا، هڙئي تنهنجي هوڏ ۾.

○

واڇَ، شَعوري وَهڪ، ٻڌڻ لڳو ٻوگهُہ ٿي،
ٽاڻي، ٽاڻي ٿَهڪ، ڏِنا انڌي هوڏ تي.

○

ڇَسو – هانءُ ڇلي، ڀرمي هر بيمار جو،
بيٺِي خلق کِلي، ڏِسيو اُلٽي ڏَسَ کي.

نحس نشا: نياڳا نشا. داڙو: وڪيل (ايڊووڪيٽ). بيجا هوڏ: غير واجبي ۽ اجايو ضد.
ڀرمي: سنسائي، وهمي.

○

زوري زوراوَرُ، هوڪو ڏئي تہ حڪيم مان،
دوائون دولابُ ڏئي، بَڪرائي باوَرُ،
نہ تہ پو ننڍآور، گوليون چُوٽ ڏيو چڏي.

○

ڪيو ڏهن ذليلُ، اُهو زور زَتي چڏي،
اُلو، ڏڏُ، عليلُ، اُتي: افلاطون مان.

○

لِڪرائي لقمانُ، بَڪرائي بقراط ڪو،
وڪٽائي وهمي وکر، سَنسائي سامانُ،
دولابي درمانُ، دوا، دردَ ڏيو چڏي.

○

وايا، ڏايا ويجَ، ڪاڏو تنهنجو ڪوپَ ڏي!
چوچا، وجهين چيجَ، سڙهيو سينو سونهن جو.

○

حاذق، تنهنجي هُوڪَ، هنڌين ماڳين هيتري!
ڏارين دارُون ڏوڏَ جا، مارين مُڙسَ مَلوڪَ،
پنيون، پينگون پُوڪَ، هڙئي تنهنجي هيج ۾!

○

وڏا ڦندَ وَڏن، ننديا منجهہ ڦڏن،
ڪُتا هوڏَ هَڏَنِ، بِلا، پُوتَ دکيءَ ۾.

زتي: زت هٿندڙ، وڏو ڪوڙ. اُتي: چوي. وايا: وڊيندڙ. ڪوپ: قهر، ڪاور.
چوچا: وچڙندڙ بيماري، ڪاهل، سست. پوڪ: بيوقوف، پاڳل.

○

هوڏان ڄَٽ پَڏن، هوڏان ڦَٽَ پَڏن،
ٽئوڻا ڇو نہ ٽَڏن، ڦِيڻا، ڦُوهہَ ڦُلار ۾.

○

ڪُٺيس، توکان ڪيڪڙا، تون ڪيئن تَن طبيبُ؟
مُٺيس، هوءِ حبيبُ، هاڻُو جيڪو هانءَ جو!

○

اُٿيس ڏُکن کان ڇُٽان، وَنگيس ڏيهَہ - ڏَجهن،
گهيريس، گهُٽيس، گهوگهيسِ ويتر ئي ويڌَن،
”ڪُٺيس ڪُويڄن، تَن - طبيب نہ گڏئا!“

○

لاٿا هانوَ لَڏنِ، ڏسي ڏاها ڏَنج ۾،
دواخانا دُور ٿيا، آڏو ڪوڙ آڏنِ،
”ڏَئي ڏنيَ ڏڏن، پاڻان ڏيل ڏکوئيو.“

○

ڪيڪڙو: سرطان، سمنڊ جو هڪ ننڍو جانور. هوءِ: هجي، بنجي.

ڏڏن ڏنڀن وچ ۾

○

اوکا عشقَ علاجَ، اوکيون اکينِ عادتون،
اٿندي ئي "استاد" کان وسريا رسم، رواج،
حُسن بنان هاجَ، سوچيان، ڪابہ سُجهي نہ ٿي.

○

اکيُن منجهہ علاجُ، "بخاريءَ" جي بُک جو،
مَنَهن نيڻ مِٺا چوان، ڪَجل سمجهان ڪاجُ،
منهنجي سِڪ محتاجُ، جانب تنهنجي جُوهہ جي.

○

بِرهہ ڪري بيمارُ، نہ ٿو هِنئين هيج کي،
عيش ڀلي "استاد" چئہ، عشق نہ هو آزارُ،
عُمِر ڀَر اوجارُ، پرين تُنهنجو پيار هو.

○

اهو جيڪو عشق آ، عزيزو، آزارُ!
اهو هو "استاد" جو عُمِر ڀر آڌارُ،
جيڪو جِيوَن - يارُ، سو ڪيئن سڏبو اوپرو!

○

اوريان دل جو حالُ، دلبر ويدُ ملي نہ ٿو،
وجهان پنهنجي سمجهہ ۾ پُورَ "بخاري" پالُ،
ڀَڀر ۾ ڀونچالُ، نَظر ۾ جهِرڻا ڦرن.

پال وجهڻ: پچائڻ (ڪوبہ ميوو پچائڻ لاءِ تجويز سان بند ڪري رکڻ). **ڀونچال:** زلزلو.
جهرڻا: آبشار.

○

سَليان سِڪَ حوالُ، حاذقُ هوتُ ملي نہ ٿو،
الا، شال ڪٿي نہ ٿئي حڪيمن جو ڪالُ!
ڦاٿس جو في الحال ڏڏن، ڏنين وچ ۾.

○

گهُرجن موتئي گُل، پهچن ڪَنڊا ٻاٻرا،
هي سڀ هاسيڪار ٿئي، ويسر، ڀرم نہ ڀُلَ،
"بخاريءَ" جا بُلَ، ساجَن سمجهيون جهُومريون.

○

گهُريَم گلدستا، چُهٽيم ڪانڊيرا،
آءٌ "بخاري" اوريان، هُن پاران هِيرا،
ڇِيرن تي ڇيرا، مون کي ڏُک ڏئي ڇڏيا.

○

مَنگيم مَلم، تو ڪئي ٻَهلي دِل ٻيرا،
چاهيم هانءُ ٺري پرين، جلايئہ جيرا،
کيجَ ٿيا کيرا، هيجَ "بخاري" هَڄَ ۾.

○

مون ٿي ڳايا راڳ، آنجهيءَ مانجهيءَ ماڳ جا،
آزادي – آواز کي دنيا ڏنا داڳ،
"بخاريءَ" جا ڀاڳ، جهونجهارا جاڳي پيا.

○

ڏاهن ڏني ڏات، ڏڏن ڏنا ڏنبيَ،
اٿي پئي "استاد" چئي هيڏان، هوڏان رَنڀ،
مَنهن، ٿلها، ٿنڀَ، هوڪا ساڳيا حقّ جا.

ڀرم: سنسا، وهم. هِيرا: طعنا، تنڪا، ڏکائيندڙ جملا. کيرا: سَن، بي ستا.
کيج: موج، خوشيون، لطف، مزا.

○

ڳولڻ ويڇ لڳا، ڳونڍين، ڳلئين روڳ ڪي،
ڏسي حَقّ - حڪيم ڪي موذي مرض پَڳا،
دَر دَر نادَ وڄا، آزادي "استاد" ٿِئي.

○

قرب نہ چئہ ڪوجهو، آڳلو عشق نہ هو، ميان!
سَڀ نتيجو نينهن جو حُسن هِتي هو جو،
برهہ ڪنيو بوجو، جهُومِي سُونهَن - سَنوار جو.

○

عشق نہ عيب نہ عارُ شوق نہ لولو، لنگڙو،
سيني وصفين سوهڻو، سُوڏو، سڳهو پيارُ،
سوئي مُور، مدارُ، "بخاريءَ" جي يُونءِ جو.

○

"بخاري" بيڪارُ، ڪانهي ڪابہ أڪير جي،
نظر، جِيءِ، جِگر، دل برهہ ري بيمارُ،
ايڏو ٿم آدارُ، جيڏو سِڪڻ ساهہ ۾.

○

أمنگُ ريءَ أڪندَ، "بخاري" بازيون ڪري،
ماندي بزهماند ۾ ڪيڏن جئين ڪندَ،
مَندن متان مَند، آءٌ وڪوڙيو واڙو.

○

آڏو رهبر آرزو، پويان رهزن پَٽ،
ڏڻئون. موت، حيات ڪي وينِي ڪاڏئون وَٽ،
سُرتيا ماري سَٽ، ٻاڻان لاٽ جهٽي ويا.

آڳلو: ڳدلو، ميرو. مُور: مَنڊ، بنياد. مدار: انحصار. ماندي برهماند ۾: سنسار جي پنڊال ۾. ڪائنات جي سائبان ۾. جنهن تي گردش ڪجي. ڪندَ: براعظم. واڙو: حيرت زدو، اچرج ورتو. پَٽ: ڇڪ، سَٽ. وٽ ڪائڻ: ڪرياڪ بيقراريءَ جو اظهار ڪرڻ.

ناهي ڪو ناسور *

o

ناهي ڪو ناسُورَ، اُٿڻ ساڻ علاج جي،
دنيا، دردَن مان دَنگي، نڪري پهتي دُور،
ڀَلو ڀَلُ ڀرپورُ، اڳي کان اڳرو لڳي.

o

الڀ ناهہ علاجُ، دنيا، تنهنجي درد جو!
اُتريو ڪاٿي اُڀَ تان؟ سِنجريو هِت سماجُ—
ڪنهن کي پينگهو سَهج جو، ڪنهن کي ڏُکندو ڏاج؟
روڳي، رَد رواجُ، تَر ۾ تڳندو ڪيترو؟

o

درد، دوا، دارُون، صدين کان سنسار ۾،
مُڙن مرض نہ ٿا، مَڃن حاذق ڇو هارُون؟
ڪندِي ڪُوڪارُون، اُسري آئي ارتقا.

o

دنيا، درد نوان مَڙهي، دؤرُ نوان دارون،
ڏُکنِ ۾ ڏارُون، وِڄائون وجهنديون هلن.

o

'ايڊزي' آزارَ، لُوطي لرزائي ڇڏيا،
ڀيري فطري ڀڃڪڙي، اُڇلي ۾ آجهارَ،
ويچارا بيمار، جهوريا پنهنجي ڪارِ کان.

* ناسُور: سرطان، ڪينسر. پينگهو: هندورو.

o

نِپنا روگ صديون هتي نِرجا ناسُوري،
مَڙهِي ماڻهن تي وَئي مُوذي معذوري،
ماڳان ماموري ڪوري ڪيبي حاذقو!

o

اڳ ۾ اهم اُپاوَ، اُپڙن درد، دوا ڪجي،
اُٺئ ڪان اڳ ۾ اُجهن اوٿر، اُلَ، اُلاوَ،
گهنگهر، گهوگها، گهاوَ، پهرين پاڙ پٽي چگي.

o

قائم ڪج ڪِري، دائم درد تڙين جي!
ويجهو وڃ نہ وِهُ ڪي، جنهن ڪان بُت بِري،
هيڪر هيرَ هِري، موتي مُڙندي موت تي.

o

وِيندڙ جي وَيَ، جهيري، جوڙي جِيوتون،
ڏسي آس، نراس ۾، ڏاها ڏَيَن ڏَيَ،
ڪارُون، بِارُون ڪَيَ، بيماريون پڃنديون وڃن.

o

ڏِيلن ڏُک نِپوڙيا، پيڙون پيڙن پنڌ،
هينئين ٻوڙيون هُرکرون، ڪِيلِيُن واري ڪِنڌ،
ٿُڪي ڪاتِي تِنڌ، اڳهن اهنجَ – انگور جي.

ماموري: وچڙندڙ، مهلڪ بيماري. بِري: بيزار، پري رهندڙ، آجو. هير: عادت
تِنڌ: آکڙ، وڏائي.

○

تَپن منجهان تاوَ، پِنڊن مان پڌرا ٿيا،
گِيها گهَرا گهاوَ ٿيا، اُلون عامَ اُلاوَ،
ڀميٽ ڀڙڪا ڀاوَ، ڏاها، ڏسَ ڏڪِي ويا.

○

آيا خاص علاج، ويا سُورَ سماج جا،
دولهہ دؤر نئين کَي، ڏينهن ڏنا ڏاج،
ڪمِي، ڪڙمي، ڪاجَ، جرڪيا جُڄَ جهان جا.

○

سدائين سرطانَ، هوندا هينئن نہ لادوا،
تحقيقي ترياق ڪي ڳوليندا ڳڻوان،
ايندا دردن کان اڳي، دردن جا درمان،
آئيندا انسان، هوندا هيج هزارها.

○

پَهتا تَنَ طبيبَ، موذي مرض مُسي ويا،
رهزن رد رقيب ٿيا، سڄڻَ قربَ قريب،
ايجها آؤج عجيب، محبت، مؤجون، مارڪا.

○

گيها: هلڪا نشان، داغ، ليڪا.

وايون

خُوشبُو تُنهنجي لهندِي ڪَلّ! ڪيسيتائين؟

هِيرَ هَجِي پِئِي، بُوءِ پُجِي پِئي،
جهولن ڪي ڪا جهَل نہ پَل، ڪيسيتائين؟

"هوڏان باهہ تہ هيڏان پاڻي،"
جيلَ ڪُليل ۾ قيد ڪَنوَل، ڪيسيتائين؟

ڪارا ڪُنگرا، ناسِي پَهرا،
ڳرندا تَن ۾ ڳاڙها ڳَل، ڪيسيتائين؟

مُومل سادِي، سُومل شودِي،
سوڍو سوچي ٿيڏي ٿَل، ڪيسيتائين؟

سونُ تہ چا پَر سيڻ ڪجن پيا،
ڏاتِي ڏِيندا آهڙي ڏَل، ڪيسيتائين؟

سيمَ سموري ٽلٽي، ڪَرڙي،
پُونءِ پَلڙ تي خُونَ خَلل، ڪيسيتائين؟

هاءِ زمانا، تُنهنجي هوندِي!
هِيسيل راتيون، ڏِينهن ڏنل، ڪيسيتائين؟

آجا اوڄَ "بخاري" اوجهي!
مَهڪيا مارُو، بَهڪيا بَل، ڪيسيتائين؟

●

سيم سموري: دنيا سڄي. اوجهي: اوجهو، اوهيو (اشارو سامهون)

●

سَتجي سَتجي سُورَ، آوارا،
نيٺ تہ سينو ڦاڙي وجهندا.

چولي چولي دريا بنبا،
پَلبا پلبا پُورَ، پيارا،
رڻ پٽ ريج، لتاڙي وجهندا.

ٺيڪ نہ ساڳي ٺيڪيداري،
جن جا جهُوپا جهُور، سگهارا،
تازا، رازا تاڙي وجهندا.

پوڙهيون سوچون پويان پاڇا،
أيري ننديڙا نُورَ، نيارا،
سومهڻيءَ کي ساڙي وجهندا.

آريچا، پاريچا پرچي،
ڏرتيءَ جا پرپور، سهارا،
ڏوڏارا ڏونڏاڙي وجهندا.

ايرادا "استاد" اڳاهان،
مرد أڻي مشهور، متارا،
پنهنجا واعدا پاڙي وجهندا.

●

آوارا: پتڪڙ. آريچا، پاريچا: (درياءَ جي) اورين پرينءَ پر وارا.

•

او اهڙو ويرو! پاڙئون پيڙ پَڪي سَڪيون!

پيلو پندو جُوءِ جو، جلي پيو جيرو!
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

خوشيون ڇو ٽيون ڪوڪليون؟ ڪيڇُ بنيو ڪيرو،
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

اوڪن آزارن ۽ ڪيو، اندر آڪيرو،
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

جيون جيءَ گڏيو جِتي، ڏنين جو ڏيرو،
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

نعرو دَور نئون هٽي: درد ڪٽي ديرو،
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

اوتارو "استادَ" ڪو! ڦڪِي ڪو ڦيرو!
پاڙئون پِيڙ پَڪي سَڪيون!

•

ويرو: وقت، دَور. ڪيرو: سائو، بي سَتو. ڏيرو: ديرو، آستان. اوتارو: ٽوڙ، تِرياق، علاج.

آسارو اڪسير

○

آسارو اڪسيرُ، هِڪ ٽِڪ هيج حبيب جو،
”استاد“ آءٌ آڌير پر سڄڻ ساڻ سڌير،
منهنجو ساهه، سرير، جانِيءَ جَن جي جند سان.

○

مريض آ مايُوس پر ماهِر نِرَهُه ناهِه،
اڃا آسَر آهِه، حيلو هوءَ حبيبَ جي!

○

ڦٽيا انگ ڇُٽي ڦُٽا، ڪَٽيا ڪين ڦُٽا،
ڇانگيا ڏار ڇُٽا، ڳنڍيا ڳاٽ کڻي اٿيا.

○

ميان ’سرجن‘ ماڙ! صحيح سُور سڃاڻجو!
چڳون، چوٽيون چُور ٿيون، رڳون، ٻُوٽيون راڙ،
اڻ هوندائيءَ جا اٺسٺا، ناڻيَ بنا ناڙ،
جيئڻ جن جوَ جاڙ، تن جي تات تنوار ڪا!

○

سمجهَه - سگها سَرجن، سِرجن پنهنجي سنڌ ۾!
چيتاري چيٺنِ اگها، ويچاري وڍجن!
ٿُٽا ٿِڙڪيا انگڙا، ڳوپَ هڻي ڳنڍجن!
ڌِيانين ڌرجن، نُسخا نئين دور جا.

آسارو: آسرو، سهارو، اميد. اڌير: بي صبر، بي سهاري. نِرهه: نااميد، مايوس.
سرجن (انگريزي): جراح حڪيم. ناڙ: تباهه.

○

وِڌو روڳَ وڳوڙُ، وَڌيو وِهُہ رڳن ۾،
تڪڙو تَن - طبيب تون، تاڙج تَنهن جو ٽوڙُ،
جيتر وڃي جوڙُ، جاني، جيءُ جٿو ٿئي.

○

رڳ تي هٿ رکي، سياڻو سُور سَهِي ڪري،
ڇُوڇو چَم ڇُهي گهڻو، چاهت ڪين چکي،
آکي لوڇ لکي، ڏسيو، سو ڏاهو ڪٿي؟

○

هو جي تُنهنجا هورَ، پريندي پرکي وٺن،
تڪڻ ساڻ ڪري وڃن توانائيءَ تورَ،
ٽهڪن مان ٽوهي سگهن پاٽيءَ جيڏا پورَ،
اُنهن سان ڪر اور، سُڻن هُن هِنئين سين.

○

اوٻارو ئي اورَ، سُڻن سيڻ سُڻڻ ري،
تِکا نيڻ لکي سگهن جهُولڻ منجهان جهور،
هِنئين ڦٽڪن هورَ، ڪئين سَٿجن سانتِ ۾؟

○

جي تو سليا سُور، سُرتئي تَن - طبيبَ سين،
سُرتئي تَن طبيب جا تون پڻ پُرجهج پُور،
ٻِنهي جي ٻاڦورَ، ٻئي ٻپيري نہ پَئي.

ٽوڙ: اوتارو، ترياق. جوڙ: صحت مند، ٺيڪ. ڇُوڇو: خالي، سڪڻو، ٺلهو، سُست.
آکي: نظري، ڏيسي. ٽوهي: ڳولي. پاٽيءَ جيڏا پور: اندر جا وڏا خلا.
اوٻارو: اندر جو اوٻارو، ٻڙڪو. ٻاڦورَ: راز جي ڳالهہ، ڳجهي ڳالهہ.

○

سَلج سارو سُورُ، سُرتئي تَن- طبيب سين،
تشخيصون تفصيل سين، تدبيرون پَرپور،
ماندیون مالِي حالتُون، مسڪينيون مجبور،
ڏُکر ٿيندو ڏُور، سُکَر ايندو سنڌ ۾.

○

تشخيصون: مرض جون شناختون.

وایون

دَردَ کرین تو دَڑُون دَڑُون! دوست، دلاور دوا، دُعا!
دوا، دعا!

محفل پنهنجي مَچي رَچي!
هرڪو موڪي هَڙون، وَڙون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

سوچُون لوچُون سَچيون پَچيون،
سَنسَن ۾ چو سَڙون سَڙُون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

آزارن سان آگها، سَگها،
لوڪو، گَڏجي لَڙُون لَڙُون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

ليلي، لِيلا جُدا آدا،
گهَر گهَر پنهنجون گهَڙُون گهَڙُون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

مُرڪون تُنهنجون مِنيون مِنيون،
ماڪي، مصريءَ تَڙون تَڙون، دوست، دلاسا دوا، دعا!

سُونهَن، سچايون، پَلاڻيُون،
جانِي، جيوَن جَڙُون جَڙُون! دوست، دلاسا دوا، دعا!

سُونهَن صحيفا لِکو، لِکون!
پيارُ "بخاري" پَڙهون پَڙهون! دوست، دلاسا دوا، دعا!
دوا، دُعا!

•

دڑ ڪرڻ: دبائڻ، تنگ ڪرڻ، تڪليف ڏيڻ. جڙون: بنيادي ڳالهيون، پيڙهون، پاڙون.

•

دردن جا دھمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

اٽندا آرئون، ايندا پارئون،
دل وارا درمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

شالَ مرادون، شاديون ماڻن،
مانَ مَرن ارمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

واچُوڙن جان وِکري ويندا،
گوندر جا گھمسانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

دائم قائم دلبر دنيا،
موڙَ مڙئي مھمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

دَور ئي درد ڏين ٿا دلبرَ
دَورَ ڪندا درمانَ، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

زنده باد "استاد بخاري"،
جوش نوان جولان، جانِي جانانَ، ايندا، ڏيندا دل جو دارون.

•

•

کينءَ خوشاليون کوڙَ، ماٺهو، مانِ مهان ٿي!
ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

ڇو هي هورَ شعور ۾؟
ڇو هي ويلَ وکوڙ؟ ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

پولارن جي پيٽ ۾،
ويڙهين کوهَ وڳوڙ؟ ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

لولي کان وڌ گول ڇو؟
ايٽم بم جي لوڙ! ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

سالم سَگهه سهيڙجي،
روڳيءَ وجهجي روڙ! ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

سونهن، سچائي، بهتري،
واسَ، وَرن جي ووڙ، ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

"استاد" آهي اِڇا اها،
جيئي جانِي جوڙَ، ماٺهو مان مهان ٿي!
ماٺهو، هانِ مهان ٿي!

•

کينءَ: خيريت، صحت. سالم سگهه: ڪمائڻي طاقت.

●

لُونءَ لونءَ لالائِي، مِلندي صِحَت صَحيح سين،

وجهليا ڪَليُون، ڪاڪڙا، ڪَکَ ڪَڙا کائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

ڏُٻرا ڏيل، ڏَرا اکيون، سَنڌ وَتا سائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

جامِي مَنجهه جَرّاحَ جِي، ڪي جي ڪاسائي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

آرهائِيءَ مان عاشِقن، سُونجهِي سَرهائِي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

کيرُون هِيرَ کڻي هلي، وَڻ وَڻ واڌائي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

آزادِي "استاد" ڏِي، آئِي ڪِي آئي،
مِلندِي صِحَتَ صَحيحَ سين.

●

[1] وجهليا: ڳريا، ڪڙهيا، جليا. سائِي: (ذرقان) جي بيماري. کيرون: واڌايون، مبارڪون.

●

دلداريون، دارُون،
ديولڻ جون ڌارُون، سرتيون، سُورَ سڙي ويا!
دانهُون دَردوَندا ڪندا، ڪيسين ڪَنَ ٽارون؟
مُنهنجي مَحبُوبن ڏنيون، مَرضن ڪي مارون.
مِلندي مَنارن ٿيون، تَپشُون تَهبارون.
"دَر دَر دَرد ڏِکارجن،" لوءِ لوءِ للڪارُون.
ايندي ديدَ، دَوا وِڏيُون، ڏُکندي مِ ڏارُون.
آديون ڙي "استاد" کي، ڏرتيءَ آڏارُون.
سرتيون، سُورَ سَڙي ويا!

●

ڌارون: سهارا، پناهون. تهبارون: ڇيهون ڇيهون، ٻرڻا ٻرڻا.

ثاني سرجٹھار

ثاني سرجٹھارَ، باني ستَ سَچارَ جا!
اصل اُپجي عشق کان، اُپڑي تو آڌارَ،
سونارا، اوجارَ، توکان ساهَتَ ساهَ جا!

سو مون سرجٹھارَ، پُرجهيو تو ۾ پارکُو،
نوان نوعَ نِکار، ڏيندو آهين ڏاتِ کي.

مَهکيا مَهکائين، ويتر وِترا ويرَ تون!
سَمجهڻ، سَمجهائڻ جو سالڪ تون سائين!
جيئن پو جَرکائين، شيکسپيئر، شاهه تون.

"مَتو آهين مَچُ"، نفسُ هو نروارُ،
پر توئي پرمارُ، مُوڌي مَچُ ڪري ڇڏيو.

مَحبت، مَحبت سان يلي ماپ مِٽا او مَن!
"مَن سي مَن کو تولئيي، ڪبهي نه هو دومن!"

هرهڪ نَظر هَٽ ۾ پنهنجي ڪَسَوٽي،
چَمڪي ڪائي ڪُندَ ٿي باقي ڪُل ڪَٽي،
گهُمي تو به گهڻي، ساهَت جي سنسارَ جي.

سَهڪي سَرجٹھارَ، ساگرَ سِيرَ اُڪارَ ڪئي،
چاچوليُسِ چا چولينِ، مَنڊيُسِ چا منجهڌارَ!
ڪنڊي تان ڪَرتارَ ڏسين ڏاڍيون ڏاهپُون.

ساهَ: پيرن کان سر تائين سڀ ڪجهه (ڪهن جو پورو سيٽ).

○

نہ هي ڪپڙي ٿانَ، نہ هي پاپا، پانَ،
ماپيندين ميزانَ، محبت، محنت ڪِيئن تون!

○

ٿَهڪن، ٿَهڪن ٿاڻَ، ٿڙڪن، ٿڙڪن ٿاڻَ،
ميان، ڪهڙي ماڻَ! ماپيندين سڀي محبتون.

○

لفظن سان لهرُون مَئين، قياسَن سان ڪِرڻا،
جُملن ۾ جهِرڻا، وو هَي وَٽَ، وَٿُون ڏسو!

○

تورين ٿو تنقيد سان، تَڙپَن جا طوفانَ!
جَن سان شامل شوق جا بي روڪا بارانَ،
ساهمي، سامانَ آڻيندين تون ايترا؟

○

ڇُٽا ڪهڙي ڇوهَہ سان، ڪُتا ڪاٿي ڪانَ؟
ڪهڙي ريت ڪَٿُون ڪرين، تن جون نگهبان!

○

مڻن کي ماسا ڪَهين، ماسا چوين مَڻُ،
'پسند' 'نظر' چئِي وجهين تہ پڻ ڳڻجي ڳڻ،
باقي هيءَ بَڪَڻ: "مون جو آکيو آخري!"

○

آندر مَعنيٰ اک، ٻاهر صُورت ٻَکِ!
ماڪِي گهڻو ٿي مِٺي، چاهت چُوسِج چَکِ،
ماڳهن بنجي مَکِ، ڦِرندو ڦُرڙيءَ تي وتين!

ٿاڻَ: زمانا. ٿانَ: مڪانَ. باران: مينهن، برساتون.
پسند: (مقصد) پنهنجي پسند. نظر: (مقصد) پنهنجي نظر.

A Roshni Book
Poetry
Pakistan. Rs. 150

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڦُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جڙ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جڙ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سڀني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)